ABC Certified
سوجهرو
فيبروري 2012
سال:14. شمارو:155. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ سالياني قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

# وچور:

**لطيفيات:**
ايسٽرآئلينڊ ۽ سنڌ وچ لاڳاپو ڊاڪٽر عاشق البدوي

**نقطہ نظر:**
شاعري ۾ اشاريت... ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو
باغي شاعر - گدائي... رزاق بروهي
محبتن جو امين... جهانگير عباسي

**موسيقي/نقطہِ نظر:**
عارفاڻو سنگيت... ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

**سفرنامو:**
ڪشباش (ڏهين) ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

**طبعزاد ناول:**
قالو بلا (پهرين قسط) ڊاڪٽر رسول ميمڻ

**آتم ڪٿا (قسط يارهين):**
پاتم جهاتي جهان ۾... شيام ڪمار

**پرڏيهي ناول:**
زن مريد (تيرهين) ڪرن نگرڪار/ڊاڪٽر بدر اُڄڻ

**ڪهاڻي:**
اڪين ۾ ٻُڏي ويل دريا... پرويز
اڪيلائي ڪان بچي ويل ماڻهو... لياقت رضوي
شهمير خان... انور شيخ
ڏار ۾ لهي ويل ماڻهو... يونس همدم
انت بحر دي خبر نہ ڪائي... ناصر بلوچ/ننگر چنا
مختصر ڪهاڻيون... شيام ڪمار

**وائي/نظم:**
ذوالفقار گاڏهي، آسي بدر چنا، اداسي جکراڻي، يونس همدم، رؤف ڪوسو، حفيظ باغي، منور ملاح، شوڪت ڏماچ، علي محمد سولنگي ۽ مختيار سهتو.

**غزل:**
حليم جوش، رخسانہ پريت، حسين جاگيراڻي، چندر ڪيسواڻي، منير سولنگي، پريت گهمرو، رزاق بروهي، حنيف عاطر، اصغر سجاڳ، امين پٽو، هدايت ڏيپر، امين چانڊيو، ابراهيم ڪوسو، شير محمد هاليپوٽو ۽ حفيظ باغي.

## ٽچ مي پليز...

سنو شاعر عام تجربن جي ناياب ۽ سگنيفڪنٽ پاسن کي وائڪو ڪرڻ جي جاکوڙ ۾ هوندو آهي. جڏهن تہ وڏو شاعر تخيل ۽ احساس کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ سان گڏوگڏ سندن ذهنن کي پڻ متحرڪ بڻائڻ لاءِ ووڙيندو آهي.

شاعر جو احساس جيترو نفيس ۽ لطيف هوندو، سندس سونٽ پڻ ايتري ئي پختي، ذهن منظم، مربوط، رنگن ۽ خوشبوءِ سان واسيل هوندو. ۽ اهڙو شاعر ئي پنهنجي لکت ۾ ابدي عنصرن کي شامل ڪري سگهندو. سندس دلچسپين جو گهيرو وسيع ۽ گهرو نظر ايندو. ۽ سندس شاعريءَ ۾ اهڙا اميج ۽ عڪس ملندا جيڪي پڙهندڙن جي ذهن ۾ بہ ڪشادگي آڻيندا ۽ قاري انهيءَ اميجري ۽ عڪسي سفر ۾ شاعر جي تجربي سان هڪ ٿيندي نظر ايندو.

نقادن اميجينيشن کي، ورلڊ آف اٽرنٽي(لافاني جهان) ڪوٺيو آهي،

it is divine boosom into which we shall all go after the death of wegetated body.

مشهور نقاد، سي ايم بوورا، رومانٽڪ اميجيشن کي انساني امنگن جي ڏس ۾ وڏي اهميت ڏني آهي. هن انساني لاڳاپن جي نيٽ ورڪ کي ڏاڍو نازڪ ۽ گنجريل ڪوٺيندي اهڙي نيٽ ورڪ کي خارجي سطحن تي ڪا شڪل ڏيڻ لاءِ، جذبي جي گهرائي، پختگي ۽ معنويت تي زور ڏنو آهي. ۽ چيو آهي تہ فن ۾ عظمت ۽ مٿاهون درجو تڏهن ماڻبو، جڏهن اهڙي تصوريت جي پويان زندگيءَ جي اعليٰ قدرن جو سرشتو موجود هوندو.

”موت پڄاڻان فاني جسم جو مقدس پاڪر ۾ وڪوڙجي وڃڻ“ رومانوي شاعريءَ جو وڏو استعارو آهي. پوءِ پلي شاعر ڏني وائني نموني سان، انهن super values سان سڱ سياڪو قائم ڪيو هجي يا نہ. يا شاعر جي سڪيا ورتل ذهن، اهڙي قدرن کي قبول بہ ڪيو هجي. اهڙن قدرن جي تصوريت عظيم فن مان جهلڪندي نظر ايندي آهي.

ڪچو جذبو، ڪچي مال جيان هوندو آهي. جيستائين اهڙا جذبا پورهئي جي ڪيمياگريءَ طفيل پچي راس نہ ٿا ٿين، تيستائين اهي فڪري احساس ۾ تبديل ڪين ٿا ٿين. ۽ نہ ئي ذهنن کي نئين تازگي ۽ روح کي خوراڪ پهچائين ٿا.

رومانوي ۽ عڪسي شاعري ۾ حيات ۽ ڪائنات جي رمز جي پروڙ پوي ٿي، ڇاڪاڻ تہ رومانوي ۽ عڪسي شاعر رڳو شاعر ناهي، پر همہ گير ڪائنات جي مامرن جي پيچيدگين ۽ مونجهارن کان بہ واقف هوندو آهي، جيڪو نہ رڳو رومانوي احساسن جو عرفان عطا ڪري ٿو پر ان جي فڪر انگيز شاعريءَ مان زندگيءَ جا نوان قدر ۽ شعور جا سونهري عڪس بہ پسبا آهن. اهڙي شاعر آڏو ڪائنات جا غم، خوشيون، آدرش، روزاني جو ڪاروهنوار، ننڍيون ننڍيون نہ لڪائڻ ۽ لنوائڻ جهڙيون شيون ۽ ٻين ڪيترن ئي امڪانن جو ادراڪ هوندو آهي.

اهڙو شاعر طويل عرصي تائين پنهنجي پڙهندڙ کي حيرت ۽ اچرج، جستجو ۽ ازلي خوشي سان گڏ عميق بصيرت سان بہ همڪنار ڪندو آهي.

وڏو شاعر جذبات جي اطاعت قبول ڪندو آهي ۽ نہ ئي حواسن مان حاصل ڪيل ٻل تي قناعت ڪندو آهي. پر هو اهڙين شين مان پنهنجي فڪر کي شاداب بڻائيندو آهي. سندس شاعري محض جذبي ۽ علم جي شاعري ناهي. پر اهڙي روح جو داستان آهي جيڪو حساس هجڻ سان گڏوگڏ ڏاهو بہ آهي. هن جي شاعري ۾ ظاهري طور ڪو نياپو نہ هوندو آهي تنهن هوندي بہ هن جو تخليقي عمل ذهني ڪشادگي جو باعث بڻبو آهي. ۽ جذبي جي داخلي دنيا مان اڀڙڪو ڏيئي ٻاهر نڪري وسعتن ۾ پکڙجي ويندو آهي. ۽ پوءِ هو اهڙين وسعتن سان سڱ سياڪو قائم ڪري انفرادي تخليقي زندگي کي زمان ۽ مڪان سان همڪنار ڪري ڇڏيندو آهي.

اهڙي شاعري شديد حسياتي شاعريءَ جي زمري ۾ اچي ٿي. ۽ پنهنجي دائري کي تبديل ڪرڻ بدران وسعت، همہ گيري ۽ عموميت جو درجو ماڻيندي آهي. اهڙي شاعري رڳو حسي آسودگي نہ ڏيندي آهي پر ذهني اطمينان ۽ خوشيءَ جو باعث بہ بڻبي آهي.

**تاج بلوچ**

OFF: 021_37705502
021_34019264_5
CELL: 0300_9288496
0313_9288496
0332_9288496
E-mail:tajbaloch2505@yahoo.com
sojhromonthly@gmail.com

مئينيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايڊيٽر: تاج بلوچ
سب ايڊيٽر: فهيم سولنگي
آرٽ ايڊيٽر: حامد ڪبيري

آفيس ائڊريس:
بنگلونمبر 177 گل هائوسز بلاڪ 7
گلستان جوهر، ڪراچي.
فون: 5-021-34019264

آفيس ايڊريس:
بنگلونمبر: 177، بلاڪ: 7 گل هائوسز

خريداريءَ جا اگهہ:
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.

# ايسٽر آئلينڊ

## ۽ سنڌ جي وچ ۾ لاڳاپو...

ايسٽربيٽ 1722ع ۾ عيسائي عيد ’ايسٽر‘ تي دريافت ٿيو هئو ٻرندڙ جبل جي لاوا مان جڙيل پٽريلو ٻيٽ ڏکڻ سانتيجي سمنڊ (S.Pacific) اندر هڪ پتڪڙو ٽُبڪو آهي، جيڪو هر ڪنڊ توڙي تهذيب ڪان ڏورانهون بالڪل الڳ آهي. انجو پنهنجو لوڪ نالو ’راپا نُوئي‘ آهي.

ايسٽر آئلينڊ جا ٻه پنهنجا عجب اسرار آهن. ان ٻيٽ تي ڪي ديون جيڏا اوچ 600 ڪن بت آهن، جنکي ’موئائي‘ چيو وڃي ٿو. اهي 66-33 فٽ اوچا آهن ۽ هر هڪ جو وزن 50 ٽن آهي. انهن جي مٿن تي رکيل هر پھٽي ٽوپلي جو وزن 10 ٽن آهي. اهي ديو جيڏا بُت ٻيٽ چوڌاري سمنڊ ڏانهن منهن ڪيو پهريدارن جيان بيٺا آهن. انهن مورتين کي ڪنهن ڪٽي، گهڙي، ڳول ڦرندڙ ويلڻي ڏندن جي مدد ڪانسواءِ آڻي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي بيهاريو؟ انهن کي ڪنهن چلڪائي چمڪائي اُپو ڪڙو ڪيو؟ سندن ٽوپلا جن جو پٿر هڪ مختلف پھڻ کاڻ کان آندو ويو هو، تن کي سندن مٿن تي ڪيئن رکيو ويو؟ انکانسواءِ آخر انهن ديو جيڏن مورتين جو مقصد ڇاهو؟ انهن سوالن جو ڪو جواب ناهي.

راپا نُوئي جو ٻيو اسرار انجي ’ڪوهن رونگو رونگو‘ نالي لپي آهي، ان نالي جي معنيٰ ’ٻوليندڙ ڪاٺَ‘ آهي. 1864ع ۾، اوجين ايريان (Eugene Eryand) نالي هڪ فرينچ مبلغ پھريون ڀيرو سوين اهڙين تختين ۽ لٺين بابت ٻڌايو جن تي مُورتاوان اکر (hieroglyphs) اُڪريل هئا.

پوءِ انهن رونگو رونگو شين کي ساڙيو، غارن ڇُرن ۾ لڪايو يا ٻيڙين جي تختن طور استعال ڪيو ويو. اڄ دنيا ۾ وڃي 25 مستند قبائلي ڪاريگريءَ جا نمونا بچيا آهن جن تي رونگو رونگو مورتاون اکرن جي اُڪر جو ڪم ٿيل آهي. اهي اولهندي دنيا جي عجائب گهرن ۽ ادارن ۾ ٽڙ وکڙ ٿيا پيا آهن. پاڻ ايسٽربيٽ ۾ هڪڙو به مستند رونگو رونگو قبائلي ڪاريگري جو نمونو ناهي.

باقي بچيل نموني تي 2 کان وٺي 2320 مورت اکر اڪريل هوندا آهن. تمام رونگو رونگو نمونن جي اکرن جو تعداد 14000 کان مٿي آهي. مئن جي دڙي ۽ هڙپا جي لپيءَ جيان رونگو رونگو لپي ٻه ڪانه پڙهي سگهي وئي آهي.

نسلي علم جو جرمن ڄاڻو ٿومس بارٿل (Thomas Barthel) اهو پھريون شخص هو، جنهن هڪ هڪ مورت اکر رڪارڊ تي آندو ۽ لپيءَ جي اصولي خصوصيتن کي بيان ڪيو. هن ظاهر ڪيو ته ڪل مورت اکرن مان 120 خاص اکر آهن جيڪي 1200 کان 2000 گڏيل اکر ٺاهين ٿا. ان لپيءَ جي ٻي خصوصيت اها آهي ته رونگو رونگو جي هر ٻي سٽ ابتي آهي، يعني لپيءَ جي هر ٻي سٽ پڙهڻ لاءِ انکي 180 درجا ڦيرائڻو پوندو.

هاڻي اسرارن جو ٻه ابو ظاهر ٿئي ٿو. 1930ع ۾ هڪ هنگاري سائنسدان اهو دعويٰ ڪري دنيا کي تپرسن ۾ وجهي ڇڏيو ته ايسٽربيٽ جي رونگو رونگو مئن جي دڙي جي لپيءَ مان نڪتل آهي.

انکي ’سنڌو ماٿر مفروضي‘ جو نالو ڏنو ويو، جيڪو 15 سالن تائي هُلايو ۽ ملهايو ويو. پوءِ زمان ۽ مڪان جي حقيقت ڪارڻ ان مفروضي تان هٿ ڪنيو ويو. ان لاءِ اهو چيو ويو ته رونگو رونگو لپي جو استعمال ۽ علم اڻويهين صديءَ عيسوي جي وچ ڌاري ختم ٿي چڪو هو ۽ سنڌو لپي 2500 ق.م ۾ مشتمل هئي. ٻيو ته ايسر آئلين ۽ سنڌ هڪ ٻئي کان الڳ دنيا جي گولي ابتڙ پاسن تي آهن.

پر اهو ضرور چئبو سنڌو ماٿر ۽ ايسٽربيٽ جي لپي نشانين ۾ واقعي غير معمولي هڪجهڙائي آهي.






ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

*شڪل 1: de Devesy جون جوڙيل ساڳي ايسٽربيٽ ۽ مُئن جي دڙي جي ساڳي شڪلين جي پيٽ- اڪي انگن هيٺ سنڌو ماٿر جون شڪليون ۽ ٻڪي عددن هيٺ ايسٽربيٽ جون شڪليون ڏنل آهن. مئن جي دڙي جا نشان هڪ ليڪا ۽ ايسٽربيٽ جون نشانيون ٻٽي ليڪي سان آهن.*

ٺيڪ آهي، نشانين علامتن جي مشابهت رڳو اتفاقي هجي، پر هي حقيقت تخيلي قوت ۾ يقيني طور هلچل مچائي ٿي، مئن جي دڙي ۽ ايسٽرآئلينڊ جي وچ ۾ ايتري ويجهڙائي آهي ته ٻئي دنيا جي مخالف ڇيڙن تي بالڪل آمهون سامهون آهن. ٻين لفظن ۾ جي هڪ لوهي تيلو سنڌ کان دنيا جي گولي وچان لنگهائبو ته اهو مخالف ٻئي پاسي ايسٽرآئلينڊ کان ٻاهر نڪرندو، ساڳي ريت اهو ايسٽربيٽ کان وجهبو ته سنڌ وچان ٻئي پاسي نڪرندو! مئن جي دڙي جي ڏڳهائي ڦاڪ 23°27 اتر ۽ ويڪرائي ڦاڪ 69° اوڀر آهي. ايسٽرآئلينڊ ٻئي پاسي 27.08 ڏکڻ ۽ 23°109 اولھ جي ڦاڪن تي واقع آهي. ڇا اهو ٻه اتفاق چئبو؟

1999ع ۾ مائڪل ايوَرسن پاران JTC1/SC2/WG2 ۽ UTC کي لپيءَ پڙهڻ انجي پرولي پيچڻ لاءِ تجويز پيش ڪئي ويئي. جيتوڻيڪ ايسٽربيٽ ۽ مئن جي دڙي جي لپين کي اجا تائين ڪونه پڳو ويو آهي، پر ڪي محقق اجا تائين مئن جي دڙي مان لڌل نشانين جي مدد وسيلي رونگو رونگي لپيءَ جي راز کولڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهن.


مان اوهانکي اهڙن ٻن محققن جا مثال ڏيندس جن ان مسئلي کي مختلف زاوين سان اپروچ ڪيو آهي. ائنڊس ڪالِنز پنهنجي مقالي ’مئن جي دڙي واري ٻولي بحيثيت فلڪيات ۽ ايسٽرآئلينڊ جي لپيءَ سان سنڌي پيٽ‘ جي عنوان سان ۾ هڪ ٻئي محقق ڊيوڊ سيلس جو حوالو ڏنو آهي، جيڪو چوي ٿو:

”مان اها ڳالھ ڳولي لڌي ته سنڌو ماٿر لپيءَ جا


نشان سِجوٽي واٽ (ecliptic) (2) وارن تاروٽن نکٽن سان پوري ريت مِلي اچن ٿا.“

ائنڊس ڪالِنز، ڊئنيل سيلس جي نظرين سان بالڪل متفق آهي ته سنڌو ماٿر ۽ ايسٽر آئليند جي وچ ۾ نکشترن (3) (پراچين ويدي سنسڪرت منازل القمر) جون فلڪياتي نشانيون ساڳيون آهن.

ائنڊس ڪالنز، ڊئنيل سيلس جي هڪ مُهر کي پنهنجي پڙهيل هونو لُولُو تختي نمبر B.3622 سان ڀيٽيو آهي، جيڪا ايسٽر آئليند مان لڌل هڪ ڪاٺ واري ڦرهي آهي، جنهن ۾ هُن 1981 اندر ڇپيل ”ايسٽربيٽ جي لپيءَ اندر راس منڊل“ مضمون ۾ انکي قديم راس منڊل يا دائرة البروج ڄاڻايو آهي. هن نه رڳو اها ڳالهه ڳولي لڌي آهي، پر ڪيس پوري پڪ آهي ته ايسٽر آئليند ۽ سنڌو ماٿر جي لپين جي وچ ۾ چٽو لاڳاپو آهي، جنهن جو ثبوت مئن جي دڙي جي هيٺين مُهر آهي:




شڪل 2: مئن جي دڙي جي مورتائي اکرن ۽ ويدي سنسڪرتي نکشترن يا چانڊوڻين منزلن جي وچ ۾ ڀيٽ.



Reproduction of the Tablet

Before examining each of the "signs" individually, it is probably advisable to reproduce the tablet as written. The general form of the tablet and the location and distribution of the script are given as follows by Barthel, supra:

The text is reproduced by Barthel as follows:

If my astrological interpretation proves to be correct, the text is to be read as follows:


END — BEGIN — CONTINUE — (Script Heading)

Hence, the script, read from left to right, should be read thus:

شڪل 3: ائنڊس ڪالِنز جو ’هونو لُولُو تختي نمبر B-3622‘ جي پڙهڻيءَ جي مدد سان ڪڍيل ايسٽر آئليند جي لپيءَ ۾ راس منڊل (Zodiac)، جيڪو 1981ع ۾ ڇپيو.

---

هيٺ ايسٽر آئليند جي تختيءَ سان مئن جي دڙي جي مهر جي ڀيٽ ڏنل آهي، جنهن ۾ نکٽن جي نشانن جون هيٺيون پيٽيون ۽ سڃاڻپون ڏنل آهن:




شڪل 4: مئن جي دڙي جي مُهر ۽ هونو لُولُو تختي جي نکٽ نشانين جي ڀيٽ.

مئن جي دڙي جي مُهر تي ڏنل نشانن جي ٻي قطار ڏاکڻين آسمان جي نکٽن جا نشان آهن جيڪي اترين آسمان جي نکٽن مٿ آهن، سي پهرين قطار ۾ ڏنل نشانن جي ٺولي آهي.


هونولولو تختي ڪانپوءِ اسان اُروڪو ڪورينگا تختي (اڪ) ڏانهن اپروچ ڪنداسين، جنهن جي پرولي پڇڻ سان مِلٽن ڪِم سنڌو ماٿر ڪان ايسٽر آئليند ڏانهن هوائي سفر جو هڪ نه وسهڻ جو ڳو خيال آٽي ٿو.

ملٽن پنهنجي مضمون ”ايسٽر آئليند ۽ سنڌو ماٿر جي وچ ۾ ممڪن لاڳاپا“ 31 ڊسمبر، 2009 ۾ لکي ٿو... ”ايسٽر آئليند ۽ سنڌو ماٿر جي وچ ۾ ممڪن لاڳاپن بابت وڏي ۾ وڏو سوال اهو آهي ته اهي ماڻهو جيڪي ايسٽربيٽ ايندا رها آهن، ڇا اهي انهن جو تعلق واقعي سنڌو ماٿر سان هو؟ اروڪو ڪورنگا (AK) تي اڪريل عبارت يا لکت زورائتي نموني اهائي تجويز ڏئي ٿي ته اهي پرڏيهي ملاقاتي آسمان جي اولهه پاسي ڪان آيل هئا. ان ۾ اهو به ڄاڻايل آهي، ته اهي ملاقاتي ’مَرُ‘ نالي هوائي جهاز ۾ سوار ٿي ايندا هئا ۽ ايسٽربيٽ وارن کي ڪي پاڻياٺ نموني پاڻ آٽي ڏيندا هئا، جيڪي ٻيٽ تي ميون اُپائڻ ۾ مدد ڏيندا هئا. ڊول وير لپي جي دريافت سان پتو پوي ٿو ته ايسٽر آئليند ۽ مئن جي دڙي ٻنهي جي لکت جو ساڳيو طريقو هو، جنهن جي خصوصيت سخت تهين اُڪر (crustography) آهي... مهرن تي مليل سنڌو ماٿر جي لپي جو سندين شڪلين تي آڏار بدران (AK) تختي اندر مواد موجب جائزو ورتو ويندو.“

تختيءَ ۾ هوائي جهاز کي ’مَنُ‘ (6) چيو ويو آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ پکي آهي، پر انکي ’موآ‘ به چيو ويجي ٿو، ساڳي تختيءَ ۾ جنهن جي لفظي معنيٰ مڇي آهي. يعني تختيءَ اندر ’مَنَ‘ ۽ موا جي معنيٰ پکين سان گڏ مڇيون به آهي. (7) هو پکي نويزي ليند جي هڪ ناپيد شاهوڙ پکي آهي.


هتي مان اضافو ڪندس ته جديد سنڌي ٻوليءَ ۾ ’مَنُ‘ ۽ سنسڪرت ۾ ’مَنَس‘ جي معنيٰ ذهن، خيال يا خيال جي اڏام آهي. سنسڪرتي لفظ ’وِمَن‘ (5) جي معنيٰ اها هوائي رٿ يا وڏڦوڪڻو جَنهن ۾ هندو ديوتا آسمان اندر سيرسفر ڪندا هئا.

مئن جي دڙي جي نشانن جي مدد سان ليکڪ ’من‘ ۽ ’مُوآ‘ کي هيٺين ريت سمجهايو آهي:





شڪل 5: مئن جي دڙي واري لپيءَ ۾ ’منُ‘ ۽ ’مُوآ‘ جا اُهڃاڻ.

وري ليکڪ مئن جي دڙي جي لپيءَ ذريعي هوائي سوارين يا جهازن جا مختلف نمونا ڏيکاري ٿو جيڪي هيٺ پڳهه هنيو بيٺا آهن:





شڪل 6: پڳهه هنيل هوائي جهازن جا مختلف روپ ۽ گُڻ.

ان ڪانسواءِ جي سنڌو ماٿر ۽ ايسٽر آئليند ۾ واقعي ڪو لاڳاپو هو ته پوءِ مئن جي دڙي جي نشانن اهڙو ڪو نشان ضرور هجي ها جيڪو ايسٽر ٻيٽ ڏانهن اشارو ڪري ها:



شڪل 7: ايسٽر ٻيٽ ڏانهن اشارو ڪندڙ نشان.

’منُ‘ ۽ ’مُوآ‘ ٻن ڏنگين جي وچ ۾ ڏنل آهن. مٿين ٻنهي نشانن جو مفهوم ’جڳهه‘ يعني ’ٻيٽ يا ايسٽربيٽ‘ آهي. اهي به ڏنگيون چنڊ جي شڪل جون علامتون قرار ڏئي سگهجن ٿيون. هڪ ٻئي کي پُٺ ڏنل ڏنگيون چنڊ جي تبديليءَ ڏانهن اشارو ڪري رهيون هونديون.





شڪل 8: ايسٽر ٻيٽ جي الهندي راس ڪان پرپرو سمنڊ اندر ’مُوتُو نُوئي‘ ٽڪر ۽ مئن جي دڙي ڪان لڌل مورتائي اکر


*جيڪو ان ٽڪر جي شڪل ڏيکاري ٿو. (77.2 ،27012 ڏکڻ ڦاڪ 890.1090270 اولهه ويڪرائي ڦاڪ.)*

(b) ۾ ڏنل مُئن جي دڙي وارو نشان اُن پٽرائين تشڪيل سان هوبهو مشابهت رکي ٿو جيڪا ايسٽر آئليند جي الهندي راس جي ساڄي پاسي واقع آهي. اها پٽرائين جوڙجڪ هڪ گول ٽڪريءَ ۽ تير جي شڪل جهڙي سنئين ٿاڪرو ٽُڪر تي مشتمل آهي، جنهن کي 'موتُونوئي' جو نالو ڏنل آهي.

جي مُئن جي دڙي جي ماڻهن ڌرتي جي گولي چوڌار، تان جو ايسٽرپيٽ تائين سفر ڪيو هوندو ته پوءِ چانڊوٽين دورن (moon phases) ۾ ضرور طرفي تبديليون آيون هونديون. جڏهن هنن خط استوا پار ڪيو هوندو ته چانڊوٽن دورن جي تبديلين امالڪ ابتڙ طرف ڏانهن مُنهن ڦيرايو هوندو. چوته سنڌ ڌرتي جي اُتر اڌ گولي ۽ ايسٽر آئليند ڏکڻ اڌ گولي ۾ واقع آهن.





*شڪل9: اپريل 2009 جو اُتر (ڪابي) ۽ ڏکڻ (ساڄي پاسي) اڌ گولن اندر چنڊ جا پسيل دورَ.*




*شڪل10: نئين چنڊ کان اڳ، وچان ۽ پوءِ خط استوا کي پار ڪندڙ چانڊوٽي دور جون تبديليون.*

مٿين تصوير ۾ خط استوا پار ڪرڻ دوران چانڊوٽي دورن جي تبديليءَ (moon phase change/MPC) جون اٺ مختلف ڪيفيتون ڏنل آهن. MPC-1 جا نشان ٻڌائن ٿا ته هوائي سفر اتر اڌ گولي اندر ئي آهي، جنهن ۾ خط استوا پار ڪيل ناهي. ٻين لفظن ۾ سفر اتر اڌ گولي کان شروع ٿيو ۽ اُتي ئي ختم ٿيو. MPC-2 ظاهر ڪري ٿو ته سفر اتر اڌ گولي کان شروع ٿيو ۽ ڏکڻ اڌ گولي ۾ ختم ٿيو. 22 اپريل، 2009 تي نئين چنڊ کان اڳ خط استوا پار ڪرڻ آهي. MPC-5 ۾ ٻه ساڳيو خط استوا پار ڪرڻ آهي پر اهو نئين چنڊ دوران آهي. MPC-8 وري نئين چنڊ کان پوءِ، ڏکڻ اڌ گولي کان اتر اڌ گولي جو سفر ڏيکاري ٿو.

هاڻ چانڊوٽي دورن جي تبديليءَ جي روشنيءَ ۾ مُئن جي دڙي جي نشانن جو معائنو ڪيو وڃي.




*شڪل11: چانڊوٽي دورن ڏانهن اشارو ڪندڙ مُئن جي دڙي جا مورتائي.*

مِلتن ڪم مٿين نشانن کي سمجهائيندي چوي ٿ. اهَا ڳالهَ واقعي پڪي ناهي ته ڏنگي ليڪ ڪا چنڊ جي علامت آهي پر رونگو رونگو لپيءَ ۾ سنئين ڏنگي ليڪ چنڊ جي نشاني آهي. ٽولي نمبر 2 هيٺان نشان ڪيئي ڏنگين ليڪن تي مشتمل آهن، جنهن کي چنڊ جي عدد يا راتين جي عدد سان منسوب ڪري سگهجي ٿو. نشان نمبر 1-2 جو اشارو ٻن راتين ڏانهَ آهي. نشان نمبر 2-2 جو مفهوم ٻه ٻه راتيون آهي، پر ان ڏنگي ليڪ جي ڪلهي تي هڪ اضافي شڪل ڏنل آهي، جنهن جي معنيٰ اها ڪڍي سگهجي ٿي. "مخصوص چانڊوٽي دور تائين ٻه راتيون."

نشان نمبر 3-2 جو مطلب ڇهه راتيون آهن پر نشان نمبر 4-2 ٻارهن اُڀين ليڪن تي مشتمل آهي جيڪي ٻن ساڳ طرفي ڏنگين ۾ بند آهن، جنهن جو ممڪن مطلب چوڏهن راتيون آهي، پر انجو اشارو ٻئي چانڊوٽي دور ڏانهن آهي، جيڪي 12 راتيون آهي پر پهرين چانڊوٽي دور کان ڌار آهي. جنهن جو منهن ساڄي طرف آهي. اهو منظريو تڏهن بيهندو جڏهن جڏهن ڏکڻ کان اتر اڌ گولي ايندي خط استوا پار ڪبو. چانڊوٽو دور 12 راتيون پوءِ ٻه ساڄئي طرف منهن ڪيو بيٺو هو نه وڃي سفر 20 اپريل 2009 تي شروع ڪبو. جي ٻن چانڊوٽن دورن جي وچ ۾ اُڀيون ليڪون وقفو ظاهر ڪن ٿيون ته پوءِ نشان نمبر 1-3 جيان اهو نشان جنهن ۾ ڪا اُڀي ليڪ ناهي جو مفهوم ڪڍي سگهجي ٿو ته 'اهو ساڳي رات خط استوا پار ڪرڻ آهي.' نئين چنڊ کان اڳ MPC-3 ۽ نئين چنڊ کانپوءِ MPC-7 انجي درجي اندر اچن ٿا. نشان نمبر 2-3 جي واحد حالت MPC-4 آهي، جيڪو ڏکڻ اڌ گولي جو اٺ راتيو سفر ٻڌائي ٿو.

انجو اطلاق MPC-3 ۽ MPC-7 تي نٿو ڪري سگهجي جو چنڊ ڇئن پنجن راتين اندر پنهنجي دور مان واپس نڪري اچي ٿو. ٻين لفظن ۾ نشان نمبر 2 جي ٻئي چانڊوٽي دور جو منهن پهرين چانڊوٽي دور جي ابتڙ طرف هجي.

سڀ کان دلچسپ نشان 3-3 آهي. ٻه چانڊوٽا دور جيڪي ابتڙ منهن آهن، تن جي وچ ۾ هڪ جزوي نشان آهي، جنهن جو مطلب 'نئين چنڊ دوران ڏکڻ اڌ گولي اندر سفر' ڪڍي سگهجي ٿو.

V ۽ IV ٽولين جا نشان چانڊوٽي دور جون ڪي هٿيل صورتون ٻڌائن ٿا، يعني چانڊوٽن دورن جي دائري چوڌار ڪا مخصوص رات. نشان 1-1 هڪ اهڙو شخص ڏيکاري ٿو جيڪو چانڊوٽي دور جو نشان جهليو بيٺو آهي. انجو مفهوم هن ريت آهي، 'هي شخص ڪنهن موسميات جي ماهر جيان چانڊوٽن دورن دورن ڪو مخصوص وقت ٻڌائڻ جو هنر رکي ٿو.'

مٿين مثالن مان ظاهر آهي ته ايسٽر آئليند ۽ سنڌ جي وچ ۾ لاڳاپي کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. رونگو رونگو ۽ مُئن جي دڙي جون لپيون اجا تائين پڙهڻ کان رهيل آهن. پر اها ڄاڻ سنڌ جي ماڻهن جي جينيات يا نسلي حافظي ۾ ڇپُ هنيو وٺي آهي. اسان کي پوري پڪ آهي ته ڪو سنڌي ماڻهو ئي ان اسرار تان پردو کڻندو. سِرّي ۽ عارفاڻن علمن جا ڄاڻو چوندا ناهن ته 'علم توهانجي اندر آهي، انکي ٻيهر ياد ڪرڻ سان سکي سگهجي ٿو."

❊

*هي ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي جي انگريزي مضمون The Connection Between Easter Island and Sindh (16 اپريل 2010) کان ترجمو ٿيل آهي.*

## حاشيا:

1. الفبيت (alphabet) ۾ آوازن لاءِ پورا اکر (consonants) ۽ آوازي يا عِلتي اکر (vowels) ٿين ٿا. پر الفبيت جي ايجاد کان اڳ اکرن بدرن نشانيون (glyphs) هونديون هيون، جنکي مورتائي اکر (hieroglyphs) چئجي ٿو. انجا ٻه قسم آهن هڪ مورتائي نشانيون (pictographs) جيڪي ان شي جي هوبهو تصويرون هونديون هيون. ٻيون خيالاتي نشانيون (ideographs) جيڪي ڪنهن خيال يا تصور جون علامتون هيون. فنيقي سامي نسل قوم دنيا جي پهرين وڻجاري قوم هئي جنهن پهرين الفبيت ايجاد ڪئي ۽ دنيا جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو افريڪي ڪنڊ چوڌاري پنهنجي ساموندي ٻيڙي وسيلي چڪر لڳايو. اها قوم اصل ۾ صور (tyure) ۽ ميدون (carthage) موجوده ٽيونس ۾ پنهنجو ديرو ڄمايو هني بال اُتان جو فنيقي ملٽري جينيس هو.
2. تارن جي مُڇي يا ميڙ کي نَڪشتَر (سنسڪرت) نَڇتَر (هندي)، يا نکٽ (سنڌي) چئجي ٿو. سج پنهنجون ساليانو سفر 12 نکٽن (constellations) وچان گذري پورو ڪندو آهي. انهن نکٽن کي بُرج، راسيون، يا راشيون (signs) چئجي ٿو. 12 برجن (zodia cal signs) جي دائري کي راس منڊل (دائرة البروج، منطقة البروج، zodiac) چئبو آهي. انهن 12 برجن واري واٽ يا ٽپي جو نالو سِجوٽي واٽ (طريقو الشمس و ecliptic) آهي.
   12 سجوٽيون راسيون (شمسي برج)
   1. گهٽو-برج حمل-ميک راس، Aries
   2. ڏاند-ثور-ورشڀ راس، Taurus
   3. جاڙا- جوزا- مِٿُن راس– Gemni
   4. ڪيڪڙو- سرطان-ڪرڪ راس– Cancer
   5. شينهن-اسد-سينهه راس– Leo
   6. ڪُنواري-سُنبلہ-ڪجياراس– Virgo
   7. تارازي-ميزان-تل راس– Libra
   8. وڇون-عقرب-ورڇڪ راس– Scorpio
   9. ڪمان-قوس-ڌَنُ راس– Sagittarius
   10. منگر-جدي-مڪر راس– Capricorn
   11. ڏول-دلو-ڪُنڀ راس– Aquarius
   12. مڇيون-حُوت-مين راس– Pisces
3. جيئن سج جو ساليانو سفر آهي، تيئن چنڊ ٻه 28

مخصوص نکشترن (نچترن، نکٽن Asterisms) مان گذري پنهنجو ماهانو سفر پورو ڪندو آهي. انهن کي منازل القمر (mansions of moon) چئجي ٿو. اهي هندي نکشستر/نچتر يا قمري منزلون هن ريت آهن،

1. اَشوِڻي: شرطين— Beta Arietes
2. ڀرڻي: بُطين— 35 Arietes
3. ڪرتڪ: ثريا— Pleiades-Eta Tauri
4. روهڻي: دبران— Aldebran
5. مَرگسَرا: هقعه— Lambda Orionis
6. آردِرَا: هنعه— Alpha Orionis
7. پُنَروَسُ: ذِراع— Beta Geminorum
8. پُشيه: نثره— Aquila-Delta Cancri
9. اشلِيڪا: طرفه— Alpha Hydroe
10. مَگهَه- جَبهَه— Regulus
11. پُورب ڦاڳُڻي- زُبره— Delta Leonis
12. اُتر ڦاڳڻي- صرفه— Beta Leonis
13. هست- عوّا— Delta Carvi
14. چِترا- سِماڪ— Spica Virgins
15. سواتي- غفره— Arcturus
16. وِساکَ- زبّانه— Alpha Librae
17. اَنُوراڌا- اِڪليل— Delta Scorpio
18. جيشٽَ- قلب— Antares
19. مُولَ-شَوله— Lambda Scorpio
20. پُورب اشاڍَ-نعائم— Delta Sgittari
21. اُتر اشاڍَ- نعائم— Sigma Sagittari
22. اَڀِجت- ذابِح— Beta Capri
23. شَراوڻ- بلعه— Alpha Aquilo
24. ڌَنشٽَ- سعُود— Beta Delphinum
25. سَتوِکَ- اَخبيه— Lambda Aquarius
26. پُورب ڀاد ريدَ- مُقدِم— Alpha Pegasi
27. اُتر ڀادريدَ- مُوَخِر— Gam a pegasi
28. ريوَتي- رِشا— Zeta Piscum

4. شرواڻ (ڪَنُ)، سنڌي ۾ ساڻوڻ، عربي ۾ بلعه (ڳهندڙ) جو سياڳ چانڊوڻي منزل جو تعلق عقاب يا نسر (پرمار، Aquila) نکٽ سان آهي.
5. ٽيڙو، الجبار (Orion)، قلاص (ڏاچيون، Hyades) الجاثي (Hercules)، الشجاع (جل نانگ، hydra)، هوا (ophiuches).
6. سنڌي ۾ مَنُ ۽ سنسڪرت ۾ مَنَس جي معنيٰ ذهن (mind)- سنسڪرت ۾ متسيه، هندي ۾ مين ۽ سنڌي ۾ مڇي.
7. بنگالي ايئرلائين جو نالو بمن (وِمڻ) ۽ انڊوشي هوائي ڪمپني جو نالو گرُود (گُرڙ پکي) آهي.

Ashiq.albadvi@gmail.com

## حنيف عاطر

# تخليق جو احساس

لُهو جي رنگ جهڙو رنگ آهي
قلم جو پيٽ خالي آ ڪٿي
پر صدين کان لفظ کو ناهي لکيو
۽ چڙهي ويو نِب تي ڪو زنگ شايد
تڏهن تخليق جو احساس چُپ آهي



## سعيد ميمڻ

بيت مقدس مون لئه، ذات اَندر جي ٻانگ
هڪ هڪ شعر ڇَلانگ، اَڻ ڏٺي اسرارَ ڏي

پايو گُهري سوچ جو، پيشانيءَ ۾ گهنڊُ
هن ساري سَنسارَ جو، ڏينو ڳولي مُنڊُ
هُن جو آهي کَنڊُ، ڪوريئڙي جي ڄارَ ڏي.

آهي جڻ سَنسار ڀي، ڪوريئڙي جو ڄار
ساڳي سَنهڙي تار، ويڙهيو هر وجود کي

سائيڪل تي مان صبح جو، ڳوڻان ايندو هوس
توکي ساريو واٽَ ۾، مان ساريندو هوس
۽ ڳائيندو هوس، وايُون ٽڏڙي واٽَ ۾.

ٽَکو ناهين سَڏي؟ ماٽ تڪَر منهنجا هنيان
ماکَ پنلَ هنَ واٽَ ۾، وکَ وڌائڻ ڏي
هاٿي ڏيو ڇڏي، اي اکيون منهنجو آسرو

جَر جَر جا آوازَ، جيڪي تو مَنَ ۾ ٻُڌا
ساڳي آڳ اَيازَ، منهنجي اندر تي ٻَري

ويهي مَنَ، وِڃاءِ، ساري رات سِتار کي
پنهنجا سُرَ پُڄاءِ، تارن تائين رات جو.

پرينءَ پُڄاڻان تي ڪَري، سانت اَندر سُرٻاٽَ
ٻاهر وَهندڙ واٽَ، مامَ نَه ڄاڻي ماڻ جي.

خوديءَ جو ايڏو پرين، ڪٽبو ٻارُ ڪتان
هَستيءَ رڀءَ هِتان، پارِ اُڪرڻو تو پَوي

اڳ جا رات رنگين هُئي، اَڄ سا ڪاري ٻاٽَ
تيز هوا ۾ لاٽَ، لَمڪا ڏيئي وَئي وِسي

جوڳي رات اُويرَ، ڪهڙي راهَ رَمِي وَيا
ڪِٿ ڪِٿ ڳوليان پير، مَڃ وِسائي وِيا هَليا

جاڳيو ساڳيو سِڄُ، چادرَ لال پَري ڪَري
مَن مايوس نَه ٿِجُ، هار نَه پنهنجو حوصلو

چار ڏهاڙا چاهَ جا، پوءِ اُڏاميو پيار
يادُن جو خُمار، تو تان مَنَ لهي نَه ٿو

راهَ نَه جو رهبر ڏَسي، شعر نَه ڏي جو جوتِ
مرندا ٻيئي موتِ، ماڳ نَه رَسندا مورئون.

***

## منور ملاح

نه پکين نه مون کي سکين ئي ٻُڌايو
اوهان جو پتو بس اکين ئي ٻُڌايو
لڳي سونهن ڏوکو ۽ قامت فريب
هئا نانگ ڪاڪُل ڪکين ئي ٻڌايو
وڏو درد آهي وڏو مرض آهي
وڇوڙي جو قصو چکين ئي ٻڌايو
اُفق سارو رنگن ۾ ويڙهيل لڳي ٿو
سنڌو جو نظارو پکين ئي ٻڌايو

*

پکي ڪو اُڏامي ويو نيٺ آهي
ڏيئو ڪو اُجهامي ويو نيٺ آهي
بنفشي جيان روح ناريءَ جو اجرو
بدن پر وڪامي ويو نيٺ آهي
اسان جي دعائن جو تاثير مولا
ڏکن کي اگهامي ويو نيٺ آهي
وفاقي ادارن اڳيان سنڌ وانگي
ڇڏي هو غلامي ويو نيٺ آهي.


*

ڪڪر سياڻا ٿڪا ته ناهن
پکي اڏاڻا ٿڪا ته ناهن
اکين ۾ پيرا اجا پُنهون جا
پُڄاڻا پُڄاڻا ٿڪا ته ناهن
ٻَرن ٿا طوفان ۾ اُجهاميو
ڏِسو ٿانداڻا ٿڪا ته ناهن
ڪي شام تلين ۾ ڏڻ ڏُکن ٿا
هي ڳس ڳوناڻا ٿڪا ته ناهن
اجالا اکين ۾ ڪيا ميڪدي ۽
هي غم نماڻا ٿڪا ته ناهن
اجا ٻه آهي سفر جو اُلڪو
قدم اياڻا ٿڪا ته ناهن
جهليو مون هٿ عاجزي جو آهي
پرين رُساڻا ٿڪا ته ناهن

*

ڪيڏي سُندر ناري آهي
ڪوهه تي جا پاٽياري آهي
نازڪ ٻانهن ۾ ٻانهوڻا
نازڪ گُل جي ٽاري آهي
هُن جي مُک تي مُرڪن موجون
ڪاوڙ هن جي پياري آهي
پير پرين جا لهر چُمي ٿي
مونکان قسمت واري آهي
آئيني ۾ نيڻ ائين جڻ
نقشي ۾ سنڌ ساري آهي
ڳوناڻو تو رستو سوچي
وقت ٻه ويندڙ لاري آهي
تنهنجي هٿ ۾ گل آ مون لئه
دل منور ناري آهي.

***




كتاب: موهن جو دڙو
سهيڙيندڙ: خليل مورياڻي
ناشر: سنڌ اڪيڊمي ڪراچي
قيمت: 200 روپيا، صفحا: 336

1968ع جي ڳالھ آهي جڏهن مان ۽ منهنجو هڪ ماسات لاڙڪاڻي وياسين ۽ انيس انصاري صاحب وٽ ترسياسين. انيس صاحب اسانکي مئن جي دڙي جو ٽوئر ڪرايو. پاڻ ڪرڪيٽ ڪيپ پائي، ڪنهن گائيڊ جو روپ ڌاري مئن جي دڙي جي هر ڪنڊ ڪڙڇ تي اسانجي جاڻ ۾ واڌارو ڪيو. رات جو هن اسانکي پنهنجي شاهوڙ دوربين وسيلي سجائين سرشتي جا گرهه، تارا ۽ تاراوان ميڙ ڏيکاريا. انيس صاحب کي مئن جي دڙي سان گهري دلچسپي هئي، هو بار بار اوڏانهن ويندو هو. ڪيئي نوادرات به گڏ ڪيا هئائين. اُتان هڪ ننڍڙي مورتي به هٿ ڪئي هئائين. مونکي عجب آهي ته مئن جي دڙي بابت سنڌس ڪو ليک هن موجوده مجموعي ۾ شامل ناهي.

اُن وقت مونکي پِتن پڙن، پڊن پهڻن سان ڪا دلچسپي ڪانه هئي، پر پوءِ مان دنيا جي سمورن آثارن جو اونهو اڀياس ڪيو. پر هن فيلڊ ۾ منهنجي گهڻي دلچسپي قديم ڳجهن علمن، قديم لکتن ۽ اُڀ جاڻ (astronomy) سان آهي. ان سلسلي ۾ مان سنڌي لينگوئج اٿارٽي لاءِ اُڀ جاڻ جي هڪ شاهوڙ انسائيڪلوپيڊيائي، انگريزي-سنڌي، ڊڪشنري جوڙي رهيو آهيان جيڪا سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ ڪارائتو علمي واڌارو ثابت ٿيندي.

مان 1975ع ۾، لبيا اندر فنتيفي ۽ روهي آثار، مالٽا ۾ وڏ پهڻي چِپون (megaliths) ۽ هومر جي اوڊيسي واري ڪيلپسوجي غار، پوءِ قاهره مصر ۾، مصري اهرام، ابوالهول، 25 عجائب گهر، موسيٰ واري فرعون رعميس ٻيو جي ممي ۽ توت غنخ عمون جو خزانو ڏٺو. ۽ مصري مورتاوان اکر (hieroglyphs) ياد ڪري پاڻ ئي ڪتبا پڙهڻ شروع ڪيا.

ان دور ۾ سنڌ جو گورنر جنرل عباسي هو ته حيدرآباد جي ڪمشنر محترم عبدالله جي ميمڻ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر محترم غلام علي الانا صاحب، سانگهڙ هسٽاريڪل ۽ ڪلچرل سوسائٽي ٽنڊو آدم جي صدر عبدالله ورياه صاحب ۽ هن ناچيز جي اشتراڪ سان انٽرنيشنل منصوره سيمينار ٿيو. مون منصوره (دلوراءِ جي نگري، برهمڻ آباد، سنڌ ۾ عربن جي گادي جو هنڌ) بابت سمورو مواد پڙهي ستن منٽن جي ڪوزي ۾ سموئي سپاسنامو پڙهيو. اتي منهنجي عالم سڳورن ۽ آثارِ قديمه جي ڄاڻوئن، ڊاڪٽر لوئس فليم، ڊاڪٽر ايف اي خان، رفيق مغل ۽ جي ايم ممڪري سان ڏيٺ ويٺ ٿي. منصوره سيمينار جو سوونيئر به هن ناچيز جو لکيل ۽ جوڙيل آهي.

وري عبدالله ورياهه، شاهنواز بابر سومرو (ڪلچرل ڊپارٽمينٽ سنڌ جو اڳوڻو ڊپٽي ڊائريڪٽر)، ڀنڀور جي کوٽائي ڪندڙ ڊاڪٽر ايف خان ڀنڀور جو دورو ڪرڻ وياسين. جتي ڊاڪٽر ايف خان کوٽائي واري کڏي (excavation pit) اندر مونکي تهه مورائي (stereography) تي ليڪچر ڏنو.

جڏهن سوجهري جي ايڊيٽر محترم تاج بلوچ صاحب مونکي تبصري لاءِ خليل مورياڻي صاحب جو سهيڙيل ڪتاب، 'موهن جو دڙو' ڏنو ته سچ پچو جو مونکي ڏاڍي مايوسي ٿي. حالانڪ هي ڪتاب 18 ناليرن عالمن جي لکڻين تي مشتمل آهي. پر اهي سڀ پراڻيون آهن. هن ڪتاب ۾ ڪا جديد تحرير ناهي جيڪا پڙهندڙ جي علم ۾ ڪو نئون اضافو ڪري. 64 سالن کانپوءِ به ساڳيا لاٽون ساڳيا چُڱهه نظر اچي رهيا آهن ۽ تحقيق ۽ تفتيش جي ڏس ۾ اعليٰ معياري قدر مفقود ٿي رهيا آهن.

اسانجي وڏي ۾ وڏي ٽيڪنولاجي ڊڪشنريون آهن، رڳو لفظن جي ڦيرگهير آهي. برهما، برهمان، برهماند، برهمڻ، ٻانڀڻ، ٻامڻ، ابراهيم ساڳي ڳالهه آهن. بس انڪري هندو ابراهيمؑ جي اُمت آهن.

منصوره جو نالو اڳ برهمڻ آباد هو يا ٻهمن آباد؟ مُئي جي دڙي جي مختلف نالن موهن، مُهن، مُئهن، مهاين، ميهين، ٿل مون، دلمون، ماهوياڻا، مينهون وغيره وغيره مان ڪهڙو نالو دُرست آهي؟ انجو آواز نڪ مان نڪرندو يا نڙيءَ مان؟ يا سلام!

وري پرڏيهي لفظن جهڙوڪ پريچو (Jericho)، عيلام (Elam)، قرطاجنه (carthage)، صيدون (sidon)، صور (ture)، فنيقي (Phoenicians)، سناشرب (sennacharib)، عڪره (acre)، تِل (tel) ڪنبات (cambay) وغيره جا اُچار به صحيح ناهن. انگريزن يوناني، عبراني، هندي، عربي، فارسي، چيني ٻولين جي لفظن سان وڏو ويل ڪيو ويو آهي. مشرقي دنيا جا ماڻهو نڪ يا نڙي وسيلي پر انگريز جاڙيءَ وسيلي ڳالهائيندا آهن، انڪري سنڌن اچار به عجيب آهن. عبرانيءَ جي اکر (ح) کي (ch) ڪري لکندا آهن. انڪري راحيل (Rachnel) چئبي آهي جو اهو ڇوڪريءَ جو نالو آهي. پر هتي مرد جو نالو ٿئي ٿو. يوناني مقدونء کي هُو ميسي ڊونيا اچارين ٿا. (ان لفظ بابت منهنجو لوئس فليم سان بحث به ٿيو هو.) سنڌي لينگوئج اٿارٽي کي کپي ته هو اهڙن پراڻن نالن جي دُرست اُچارن جي لغت جوڙائي. اردو ۾ اهڙو ڪتاب رڳو غلام جيلاني برق جو مرتب ٿيل آهي پر اهو به اڻپورو ۽ موضوع جو اڪلاءُ ڪندڙ نه آهي.

تبصري هيٺ آيل هن ڪتاب جي مضمونن ۾ ساڳين ڳالهين جو ايترو ته ورجاءُ آهي جو پڙهڻ تي دل نه ٿي چوي. جهڙوڪ اٽيو گرهه نڙيءَ ڪان هيٺ لاهڻو پوي ٿو. ساڳيو حال بورس پيسٽرناڪ جي ناول 'ڊاڪٽر زواگو' ۽ جيمز جوئس جي ناول 'يُولي سِس' سان آهي. الائجي ڇو پيسٽرناڪ کي ادبي نوبل پرائيز ڏنو ويو.

اسانکي ان ڪيتر ۾ کپندو هو ته مرهيات ڊاڪٽر داني، ڊاڪٽر ايف اي خان، رفيق مغل، ڊاڪٽر لوئس فليم ۽ ٻين اهڙن عالمن کان سوالناما ناهي مئن جي دڙي بابت انٽرويو ونون ها يا سوالن موجب مقالا لکرائي، سهيڙي ڇپرايون ها. پر هن دور ۾ لاڳاپيل فيلڊ ۾ پنڌ ڪري ۽ ڏڪا ڏوٽا کائڻ بدران محقق ۽ ناشر ميز تي ويهي ترتيب ۽ تدوين کي ترجيح ڏين ٿا - جنهن سان تحقيق جو نئون اُفق نروار ئي نٿو ٿئي.

طبعي آثار جاڻ ۾ سڪن جي جاڻ (Numismatics)، ٺڪرائو جاڻ (pottery)، پراچين لپين (ancient scripts)، تهه مورتائي (straitography) جي بنيادي اهميت آهي. جيڪڏهن مئن جي دڙي جي انهن بنيادن تي تحقيق ڪئي وڃي ۽ اهڙا مضمون سهيڙيا وڃن ته اها وڏي خدمت چئبي ۽ دڙي جي لپي بابت ڪا اڳيرائي ٿي سگهي ٿي.

دنيا جا گهڻي ڀاڱي قديم اسڪرپٽ پيشه ور

آثاري ماهرن بدران شوقيه يا خفتي آثاري ڄاڻوئن پڙهيا آهن. جيئن ته اڳوڻن نسلن جي نسلي ياد (racial memory) پوين نسلن جي جينيات ۾ محفوظ هوندي آهي يا ڪارل يونگ چواڻي، اها گڏيل شعور (collective conscious) ۾ موجود رهي ٿي، انڪري ڪو سنڌي ماهر ئي مئن جي دڙي جي لپي واري ڳجهارت پيچي وٺندو. چوندا آهن ته علم اڳيئي تنهنجي اندر ڇپُ هنيو ويٺو آهي. رڳو انکي ٻيهر ياد ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي.

جيئن ته مئن جي دڙي جا رسم رواج ۽ ڪي شيون اڄا به سنڌ ۾ مروج آهن. مون ڪيئي سنڌي ڏٺا آهن جن جون اکيون چيريون، چپ ٻولا، مٿا ويڻل ۽ ڳٽول ڳلڙاٽيون آهن، انڪري مئن جي دڙي جو نسل ختم نه ٿيو هوندو- جيڪڏهن مميءَ جي جيو گهرڙي مان ڪلوننگ ڪري سگهجي ٿي ته ان گهرڙي جو لڏل لاشن مان DNA به معلوم ڪري سگهجي ٿو، جنهن جي پيٽ هاٽوڪن سنڌي نسلن ۽ هاٽوڪي ڪُڙم قبيلن جي DNA سان ڪئي وڃي.

هن ڪتاب جي پوين مضمونن مان پتو پيو ته گمان غالب آهي مئن جي دڙي جا رهاڪو مُهاڻا هئا. سيني کي معلوم آهي ته مهاڻا ٻن قسمن جا آهن هڪڙا ماڇي ٻيا ميربحر. ماڇي سولنگي يعني شِو لِنگي آهن ۽ ميربحر (ناکُئا، skippers) قديم سنڌ جي مرچنٽ نيوي جي باقيات لڳن ٿا. ڪنهن دور ۾ سنڌ جي زبردست وڻجاري بحريه هئي جيڪا ڏورانهين اوپر ڪان وٺي وچ اوپر تائين ساموندي سفر ڪندي هئي. انڪري ئي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيڙين جي قسمن، ٻيڙي جي انگن عضون ۽ مڇين جي نالن جو وڏو ذخيرو آهي. سنڌو درياهه ۾ غوراب ۽ ٻيڙا هلندا هئا ۽ واپاري يا ساموندبا الائجي ڪهڙا ڪهڙا سمنڊ جهاڳي ايندا هئا. چين جي مهان پيلي درياهه يانگ صي جي وڻجارن بابت چيني شاعر ’لِي پو‘ جا جيئن گيت مشهور آهن، اهڙي ريت لطيف سائين جي بيتن ۾ به وڻجارن جو ذڪر عام جام آهي، جنهن جو پڙاڏو الف ليليٰ ۾ سندباد جهازيءَ جي ستن سفرن ۾ ڄاڻايل آهي. سنڌي مرچنٽ نيوي ۾ به اهڙا ناکئا جوڌا جوان ضرور گذريا هوندا نه ته اهڙو ڪردار جنم نه وٺي ها.

دنيا ۾ اصل ڪان ’بحريه‘ واپار سان گڏ قزاقي ڪندي آئي آهي. دنيا جا مشهور اميرالبحر يورپي توڙي آفريڪي خيرالدين پاشا (پهريون مسلم اميرالبحر) جيڪو ڳاڙهي ڏاڙهي ڪارڻ باربروسا سڏبو هو ۽ تُرغت پاشا (dragut)، باربروسا جي ساڄي ٻانهن سرڪاري طور اميرالبحر جي عهدن ماڻڻ ڪان اڳ ساموندي ڌاڙيل هئا. پوئين صدي ۾ عظيم برطانيه مورگن ۽ ٻين قزاقن کي ’سر‘ جو خطاب ڏئي پنهنجين ٻيٽڪن جو گورنر بنايو هو.

جهڙي ريت اتر آفريڪا جو ساموندي ساحل باربري ڪوسٽ جي نالي سان مشهور هو، ان ريت عربي/هندي سمنڊ؟ (جنهنجو نالو حقي واجبي سنڌي سمونڊ هئڻ کپندو هو.) سو به هڪ قسم جو بربري ساحل هو. عربي يا ايراني نار اندر عرب امارتن جي ڪنڌي مهاڻن، موتيءَ جي ٽوٻوئن ۽ ساموندي ڦورن (حبابي) سان وانجهيل هوندي هئي. پوءِ خبر ناهي ته ان جهاز کي حبابين يا سنڌي وڻجارن مان ڪنهن لُٽيو جو حُجاج ثقفيءَ بهانو بنائي سنڌ تي چڙهائي ڪئي.

هاڻ ساموندي سفر ۾ طرف ڏسڻ لاءِ تارن ۽ نکٽن جي ڄاڻ ضروري آهي. سنڌي وڻجارن کي به اها ڄاڻ ضرور هوندي، پوءِ ڇو سنڌي ٻوليءَ ۾ تارن ۽ نکٽن جا نالا آڱرين تي ڳڻڻ جيترا آهن. سج چنڊ ڪانسواءِ رڳو ڌُرو تارو (Polaris)، لُڏو (conapus)، ڪَتيونُ (pleides)، ٽيڙو (orion)، ڪُٽُ (great bear) تارا ۽ نڇتر آهن. ٻيا نالا ڪاڏي ويا؟ جي هئا ته ڪهڙي ٻوليءَ ۾ هُئا؟ ڇا اها مئن جي دڙي جي ٻولي هئي؟

هڪ ٻي دلچسپ ڳالهه يا روايت آهي، جنهن موجب دنيا جي سمورين ٻولين جي هڪ ماءُ هئي، جنهن مان ٻيون ٻوليون ڇڙوڇڙ ٿي ڳالهائجڻ لڳيون. سُرياني (syriac) ۽ سنسڪرت جهونيون ٻوليون آهن. سنڌي سنسڪرت سان گهڻو ملي ٿي. پر هتي هڪ سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا سمورين ٻولين جي ماءُ مُئن جي دڙي جي ٻولي هئي؟

مئن جي دڙي جي لڌل مهرن مان ڪِن تي تارن ۽ نکٽن جا نشان ملن ٿا. ڪهڙي نه عجبَ جي ڳالهه آهي ته سنڌ جي قديمي رهاڪن جن شطرنج (چترنگ) ۽ ٻُڙي ايجاد ڪئي، ڇا انهن وٽ اُپ ڄاڻ يا فلڪيات جو علم نه هوندو؟ البيروني جي ’الهند‘ جي ڊاڪٽر سخائو واري انگريزي ترجمي ۾ به تاَرن، نکٽن ۽ ڏينهن جا سنڌي نالا ڏنل آهن. ڪنهن سنڌي سڄڻ کي کپي ته هو سنڌي مرچنٽ نيوي ۽ سنڌ جي جهوني فلڪيات تي تحقيق ڪري.

شطرنج جي 64 خانن جو آڌار ٻٽي انگي حساب (binary mathematics) تي آهيَ، جنهن ۾ 2 جو عدد (اڇا ۽ ڪارا خانا)، يانگ (yang) ۽ ين (yin) يعني واڌو [+] ۽ ڪاٽو [-]، جياميٽريائي تناسب سان 4، 8، 16، 32 ۽ 64 ٿئي ٿو. اولهندي ۾ ٻٽي حساب جو باني مشهور جرمن فلسفي ۽ حساب َدان لائبنزِ (1716– 1646) کي سمجهيو ويندو آهي. حالانڪَ يسوعي (Jesuits) مبلغن، چيني علم الاعداد جي استاد شائو يُونگ (1279– 960) جون جدولون ڪيس آڻي ڏنيون هيون جيڪي ٻٽي حساب بابت هُيون. جديد ڪمپيوٽر جو بنياد به [0] ۽ [1] جي ٻٽي عدد تي آهي. اڄا تائين 32 ۽ 64 پاور جو سپر ڪمپيوٽر ڪونه ٺهيو آهي. ٻُڙيءَ جي ايجاد به قديم سنڌي رهاڪن ڏانهن منسوب آهي.

ڪيتري نه افسوس جي ڳالهه آهي جو سارو ڪريڊٽ انڊيا کي مليل آهي- ويندي ٻُڙيءَ جي ايجاد، يوگ يا جوڳ ۽ ترمورتي جو ڪريڊٽ به آرين کي ڏنو وڃي ٿو. موئن جي دڙي ۾ يوڳ آسن ۽ شو جون مهرون به مليون آهن. آريه پتجَلي (patanjali) يوڳ جي فن تي پهريون ڪتاب لکيو هو. پر يوڳ ويدن ڪان به گهڻو اڳ جو آهي. ويندي انڊيا جو پنهنجو نالو به سنڌو، درياهه جي يوناني نالي انڊس تان ورتل آهي. هاڻي آمريڪي ماهر پنهنجي جديد ترين تحقيق جي نتيجي ۾ گنگا جمني سرزمين بدران سنڌو ماٿري کي ڏئي رهيا آهن.

منظم مذهبن ڪان اڳ ساري دنيا ۾ ڌرتي ماتا (mother godes) جي پوڄا ٿيندي هئي. اها زرخيزي جي ديويءَ هئڻ سبب سندس مورتين جا اُرهه وڏا ۽ پيٽ ڳيوراڙيءَ مثل هوندو هو. يقيناً مئن جي دڙي ۾ انجي پوڄا به ٿيندي هوندي. ٻي هڪ روايت به تحقيق طلب آهي. ڪنهن زماني ۾ ائٽلانٽس نالي هڪ ڪنڊ هو جنهن جو ذڪر افلاطون پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب ’افلاطوني مڪالمن‘ جي مڪالمي critics ۾ ڪيو هي. اهو اٽڪل 12 هزار سال اڳ تباهه ٿيو. ان جي ٻچيل ماڻهن مصري، بابلي ۽ مايا تهذيبن جو بنياد رکيو. اهو به هڪ زاويو يا نقطئہ نظر آهي ته، ’متان انهن ئي مئن جي دڙي جي تهذيب جو پايو به وڌو هجي.‘

اسانجو وڏو مسئلو اهو آهي ته مئن جي دڙي جي انتهائي جهونائي سبب ڪو رڪارڊ نه ٿو ملي. سارو راز انجي مُورتائين لکت ۾ آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته جي مئن جي دڙي جي پاڻيءَ ڪارڻ اونهائي ۾ کوٽائي نه ڪري سگهجي ٿي ته انجي پاسن ڪان کوٽائي ڪري ان آڳاٽي شهر کي اٿلائي ڇڏجي. ڇو جو ٻيون مُهرون ۽ مورتيون به ملنديون، جنهن سان من ٻولي جي پڙهڻ واري راز کُلي پوڻ جا امڪان موجود ٿي سگهن ٿا.

خليل مورياڻي منهنجو ڪليوال (ڳوٺائي) ۽ ڊاڪٽر آنند ڪمار پنجواڻي منهنجو دوست آهي. ٻنهي کي وينتي آهي ته هو هيٺين موضوعن تي تحقيقي مقالا تيار ڪرائي انجو گلدستو پيش ڪن. سچ پڇو ته اهو سندن وڏو ڪارنامو ليکبو.

موضوعات هن ريت آهن:

- سنڌ جا قديم سڪا
- موئن جي دڙي جو نڪراٽو.
- سنڌ جي مرچنٽ نيوي
- مئن جي دڙي جي لکت.
- مهرن ڪان مليل فلڪياتي نشان.
- ائٽلانٽس ۽ مئن جو دڙو.
- اسٽريٽ ۽ سنڌ جي وچ ۾ رابطو.
- دِلمون.
- انَڊس ايمپائر، وغيره. ■

# اسٽرڪچرلزم

اسٽرڪچرلزم جي فيلسوفن، ساختيات کي، فڪري انتشار ۾ ربط قائم ڪندڙ ذهني تحريڪ جو نالو ڏنو آهي. (movement of mind)

جڏهن انساني سوچ جا دائرا وڪرجي ويا ايتري قدر جو فلسفو پڻ لفظن جي ڏٻڻ ۾ اڙجي پيو. برٽانڊ رسل ڪان ويندي سارتر جي Nauses تائين، انساني زندگي منتشر محسوس ڪئي وئي ۽ مختلف علم، مفروضن تي قائم ٿيا. هرڪو هڪ ٻي کي ترڳو نظرانداز ڪرڻ لڳو. پر انهن جا متضاد رويا به ظاهر ٿيا. اهڙي ڪيفيت کي نئون موڙ ڏيڻ لاءِ اسٽرڪچرلزم تحريڪ وجود ۾ آئي ته جيئن مختلف فلاسفرن جي وچ ۾ ڪو ربط قائم ڪري سگهجي. اها اعتقادي نوعيت جي تحريڪ به چئي وڃي ٿي. اهڙي ضرورت کي پورو ڪرڻ لاءِ مارڪسزم سماجي جوڙجڪ ۽ تاريخي عمليت سان ڳنڍڻ جي راهه ڏيکاري. انهيءَ تحريڪ يورپ ۾ انسانيت تي وڏا اثر مرتب ڪيا. پر بنيادي طور مارڪسزم هڪ نظريو هو، جڏهن ته ساختيات هڪ فيلسوفاڻو اصول يا طريقيڪار هو. پر ٻنهي يعني مارڪسزم ۽ ساختيات، ماڊرن ازم جي اوپرائپ (alienation) ۽ مايوسيت (despair) جي مخالفت ڪئي. ۽ منتشر معاشري جي فرد کي هڪ نئين احساس جو ساهس بخشيو.

اصل ۾ اسٽرڪچرلزم، دنيا ۽ شين کي ڌار ڌار نه ٿو ڪري. پر رشتن جي سرشتي کي سمجهڻ جي هڪ جاکوڙ آهي. "دنيا شين جو نه پر سچائيت جي اجتماعيت جو نالو آهي."

In a state of offairs object fit unto an another like the links of chain.

زان پيازي (Jean piaget) ساختيات کي رياضي، منطق، طبعيات، حياتيات ۽ سماجي علمن سا واڳيل ڪوٺيو آهي. ليوي اسٽراس پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب Anthropolgie Structurate ۾ ان کي حقيقت جي ادراڪ جو اصول ڪوٺيو. ۽ شين جي حقيقتن کي پرکڻ جو ڏانءُ ڏنو. ۽ معنويت جي بنيادن جي لڳاتار جاري رهڻ جي امڪانن بابت آگاهي ڏني. ۽ زبان جي ساخت ۽ زبان جي ڌار ڌار عنصرن جي وچ ۾ تعلق جو نظام ڪوٺيو، جنهن هيٺ زبان سمجهه ۾ اچي ٿي. ۽ اهڙي رشتي جي سرشتي هيٺ معنويت قائم ٿئي ٿي ۽ شيون به سڃاڻپ ٿيون ۽ ثقافت جا ڪيئي مظهر ظاهر ٿين ٿا. ۽ هر مظهر جي هر تهه هيٺ تجريدي رشتن جو ناتو قائم رهي ٿو.

جيئن ته زبان ثقافت جو مرڪزي مظهر آهي، جنهن ۾ پراڻا داستان، ڪهاڻيون، ريتون-رسمون، مٽيون-مائٽيون، رهڻي-ڪهڻي، کاڌو-پيتو، لٽو-ڪپڙو ۽ ميلا-ملاکڙا، ڏڻ ۽ ٻيا بي انت ثقافتي نشان اچيو وڃن ٿا. انهن عنصرن ۾ رشتن جو سرشتو موجود آهي، جنهن سان معنويت ڪميونيڪيٽ ٿئي ٿي. اهو نظام ربط ۽ تضاد جو حامل هئڻ ڪري تجريدي سرشتو به ليکجي ٿو. رشتن جي اهڙي سرشتي يا ساخت جي خاصيت اها آهي ته اهڙو سرشتو پاڻمرادو هلندڙ ۽ پاڻمرادو ربط ۽ آهنگ قائم ڪرڻ وارو نظام آهي. ڇاڪاڻ ته ساخت، تاريخ جي اندر آهي، انڪري ڪارگر ۽ مڪمل ريت خودمختيار آهي. پر جهڙيءَ ريت هر رنگ جي ڌار ڌار سڃاڻ ۽ معنويت آهي، تهڙيءَ ريت هن سرشتي هيٺ ڪو به نشان آزاد معنويت جو حامل ناهي. پر هر نشان جي معنيٰ Arbitrary آهي.

هن تحريڪ هيٺ سماجي سرگرمين ۾ انساني ڪارڪردگي، اصل ۾ حقيقت جي ادراڪ بابت رشتن جي نشان سازي (sign making) جو نتيجو آهي. نشان جو مقصد رڳو لفظ ناهي پر ڪا به شيءِ، ڪو به مظهر، جنهن سان ثقافتي معنويت جو اظهار ٿيندو هجي. اسين جنهن معاشري ۾ رهون ٿا. انهيءَ سماج ۾ نون علمن جو شعور حاصل ڪرڻ جو ساهس ئي نه رهيو آهي. اردو ٻوليءَ ۾ به ان موضوع بابت جو ڪجهه آيو آهي. اهو انگريزي يا فرانسيسي ڪتابن جو حرف به حرف غلط ترجمو آهي، جيڪو گمراهه ڪندڙ آهي.

ساختيات 1945ع ڌاري هڪ تحريڪ طور جنم ورتو ۽ ويهين صدي جي انت تائين انجو به انت آيو. انگريز ۽ فرينچ يورپ ۾ ان تحريڪ اوج ان ڪري ماٿيو جو اهي اسرندڙ ملڪ هئا. ۽ انهن جو بڻ بنياد شعوري مرڪزيت تي قائم هو. جڏهن ته ننڍي کنڊ انبو پاڪ جي شعوري مرڪزيت جو بنياد تصوف، ملان ازم، آپيشاهي يا خانقاهيت تي هو، ان ڪري اها تحريڪ هتي نه هلي سگهي. هن تحريڪ جي بانين ۾، فردينڊ ڊي سيوسر، ڪلاڊ ليوي اسٽراس، زاڪ لاڪان، مشل فوڪو، زاڪ دريدا ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. اردو ٻوليءَ ۾ ڀارت جي پروفيسر ڊاڪٽر گوپي چند نارنگ، 'ساختيات ۽ پس ساختيات' (ڀارت جو وڏي ۾ وڏو پدمشري ايوارڊ حاصل ڪندڙ ڪتاب) بابت جيڪو 575 صفحن تي ٻڌل آهي. ان جي رد ۾ آمريڪا جي هڪ نوجوان اسڪالر، عمران شاهد ڀنڊر، 'پوسٽ ماڊرن فلاسافي' سري هيٺ ڪتاب لکي انکي دريدا ۽ ٻين نظريي دانن جي ڪتابن ۽ مضمونن جو اکر به اکر بي تعلق ترجمو ڄاڻايو آهي. جيڪو جاهل هندستان جي مرڪزي شعور کي لامرڪز نه ٻڌائي سگهيو آهي. متن ۾ ان تحريڪ کي اقتصادي، سياسي، علمي، ادبي ۽ فلسفي جي سطحن تي اسانجي ادبي ڪائنات لاءِ ناڪارو پورهيو ڄاڻايو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته اهڙي فلسفي سان اسرندڙ ملڪن جي هر نوعيت جي پرماري جا امڪان آهن، ان ڪري اهو فلسفو ٽئين دنيا جي پٺتي پيل ملڪن لاءِ هاڃيڪار آهي. ■



تاج بلوچ



## مصطفيٰ انڙ

### سمنڊ مون سان ڳالهائي ٿو

سڏڪيو پئي گوادر جو ساحل
خشڪ هوائون مرڪيون ٿي
۽ پاڻيءَ ۾ ٽُرڪيون ٿي ڪشتيون
زنجيرن جي جهولن ۾
جڻ شامل شامل مقتولن ۾
ٻڏندڙ سج جو منظر، پلڪن تي جهومي ٿو
رات ٽنگيو آهي
آپ جي چوٽيءَ تي چولو
۽ پاڻ اگهاڙي پاڻيءَ ۾ تڙڳي ٿي
'گور مڇيءَ' جي ڇشڪي جيئن مسڪائي ٿي
روح ندورو جڻ ڦتڪائي ٿي
چانڊوڪيءَ جي چاڳن سان
سُر بندر تي ڪا سار نچي ٿي
خوابن جي بازار لڳي وئي جي- ٽيءَ تي
پُرشور هوائون ٻيٺيءَ تي
ڏاڍي ريت اڏائن ٿيون
نيڻن جي آگر ۾ ليٽيل
سارا سپنا پيلائن ٿيون
نوح جبل جي چوٽيءَ تي
ڪو روح اڪيلو ويٺو آهي
گوتم جيئن گيان پڇائي ٿو
ڪو اونهو ڏيان ڇڪائي ٿو
سمنڊ الائي ڇا ڳالهائي ٿو. ■

قسط پهرين

# نثري نظم ۽ نئين ڪويتا



پريم پرڪاش

### سنڌ جو نثري نظم

شروعات کان پهرين: وابسته صنف جي حوالي ۾ هي منهنجا پنهنجا 'تاثرات' آهن. مختصر ۽ ٿلهي ليکي هت هند ۾ هتان جي رسالن ۾ شايع ٿيندڙ سنڌ جو ادب پڙهندو آهيان ۽ هڪ زمين ۽ ماهرن جي ٻولي ماڻيندو آهيان. ذهن ضرور ڪي اثر درج ڪيا هوندا. تڏهن به منهنجي ڪنهن به قسم جي دعوا نه آهي. انهن سان توهان جو سهمت ٿيڻ به لازمي نه آهي. 10/12 ڏينهن اندر ذخيرو گڏ ڪرڻ، پڙهڻ ۽ پيپر تيار ڪرڻ مون لاءِ اڻٿيڻي ڳالهه آهي. وري مون وٽ سنڌ جي اديبن جا ڪتاب ڪونه آهن. واسديو موهيءَ 10/12 ڪتاب ڏنا. مون وٽ ڪجهه مخزنون آهن. اهڙي حالت ۾- خدا خير ڪري.

**1- هاڻ سنڌ جو نثري نظم/ غير موزون شاعري:** اسان سبجيڪٽ 'غير موزون شاعري' لکيو، يعني جيئن هند جي نيئن ڪوتا آهي. هن صنف جي مون وٽ گڏ ٿيل 12 ڪتابن ۾ هيٺين نالن جي شناخت ڏنل آهي: نظم، آزاد نظم، نثري نظم، نثري شعر (اهو شعر جيڪو نثري آهي)، شعري نثر (اهو نثر جيڪو شعري آهي)، نظماڻو نثر، اهو نثر جنهن ۾ شاعراڻو تاثر هجي يا نظم جي ڪيفيت هجي، ڪويتائون (پشپا ولڀ) وغيره. انهن 12 ڪتابن ۾ مهاڳ/ساگر وغيره کان 'پوءِ بياني ' (يعني ڪتاب ۾ مواد ڇپجي پوري ٿيڻ بعد آخر ۾ مهاڳ جهڙو ڪجهه)لکندڙ شاعرن/اديبن مٿي ڏنل، صنف جي شناختي نالن لاءِ پنهنجي پنهنجي سمجهاڻي ڏني آهي، اهي آهن: شيخ اياز، امداد حسيني، شمشير الحيدري، تاجل بيوس، فهميده رياض، تنوير عباسي، نصير مرزا، رمضان نول، لڇمڻ ڪومل، تبسم، هدايت بلوچ، آدرش، ممتاز مهر، جان خاصخيلي، انور ابڙو، تاج بلوچ، ادل سومرو. ڪل 17 نالا. خير، شناختي نالو ڪهڙو به ڏجي، پر هو ان صنف لاءِ يڪراءِ آهن. ته اهو نثري نظم جنهن بحر وزن قافعي رديف وغيره عروضي پابندين کان پاڻ آزاد ڪرايو هجي. پر 'جهيڻي روشنيءَ جا نظم' ۾ هدايت بلوچ لکي ٿو، "ساڳئي وقت شاعر خيالن ۽ فڪر جي جدت ۽ نواڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ نٿو پيش ڪري سگهي ته ائين چئبو ته نوجوان ۽ نئين ٽهيءَ جي شاعرن ان نرميءَ جو ناجائز فائدو ورتو آهي. ۽ نثري نظم ۾ به اهي گهٽو ٽٽو فڪري ڦهلاءَ ڪي اوتڻ ۾ ايڏي ڪاميابي ماڻي نه سگهيا آهن." ته "ڪيئن رهان جلاوطن"/ آڪاش انصاري جي مهاڳ ۾ جامي چانڊيو جون 23 صفحن تي هي سٽون آهن: "اسان وٽ اڪثر نظم، آزاد نظم ۽ نثري نظم جون سرحدون پاڻ ۾ ملي وڃن ٿيون."

'زندگي خواب خودڪشي' ۾ رايو تهد ادل سومرو جو نثري نظم صنف جو مفهوم بلڪل چٽو ٿي بيٺو آهي: "... شاعريءَ ۾ بنيادي ڳالهه احساس جي آهي، شڪل يا فارم بعد جو مسئلو آهي. ان حوالي سان نثري نظم اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ اظهار جو وڏو حصو فني پيچيدگين ۾ ضايع ٿيڻ کان بچي وڃي ٿو. ڪي مسئلا ۽ موضوع ته اهڙا به آهن، جيڪي نثري نظم ۾ وڌيڪ واضح نموني ۾ سمائي سگهجن ٿا."

پر اڪثريت نثري نظم سان آهي ۽ مونکي خوشي آهي جو هند جي نئين ڪوتا جيان، سنڌ ۾ پڻ شاعريءَ جي هاڻوڪي صنف نثري نظم کي نهايت ئي سنجيدگي ۽ پوري جوابداريءَ سان سويڪاريو ويو آهي.

**2- 'سپون' ۾ شايع ٿيل لڇمڻ ڪومل جي لکيل 'سرحد جي آرپار جو سنڌي ادب-شاعري' جائزو ۾** هئي آبزرويشن پڙهي مونکي شخصي طور، سنڌ جي اڳين پيڙهيءَ جي ڪيترن اهم شاعرن جي سجاڳي، ۽ انجي گڏيل عمل ئي گهڻي خوشي ٿي، ته انهن سنڌي شاعريءَ جي صنفن بيت، وائي، ڪافي، ڏوهيڙي، سورٺي، گيت وغيره ۾، جيڪا شاهه لطيف کانپوءِ واري موڳائي، مورڪائي ۽ ويڳاڻپ اچي ويئي هئي. انهن کي پٽن ۽ ٻيلن مان ٻاهر ڪڍي، پنهنجي جديد سوچ سان اُجو اجرو ڪري نئين سر رچيو. نه رڳو اهو پر انهن سنڌي غزل، نظم ۽ ٻين ٻاهرين صنفن کي ڏاريءَ روايت مان ڪڍي ان جون جڙون سنڌي شاعريءَ سان ملايون. اياز، تنوير عباسي، شمشير ۽ امداد جهڙن شاعرن..." هنن شاعرن کي سلام آهي. هنن هڪ نهايت ضروري گهربل ڪارنامو سرانجام ڏنو. ايترو ڪرڻ تمام وڏي ڳالهه آهي. هنن ۽ ٻين همعصر شاعرن روايتي شاعريءَ کي نين بلندين تي پهچايو. رومانوي ذهنيت ۾ اچا اضافو آندو. فن جي خوبصورتي ۽ فڪر جي گهرائي اوتي، سونهن ۽ جماليات طرف سندن لاڙا وڌي ويا. موضوعن جي گوناگونيت ۽ پنهنجي زمين ماحول ۽ ماڻهن سان سِڌي وابستگي برهي. ته هر هڪ جو پنهنجو پنهنجو اظهار پيشڪش جو انداز به اُڀري بيٺو. ان قسم جي شاعري تقريبن پوريءَ ريت ڇانيل رهندي آئي آهي. اهو انجو دلڪش اُڀري آيل مخصوص چهرو به آهي. پر انکي خاص ڪري غزل ۽ نظم کي وقت سان گڏ هلندي، موضوع طرف رخ ۽ نباهه جي خيال کان، همعصر ڪندي، اهي ئي شاعر نواڻ ۽ جدت ۽ بعد جي فڪري لاڙن طرف ايڏو رخ موڙي چونه سگهيا؟ هت وقت سان هلڻ جي ڳالهه آهي، وقت کان پار نڪري وڃڻ جي ڳالهه ٻي آهي. هو 'اهو ائين ڪن ها، وقت جي به اها گهرج ته هئي. اها منهنجي آبزرويشن، هنن ئي شاعرن جي هاڻوڪي شاعري مطالع ڪرڻ بعد جُڙي ٿي. مان پاڻ اها ڳالهه توهان سيني شاعرن اديبن وٽان سمجهڻ چاهيندس. علامت اپلاءِ ڪرڻ جي ڇُوٽ ڏيو ته انکي ٻڙ جر وڻ چئجي جيڪر.

شيخ اياز جي 'پتڻ ٿو پور ڪري' ۾ ناشر لک يتو، 'اهو شيخ اياز جي سچي زندگي جي تجربن، ڄاڻ، مطالعي ۽ مشاهدي جو نچوڙ آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي مختلف قدرن تي، شاعراڻي انداز ۾ روشني وڌل آهي' هڪ نظم ڏجي ٿو، غالب!/ مان تنهنجي عظمت اڳيان سر جهڪايان ٿو/ پر ٻڌاءِ ته تو طاقت اڳيان سر ڪيئن جهڪايو هو؟/ هق مغفرت ڪريئي/ تون عجب آزاد مرد هئين/ پر تو اهي قصيدا ڪيئن لکيا هيا/ تو ذات جا اهي ڏنپ ڪيئن سنا ها؟ غالب ي مزار تي تاجل بيوس جا 'انبن جهليو ٻور' ۽ 'ڪاچي متان ڪونج' واقعي سهڻا نثر جا 'ويچار' ٽڪرائي آهن. اياز وٽان مليل لقماني نسخي ڪري هن انهن کي نثري نظم چيو آهي. درحقيقت اياز جي مطالعي کي بنيادي طور ڪنسيو ڪري لکيو ئي نظم جي روپ ۾ ويو. پر تاجل انهن کي لکيو ئي نثري فقرن ۾ آهي. اها ٻي

ڳالھ آهي جو انهن ۾ ڪٽ ڪٽ نظم جو تاثر اُڀري بيٺو آهي. ڪن ڪي احساس، سوچ-ويچار، ڪجھ ڏسندي پڙهندي اينڊڙ (فليش ٽيئنڊڙ) آئڊيا، ڏينهن ۾ (ننڊ ۾ به) ڪيترائي ايندا آهن. جنهنڪي اڪثر ڊائري ۾ بند ڪيو ويندو آهي. تاجل جو 'ڪاڇي مٿان ڪونج' مان هڪ نثري فقرو پيش آهي،

"اي پٽ! تون رئين ٿو، ڇو ته مونکي پنهنجي ئي گهر ۾ قيد ڪري مٿان پهرو بيهاريو ويو آهي. تو اهو ڪڏهن سوچيو آهي ته تنهنجي پوري ديس کي زندان بڻايو ويو آهي."

تاجل بيوس ئي شاعر لاءِ هڪ پاسي ابن ڏاڏن کان وٺي پنهنجن ماڳن ۽ مڪانن سان واڳيل رهڻ جي شرط ته ساڻ گڏ سونهن ۽ جماليات پرکڻ جي اک جي لازميت رکي آهي. مونکي لڳي ٿو هن پنهنجي جائنٽ سائيز انتخاب ۾، هاڻوڪي وقت سان گڏر ڪرڻ لاءِ هن، ان سان روايتي ۽ رومانوي ذهنيت/ فڪر کان هٽي، نئين سوچ- عمل جي تقاضا به ضرور شامل ڪئي هوندي.

منهنجو تاثرات اهو آهي ته هاڻوڪي غزل ۽ نظم جو وڏو حصو اڃا تائين روايتي ۽ گهڻو رومانوي ذهنيت کان اڃا نه ٿي سگهيو آهي. انڪري هاڻوڪن موضوعن جي هوندي به آهي ٽريٽمينٽ ۾ روايتي ۽ رومانوي ذهنيت جا لڳن ٿا. نون نون موضوعن کي ڪٽڻ سان ڪوتا/نظم/ شعر/ نئون/ جديد ڪونه ٿيندو آهي. ڏسڻو نباھ (treatment) کي پوندو آهي. نتيجو اهو آهي اڳين شاعريءَ جي اثر هيٺ، نئين ٿهيءَ يا بعد واري پيڙهيءَ جي نثري نظم جو اڌ کان وڌيڪ حصو به ئي قسم جي رومانوي ذهنيت وارو، ساڳئي وقت زياده جذبات رکندي ئي قسم جي روايتي موضوعن کي نئين روپ ۾ بوليءَ ۾ ڇڻ وري لکيو پيو وڃي، اهو ان قسم جي مخصوص موضوعن جي مدنظر نثري نظم جو اڀري بيٺل چهرو ئي آهي.

مثال طور مدد علي سنڌيءَ جو 'پنرملن' (ڏاڍو جهونو آهي. ان ۾ هن گهڻو ئي لکيو هوندو) جنهن لاءِ مهاڳ ۾ لکيل آهي، "هتي سنڌ ۾ مدد جو 'پنر ملن' ان صنف تي پهريون مڪمل ڪتاب آهي."

امداد حسيني (1982) مدد علي جي بنيادي ڪيفيت آهي، دک، وڇوڙي کان پوءِ جو دک/ ۽ وڇوڙو ضروري آهي، بيهر ملڻ لاءِ. ملاقات کي پيانڪ وڇوڙي جي شروعات سڏڻ، وري پيانڪ وڇوڙو ڪنهن ملن جي اوسيئڙي جو آرنڀ مڃڻ! نظم جون سٽون آهن:

"مٽي آڪاس ۾ چمڪي پيو/سرءُ جي مند جو زرد چند/ ۽ منهنجي اندر ۾ ٻري پيو/ يادگيرين جو اُدام چند، ان ئي مزاج جو هيو ڪتاب 'جهيڻي روشنيءَ جا نظم' 1996 ۽ 'روح جا سهرا' 1999

ئي رمضان نول. هن جي نظمن جو وڏو حصو عشق، محبت، وڇوڙي، وصال، چوٽ کاڌل دل جون دانهون وغيره موضوعن تي آهي. هڪ نظم: "اسان تنهنجا/ سپنا/ڪنهن صحيفي جيان/رومال ۾ ويڙهي/اڪين جي شيلف ۾ رکي ڇڏيا آهن. پرنول جون ڪجھ ڪوتائون موجوده سمي جي شهري زندگيءَ جي ڏنگن، بيهودگين ۽ بي حسيءَ جون به آهن. جيڪي دل کان وڌيڪ ذهن کي جهٽڪا ٿيون ڏين. ڪوتائون آهن، امر ڪتا، سينگار، مان ڪٿي بيٺو آهيان، تون ڇا ڄاڻين... نظم جي سِٽَ ڏسو- هن شهر جا ماڻهو ماني بجاءِ دونهون کائيندا آهن.

ان سلسلي جو ٽيون ڪتاب جيڪو مونکي هٿ لڳو: "سونهن جون سَوَ صورتون" شاهه محمد پيرزادو 2003 نظم آهي: پر تو منهنجي اکين ۾/ گهوريو ئي ناهي/ پر تو منهنجي چپڙن کي/ چو سيوئي ناهي/ تون ڇا ڄاڻين/ توکي ڏسڻ سان/ منهنجي اندر ۾/ ڇا ڇا ٿئي ٿو.

پاڻ به قاتلانه خوبصورت آهي. فوٽو ۾. عشق جي اوور فلو جذبات واري رومانوي نظمن لاءِ هن 225 صفحا ئي ته ڏنا آهن (ماڻهو ته زندگي ڏئي ڇڏيندا آهن) ۽ اڃا اوسيئڙي ۾ وينو آهي. (ڪيترين حسينائن هن کي ڏسڻ بعد شعر لکيا هوندا. اميد ته ان بعد انهن حسينائن جا مجموعا پڙهڻ لاءِ هلندا.

هت هڪ ڳالھ واضح ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان: نئين فون ۾ رِوولٽ ڪرڻ به ته هوندو آهي. ان لاءِ جوکم ڪٽڻ جي چيز آهي. ورنه مزو ڪهڙو؟


**موضوع جي ٽريٽمينٽ:**

ڪا به صنف/نثري نظم/غزل وغيره صرف نون موضوعن يا نون موضوعن جي پراڻي ٽريٽمينٽ/ نباھ ۾ ئي نئين ڪانه ٿيندي آهي. ان جو اڳ ذڪر ڪيل آهي. ان لاءِ نئين ذهنيت ته جڙيل آهي ئي پر نون موضوعن کي موزون/نئين بولي ڏيڻ ۾ به ڪوي/شاعر جي تخليقي سجاڳي ۽ قوت ڪپندي آهي. ڇوڻ جو ضرور ناهي ته اها ڇنڊڇاڻ پري تلاش سُڻي ناهي. فن جي تلاش ۽ تراش جو ڪو انت ئي ڪونهي. ته اهائي بولي پنهنجي تلاشيل نئين tool سان ڪوتا جي اظهار کي تازگي به ڏي ته بوليءَ ۾ نئين موالائي قوت خواه معنائن جي ويڪري رينج به رکي. ساڳئي وقت گهٽ لفظن جي استعمال سان ڪافي ڪجھ چئي وڃڻ جي صلاحيت به ڏيکاري. ان ڪيميائي پر ڪريا مان نوان تازه اظهار يعني پيشڪش جا طريقا مڃائيندا آهن. اتي هڪ ڪوي/رچنا ڪار نه صرف بين کان الڳ ٿئي ٿو، بلڪ پنهنجي نجي سڃاڻپ به جوڙي ٿو، ته روايتي ذهنيت ڪا هٽي نئين ۽ تازه ذهنيت جو هڳاءُ پنهنجي ڪوتا/نظم ۾ موٽائي ٿو.

نظم جي هاڻوڪي دؤر ۾ مٿي ذڪر ٿيل ٽن مختلف موضوعاتي اڀري بيٺل لاڙن/چهرن مان هڪ جو عشق، وڇوڙي، ڇُمين کان وانجهيل ڇپن وغيره تي لکيل نظم جو ذڪر اڳ ئي ڪري آيا آهيون. ته ٻئي پاسي، انجي پوروچوٽ هڪ ٻيو لاڙو ساهسي موضوعن جي خيالن کان، عورتازاد (feminist) نثري نظم جو چهرو ڪافي چٽو ٿي بيٺو آهي. اهي ٻئي لاڙا (trends) شاعريءَ جا لاڙا آهن. عوام جي زندگي جا لاڙا هجن، ۽ انجي شاعريءَ ۾ نمائندگي ڪن. ٽيڻ ائين ڪپندو هو) آهن ته ٻنهي ۾ عورت ۽ مرد ٻنهي ۾ ٻنهي جو ڪردار مختلف) جنهن ۾ عطيه داؤد جو انتخاب ئي انهن نظمن جو آهي. 'اٽپوري چادر' سحر امداد جو به اهم ۽ گهڻو يوڳ آهي. سندس نظمون "چوڏهينءَ چنڊ آڪاش" ۾ شامل آهن. امر سندو ۽ شجمم گل جون چند نظمون پڙهيون اٿم. لڳي ٿو اهي به ان رستي پر آهن. پشپا ولڀ جو نظم عورت جي من-ذهن جي الڳ ڪيفيتن جو سنويدن شيل چِٽُ آهي. هڪ طرح عورتازاد موضوعن سان پشپا ولڀ جا موضوع، نزديڪ بيهارڻ خاطر ائين ڪجي به ڪٽي پر سندس درشٽي بنيادي ذهنيت ڪري ڪافي الڳ بيني آهي. هونءَ استري پرش جو جذبات جي لامحدود حدن تائين پهچندڙ رشتي جو، اهو نهايت انٽيميٽيبڊ مقام آهي. زندگيءَ ۾ صرف خوشي به مزو ڪونه ڏيندي آهي. نه ئي اها ستري ملندي به آهي. بهرحال عورت جي اندر جي تهخانن جو نظم- هت عورت جو غير رواجي ڪردار آهي. ۽ موضوع جون گهٽيون ڪُنڊون- نظم لکندڙ به گهڻو ڪري شاعرائون. عورت جي اندر جون اونداهيون گهنيون اونهيون ۽ ڇتيون هونديون آهن. صدين جون. اهي خاموش هونديون ته خطرناڪ هونديون، جي ٻاهر منهن ڪڍيائون ته وڌيڪ خطرناڪ هونديون آهن ته عورتون به ڪٽنب ۽ سماج جو اڻڇهندڙ، برابر ۽ اهم حصو پر اهو ائين سماج جي ڪن حلقن ۾ ئي نه سگهيو آهي، تڏهن ئي ڪاري-تيزابي دانهن جو آئوٽ برسٽ آهي. هنن نظمن ۾ پرش جي نهايت ڪوجهي، وحشي، ويچاري اتياچاري تصوير سامهون اچي ٿي. "چوڏهينءَ چنڊ آڪاش"/ سحر امداد جي ڪتاب جي مهاڳ ۾ فهميده رياض لکي ٿي. "ٽين دنيا ۾، مسلم دنيا ۾، هر عورت جمڻ کان آخري ساھ ڪٽڻ تائين هڪ پوليس ٿاڻي ۾ زندگي گذاري ٿي. جتي هن کي ٽرڊ ڊگري ٽارچر ڏيندي جاچ جاري رهندي آهي. ۽ "سچ ته اسان جي عورت لاءِ صدين کان اڄ تائين جوان ۽ خوبصورت هئڻ کان وڏو ڏوھ ٻيو ڪو آهي ئي ڪونه. ۽ تابوت ڪوتا جو سٽون سو:


منهنجي جيئري وجود کي/ مشڪ سان مهڪايل پاڻيءَ جو غُسل ڏيئي/ پروفيسي ۽ پوائزن



## شبير شر

29 جولائي 1980ع لڳ ڀڳ ڏيڍ وڳي جو وقت هو، ٻُڪ ٻہ ڏاڍي لڳي هئي ۽ گهر جي ٽين واري ڇت هجڻ ڪري شديد گرمي ۽ گهُٽ هئڻ سبب ساهہ ٻوساٽجي رهيو هيو، ويتر گهر جي ڀرسان وهندڙ گندي ناليءَ مان اٿندڙ ڌوند جهڙي ڊپ جي ڪري خالي پيٽ مان آنڊا ٻڙڪا ڏئي ٻاهر ٿي آيا، گهر آهي يا ٻرندڙ ڪورو بدن ساڻون ٿي ويو هو ۽ ڪرسي تي ويٺو جڻ آخري پساهہ ڪٽي رهيو هيس، ڪجي ڪانسواءِ باقي سمورا ڪپڙا لاهي پري اڇلائي ڇڏيا هيم، گهر ۾ لڪيل ۽ اٽلڪيل ڪاغذن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو ڪائڻ لاءِ بہ ستن ڏينهن جي پاروٿي ماني جو ڀُيو تہ ڇا سڙيل بصر بہ نہ هو جو پيٽ ۾ وجهي ان جو دوزخ ڀرجي ها، صبح جو پاڪستان ڪواٽرن وٽان فٽ پاٿ واري دڪان تان رپئي جون پوريون ۽ ڇولا ڪائي نيرن ڪري ڪم ڪي ڪرڻ لڳو هيس، مٿان اچي ٿاڪ منجهند ٿي هئي، نہ ڪو ساٿي وريو هو نہ ڪو ماني ڀُيو ملڻ جو آسرو ئي هو، ڪيسي ۾ رڳو ساڍا ٽي رپيا بچيا هئا، جن مان تہ دال ماني بہ نٿي وٺي سگهيس، ٻيو تہ رمضان جو مهينو هجڻ ڪري ۽ ضاالحق جي اسلامائيزيشن جو زور هجڻ سبب هوٽلون ۽ ٻيڪريون پڻ بند پيل هيون، مارشل لا وارن هوٽلن وارن کي ڦٽڪا هڻي هيسائي ڇڏيو، پاڻي پيتم تہ اهو بہ آنڊن کي چيريندو ويو مٿان نذير عباسيءَ جو حڪم هو تہ سمورو ڇپائي جو ڪم اڄ ئي مڪمل ڪري ختم ڪرڻو آهي، سپاٽي جهڙو ڪر قيامت اچي ويندي ۽ ڪم رهجي ويندو، دروازو کڙڪيو تہ دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي خيالن مٿان خيال اچڻ لڳا ساٿي هوندو يا وردين وارا هوندا ڏڏا هٽندا ڪنيون هليا ويندا. وارثن جي اطلاع ڏيڻ وارو بہ ڪو ڏسي نہ سگهندو، بستري جي چادر ويڙهي وڃي دروازو کولي ڪمال وارثي عرف ”ڪُدو“ ڏند ڪڍندو بيٺو هو، نذير عباسي هن جي معصوم شڪل ۽ سادي طبعت ڪي ڏسي واهہ جو نالو رکيو هو ”ڪُدو“، هو هيو بہ واقعي ڪدو، پٺيان جاسوس هجن يا دوست پتو نہ پوندس، جهنگلي جانور جنهن پاسي منهن ڪندو هلندو رهندو، اهڙي تہ ڪاوڙ آئي سو چيم بہ ٿي نونشا وهائي ڪيڏانس، هن سان ڪجهہ بہ ڳالهائڻ ڪانسواءِ واپس اچي پنهنجي ڪم ڪي لڳي ويس، هو بہ پٺيان لڳو آيو، اندر اچي پڇيائين ڪجهہ کاڌو پيتو اٿئي يا نہ مان ڪيس ڪو بہ جواب ڏيڻ ڪانسواءِ سنڌي ٽائيپ رائيٽر جي ڪي بورڊ تي هٿ رکي مضمون لکڻ لڳس. وري هن ڳالهايو. ساٿي مون توهان کان ڪجهہ پڇيو مون ڪيس ڪاوڙ ۾ چيو، ڏوڙ ساٿي. بيغيرت هي صبح کان مان بک ٿو مران تہ تون هٿين خالي پهتو آهين، ماڻهوءَ جو پٽ ئي نہ آهين. پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي ڪيڏي سٺي نوڪري ڇڏي بيروزگار ٿيو آهيان، هنن جا وظيفي وارا 200 رپيا انهن مان ڇا ٿيندو، اجان هن کي ويٺي 5 منٽ بہ نہ گذريا تہ وري دروازو کڙڪيو، مون ڪمال کي چيو اٿ دروازي تي ڏس ڪير آهي. هو سدائين جيان سستي ۾ ويٺو رهيو هڪ منٽ بہ نہ لڳو تہ 10





شبير شر، سائين جي ايم سيد، ڊاڪٽر اعزاز نذير ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري جنرل امام علي نازش سان هڪ يادگار تصوير

ڪان 15 ماڻهون جيڪي سادن ڪپڙن ۾ هئا اندر هليا آيا. هنن ڪي ڏسندي ئي منهنجو ذهن تيزيءَ سان سوچڻ لڳو هي ڪير آهن ۽ بنا اجازت جي اندر هليا آيا آهن. اسان ته ڪڏهن به ڪنهن پاڙي جي ڇوڪري ڪي غلط نظرن سان به نه ڏٺو آهي، ته پوءِ هي ڪهڙو تماشو آهي. منهنجون نظرون هنن مان ڪجهه ماڻهن جي هٿن تي پيون جن ۾ پستول هئا ۽ هنن جون آڱريون پستولن جي ٽريگرس تي هيون. ڪمال جي هنن طرف پٺي هئي، هو رڳو مونکي ڏسي رهيو هو ته هي ڇاهي حيران ۽ پريشان ٿيندو پيو وڃي، پوئتي ڏسڻ بدران ڪرسي تي ويٺي ئي مونکان پڇڻ لڳو ڇا آهي. ايڏي حيرت سان ڇا پيو ڏسين. مون ايتري ۾ پاڻ سنڀالي ورتو. ڇو ته هاڻ سستي يا خوف جو تاثر ڏيڻ پنهنجي مستقبل لاءِ خطرناڪ هو. مون ڪمال کي چيو ”تا جسڪا انتظار وه شاهڪار آگيا“. هنن جي اڳواٽي ڪندڙ ٻلين اکين ۽ بندري قد واري همراهه جيڪو ميجر يا ڪرنل ٿي لڳو. هڪدم هڪل ڪري چيو ”هٿ مٿي ڪريو. ڪوئي به پنهنجي جڳهه تان نه چري. هاڻ هي ڊرامو ختم ٿي ويو“. اتي مون به چيو ته ”ڊرامي جي توکي ڪهڙي خبر ته ڇا ٿيندو آهي. ڊرامن جو اداڪار مان آهيان. ڊرامون ختم نه پر هاڻي شروع ٿيو آهي. هن وري رڙ ڪئي ڪڙي هوجائو ٻهري هو ڪيا سنا نهين. مونکي ڏاڍي خار اچڻ لڳي. گهر به اسان جو ۽ اتي ٻيهي داٻا ٿو ڏئي ڪيڏو نه واهيات آهي. مون چيو مانس آهستي ڳالهاءِ. هتي پنجابي فلمن جي شوٽنگ ڪونه آهي. اسان هلڻ لاءِ تيار آهيون. ان تي هو مونکي اکيون ڦاڙي ڏسڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته توکي ته اندازو ئي نه آهي ته توسان ڪهڙو حشر ٿيڻ وارو آهي. پستول ڏانهن اشارو ڪري چوڻ لڳو ”ايي تو يه کيل باقي هي. بچو اٺ ڪڙي هوجائو“ مان اٿي بيٺس ته اوچتو هن ڪان رڙ نڪتي اري يه تو ننگا هي. مون چيو ننگا نهين هي يه چڊا جو هي. مان پٽ جي ڪليءَ ۾ ٽنگيل پينٽ شرٽ ڏانهن وڌيس ته رڙ ڪيائين رُڪ جائو. هلنا نهين. مونکي حيرت ۽ خوف به ٿيو ته هي ڪرڻ ڇا ٿو چاهي. اتي ئي ماريندو ته نه؟ ڪپڙن تائين به وڃڻ نٿو ڏئي. چوڻ لڳو اپني جڳهه سي هلو مت ورنه گولي ماردونگا. هن پاڻ سان گڏ آيلن مان هڪ کي اشارو ڪيو. جيڪو منهنجا ڪپڙا ڪٽي انهن جي ڪيسا جاچڻ لڳو. جن مان رڳو ساڍا 3 رپيا نڪتا. هن اهي رڙيون ڪندڙ پنهنجي آفيسر کي ڏنا ۽ چيو هي نڪتا آهن. هو پئسن کي ڏسي وائڙو ٿي ويو. بس يه. هن مونکي ڪپڙا ڏنا. جيڪي مون اتي ئي بيٺي ئي پائي ورتا. ان دوران هو ڪمال وارثي کي ٻانهن کان جهلي نم جي وڻ طرف ڪمري کان ٻاهر وٺي ويو ۽ هڪ ٻئي کي مون لاءِ اشارو ڪيائين جيڪو مونکي ٻانهن کان جهلي ٻئي طرف وٺي ويو. ان وقت مان سوچڻ لڳس ته هي سڀ ڪجهه ته ٿيڻو هو سو ٿي ويو. هاڻ گهٻرائڻ ڇاجو. ساٿي جمال نقوي ضد ڇڏي ها ته گهر ڇڏي ٻئي پاسي هليا وڃون ها ۽ گرفتار نه ٿي سگهون ها. هن گهر تي ”مڪان برائي فروخت“ لڪرائي هنن کي حملو ڪرڻ جو شهه ڏئي ڇڏيو. هاڻ ته موت ۽ زندگي مان ڪا هڪڙي شي نصيب ٿيندي. مان انهن سوچن ۾ ئي هيس ته ايتري ۾ بندري قد وارو آفيسر مون وٽ پهچي ويو ۽ مونکي چيو تنهنجو نالو شبير آهي نه؟ چيم هائو شايد هنن کي ڪمال وارثي منهنجو نالو ٻڌايو. مونکي ڊپ ٿيڻ لڳو ته ڪمال وارثي هن کي هن گهر ۾ ايندڙ ٻين ساٿين جا به نالا نه ٻڌايا هجن. خوف ته مونکي به ٿي رهيو هو. پر ڪمال مونکي وڌيڪ پريشان ٿي نظر آيو. بندري قد واري آفيسر کي رکي رکي جنون جا دورا ٿي پيا. هڪ ته هو اسان جي گرفتاري تي ايڏو خوش نظر آيو جهڙو هن جنرل اروڙا ۽ مانڪشا کان هٿيار ڦٽا ڪرائي کين گرفتار ڪري ورتو هجي. اگهڻ تي ڦرندو ۽ زمين تي پير هڻندو پئي وتيو ته بتائو اور يهان ڪون ڪون آتا هي. اتي مان سمجهي ويس ته ڪمال پنهنجي ۽ منهنجي نالي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ٻڌايو آهي مون هن کي چيو ته هي اسان جو گهر آهي. هتي تنهنجو ڪو به داٻو هلي نه سگهندو. جڏهن تنهجي در تي پهچون پوءِ جيڪا چير ڦاڙ ڪرڻ چاهين ڪري ڇڏجاءِ ۽ اهڙو بزدل ۽ ڊيڄو نه سمجهه جو تنهنجي هر سوال جو جواب هتي ئي ڏينداسون. تون پنهنجي ٽارچر سيل ۾ اسان ڪان ڪجهه ڳالهرايو ته اها به تنهنجي سوڀ ٿيندي. هنن پنهنجي ماتحتن ڏانهن ڏسي چيو هي ته واقعي وڏا بهادر پيا لڳن جو هتي ڪجهه به ڳالهائڻ لاءِ تيار نه آهن. هنن سان ته اتي هلي ملاڪڙو ڪبو. هو وري سرخ پرچم ۽ هلچل جي اخبارن ۾ ڪجهه ڳولڻ هليو ويو. اندر ڪمري ۾ بيٺل هڪ چيو ”بري ڪام ڪا برا نتيجا“. اسان کي باهه وٺي وئي. ڪمال چيو پائي هنن ڪاغذن ۾ ڪهڙو برو ڪم نظر آيو آهي. ڪجهه اسان کي به ته ڏيکاريو. هي ڪو شراب جو اڏو يا هيرامنڊي ته نه آهي. ان تي ٻلين اکين ۽ بندري قد واري چيو ”بڪواس بند ڪرو ورنه گولي ماردونگا“ ائين چئي هو ڪمال کي چماٽ هڻڻ لاءِ وڌيو ته مون جوتي ۾ هٿ وجهي چيو توکي پادرن جو شوق آهي ته اهو ٻڌاءِ. اهو به پورو ڪري ٿا ڇڏيون ان تي هن جا ماڻهو زخمي سوئر جيان اسان تي وڌي آيا. ان تي اوچتو هن ئي چيو. نه نه هتي ڪو به گوڙ گمسان ٿيڻ نه گهرجي. هو جتي پهتا ها اتي بيهي رهيا. سيني کي چوڻ لڳو ته هي منهنجا اختيار ڪو به استعمال نه ڪري مان لڳاتار ڪمال وارثي جي ڇهري ڏانهن ڏسي رهيو هيس ته هو ڇا پيو سوچي؟ اڳتي ڇا ٿيندو ؟ هو مونکان سينيئر هو هن جي ڇهري جي هر حرڪت اکين جي اشاري سان اڀرائي ڪرڻ کان منع ڪئي. هو ٿورو پريشان نظر آيو پئي. شايد منهنجي ڇهري تي به پريشاني هجي جيڪا هن کي محسوس ٿيندي هجي. مان پنهنجي ڇهري کي ٺيڪ رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس ته ڪمال سمجهِ ورتو ۽ ٿورو مرڪي ڏنائين. ان تي ڪرنل پڇيو ڇو پيو کلين. هو چپن چپن ۾ ڪجهه ڳالهائين پيا. پنهنجي عملي کي حڪم ڪيائين ته هنن کي هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ نه ڏيو. هڪ کي ڪمري ۾ وٺي وڃو هو ڪمال کي ڪمري ۾ وٺي ويا. هو سرخ پرچم جا تختن تي پيل پراڻا بنڊل بستري جي چادرن ۾ وجهي رهيا هئا. هنن سرخ

پرچم جا بندل ايڏي تہ بيدردي سان هيٺ ٿي اڇلايا جو مونکي ڏاڍي خار ٿي لڳا، بيوسي ۽ لاچاري وچان ڏند ئي ڪرٽي ٿي سگهياسين، منهنجي پرسان بيٺل هڪ آفيسر چيو ڄام ساقي تہ شاهي قلعي جو فاتح ٿو سڏرائي، ڏسون تہ توهان ڪٿان جا فاتح ٿا بڻجو. هو ائين چئي اسان کي ايندڙ اذيتناڪ وقت جو احساس ڏياري رهيو هو. ان تي مون چيو، ڪهڙي نہ سٺي موقعي تي ياد ڏياريو اٿئي دل خوش ڪري ڇڏئي. اسان جي نظرئي موجب هر انقلابي حسن ناصر ۽ ڄام ساقي هوندو آهي، هن چيو پر توهان تہ ٻار ٿا لڳو، مون چيو تہ پوءِ اسان کي بہ آزمائي ڏسجو، بندري قد وارو آفيسر وري موٽي آيو ۽ چوڻ لڳو ڏسو، ايذاءُ رسڻ ڪانپوءِ سڀ ڪجھ ٻڌايو بهتر ائين ٿيندو تہ پهريان ئي سڀ ڪجھ ٻڌايو تہ هتي ڪير ڪير ايندڙ آهن ۽ اُهي هن وقت ڪٿي هوندا، مون چيو، اسان ٻن ڪانسواءِ هتي ٻيو ڪير بہ نہ ايندو هو، هو وڦلڻ لڳو، هنن کي ڪُتي ڪنيون بيٺي آهي، هلو تہ اتي ٿا توهان جو هٿ ٽوڙيون، سمورو سامان ڪٺي اسان کي هٿ هٺن ۾ وجهي اهڙي انداز ٻاهر نڪتا ڄڻ دوست ويندا هجن، گرفتاري جو ڪو واقعو ئي نہ ٿيو آهي، گرمي سبب ان وقت ٻاهر ڪير بہ نہ هو، ڪاش ڪو اسان کي ڏسي وٺي ۽ ساٿين کي اطلاع ڪري تہ اُهي گرفتار ٿيڻ کان بچي وڃن ها. ايتري ۾ جڏهن مزدور اڳواڻ رمضان ميمڻ جي گهر وٽان گذرياسون تہ هن جي گهرواري ۽ ماءُ اسان کي ڏٺو، اسان کي يقين ٿيو تہ هاڻ باقي ساٿين کي اطلاع ٿي ويندو.

نارٿ ناظم آباد جي پيپلز ڪالونيءَ مان اسان کي جيپ ۾ سوار ڪري مقتل ڏانهن نيو پئي ويو، جيپ ناظم آباد جي روڊن تان تيزي سان ڊوڙيندي پئي وئي، اسان روڊن ۽ ماڻهن کي جهڙوڪ آخري پيرو ڏسندا وڃي رهيا هئاسون، سوچيندو پئي ويس تہ خبر نہ آهي تہ وري ٻيهر آزاديءَ سان انهن روڊن تي گهمڻ ڦرڻ بہ نصيب ٿيندو الائي نہ، ماڻهو پنهنجي ڌن ۾ مگن روڊن تي گهمندي ۽ پنهنجا ڪم ڪار ڪندي نظر اچي رهيا هئا، مان سوچڻ لڳس تہ اهي ويچارا ماڻهو نٿا ڄاڻن تہ اسان ڪين ظلم ۽ ڏاڍ ڪان نجات ڏيارڻ وارا هئين ڏينهن ڏٺي جو لانگ بوٽن هٿان اغوا ٿيا پيا وڃون، جڏهن انقلاب ايندو ۽ ڪين اها ڄاڻ پوندي تہ اسان هنن لاءِ ڪئين جدوجهد ڪئي ڪٿي ۽ ڪهڙي ڏکئي ماحول ۾ رهي مارشل لا خلاف جدوجهد ڪري ڪين نجات ڏياري هو پوءِ اسان تي فخر ڪندا، مون روڊ تي هلندڙ ماڻهن کي ان خيال سان بہ ڏسي رهيو هيس، تہ من ڪنهن واقف جي نظر پئجي وڃي تہ جئين ساٿين کي خبر ملي تہ اسان گرفتار ٿي چڪا آهيون، ڪمال وارثي ۽ مان هڪٻئي جي بلڪل ويجها ويٺا هئاسون، مون صفا آهستي ڪمال وارثي کي چيو تہ دل نہ لاءِ، روئڻ ۽ مايوسي جهڙو چهرو چو ڪيو ويٺو آهين، تون تہ مون کان تمام گهڻو سينيئر آهين، تون ائين هيٺو ٿيندين تہ منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو، ڳڻتي ختم ڪر ۽ پاڻ کي ايندڙ بري وقت لاءِ تيار ڪر، ٻيو تون وٽ اهڙي پرچي وغيره تہ ناهي جنهن تي ڪنهن ساٿي جو نالو ۽ پتو لکيل هجي، آهي تہ اها ڪنهن طرح وات ۾ وجهي چٻاڙي ڪائي ڇڏ، ائين نہ ٿئي جو هاڻ اهي همدرد بہ مار ايون جيڪي ماني ڪارائيندا هئا، هن چيو يار چٺيون تہ ڄام هيون جيڪي اتي گهر ۾ ئي ڦري ورتيون اٿن، حيدرآباد واري گهر جي ليز جا ڪاغذ هنن کي هٿ اچي ويا آهن، سياڻي تہ هوٻئي (پروفيسر جمال نقوي ۽ نذير عباسي) بہ هن گهر ۾ اچڻا آهن.

مون سوچيو تہ بس هاڻ تہ ساٿين کي بہ هي گرفتار ڪري وٺي ايندا، مون چيو اڙي ڪُدو تو اهي ڪيسي ۾ چو رکيون هيون، اسان جي سامهون ويٺل سرڪاري پهريدار اسان ڏانهن نهارڻ لڳو ۽ چيائين جيڪو ڪجھ بہ ڳالهائڻ چاهيو آزادي سان ڳالهائجو هاڻ تہ توهان پاڻهين سڀڪجھ ٻڌائيندا ريگل چوڪ صدر ۾ سگنل بند هجڻ ڪري جيپ بيٺي تہ اتي بہ مان ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي ڏسڻ لڳس، وري سوچڻ لڳس اهڙو ڪو دوست نظر بہ آيو تہ هن کي سڏي يا ڳالهائي تہ نہ سگهندس چو تہ اهڙي صورت ۾ هو مسڪين بہ جهلجي ويندو. بس هن جي ڏسڻ سان اهو فائدو ٿيندو تہ دوستن کي اطلاع ٿي ويندو، اتي مايوسي ٿي ڪو بہ نظر نہ آيو، سگنل ڪلي ويو، جيپ ڏامر جي ڪاري روڊ تي ڊوڙيندي رهي، پاڻ تي خار اچڻ لڳا، خبر بہ پئجي وئي هئي، هي ڪتا ڪڏ لڳا پيا آهين، پر پوءِ مونکي پڇي وڃڻ ڪپندو هو، پر نظير عباسيءَ ائين ڪرڻ نہ ڏنو ۽ سختيءَ سان منع ڪيائين تہ پڇي وڃڻ پارٽيءَ سان غداري ٿيندي.

جيپ ايم.پي.اي هاسٽل اندر داخل ٿي وئي، جتي اڳ چونڊيل ميمبر رهندا هئا، اتي هاڻي ورديءَ وارا هلندي ڦرندي نظر اچي رهيا هئا، هن پارليامينٽ هائوس ۾ هاڻي فوجي ڪورٽ آهن، جيپ جي اڳئين سيٽ تي ويٺل آفيسر هيٺ لٿو ۽ آفيسن ڏانهن هليو ويو، شهيد ذالفقارعلي ڀٽو هي عمارت سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن جي آرام لاءِ ٺهرائي هئي، جتان هاڻي روزانہ جهموريت لاءِ آواز بلند ڪندڙن کي سزائون ڏنيون وينديون آهي، هو جيڪو آفيسر اندرويو هو، اهو ٿوري دير بعد واپس آيو تہ ان سان گڏ وردين ۾ بہ ٽي ميجر گڏ هئا، اسان جي ويجهو اچي اسان کي ائين ڏسي رهيا هئا، جئين اسان جنرل اروڙا ۽ مانڪ شاهنن کي هٿ اچي ويا هجون، هو ڏاڍا خوش نظر اچي رهيا هئا، هو پاڻ ۾ سسپس ڪري ائين محسوس ڪرائڻ لڳا تہ اسان بہ هنن کي وڏا خطرناڪ ماڻهو هٿ اچي ويا آهيون، هنن کي ان انداز ۾ ڏسي مونکي بہ ڊپ ٿيڻ لڳو، دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي ٺيڪ ٺاڪ ٺا.....

منهنجي دل جي ڊوڙڻ جو آواز منهنجي ڪنن کي صاف طور تي ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو، پنهنجي دل تي ڏاڍي ڪاوڙ اچڻ لڳي، اهڙي هڪدم بزدلي جو مظاهرو ڪرڻ جي بہ ڪهڙي ضرورت آهي، منهنجي دل مونکي جواب ڏنو ”اهڙا خونخوار وردينوارا درندا اڳ تہ مون ڪڏهن بہ نہ ڏٺا آهن، اهو بہ ايڏي ويجهڙائي ڪان، جو سنگين ۽ بندوق جا وڏ بہ صاف نظر اچي رهيا آهن، زندگيءَ جي پهرين گرفتاري اها بہ بگهڙن هٿان ٿي آهي، ڏسجي تہ ڇاٿو ٿئي، اسان جون نڙيون خشڪ ٿي ويون هيون، زبان ڪاٺي ٿي وئي هئي.

ڪمال وارثي هڪ فوجي آفيسر کي چيو يار پاڻي نہ پياريندين؟ هن چيو رمضان ۾ هتي پاڻي نہ ملندو آهي، جڏهن اهو هليو ويو تہ پرسان بيٺل سپاهي پڇيو پاڻي پيئندا، اسان چيو ها، هو ويو ۽ جڳ پري ڪٽي آيو، هو چوڻ لڳو هتي روزيدار قيدي ايندا آهن، انهن سان تمام گهٽ روزو هجڻ وارا هوندا آهن، ٻيو تہ اهي سگريٽ بہ کلي عام پيئندا آهن، مون سوچيو تہ آفيسرن جي پيٽ ۾ هي سپاهي ڪيڏو نہ سٺو آهي، هي ايترو خطرناڪ نہ آهي جيترا هن جا آفيسر خطرناڪ آهن، يڪساهي مان پاڻيءَ جا ٻہ گلاس پي ويس، پوءِ ڪمال کان پڇيو تہ هاڻي هتي ڇا ٿيندو، ڪمال چيو تہ جيڪو ٿيندو تنهنکي منهن ڏينداسون. ڦاٿي ڪان ڦٿڪڻ ڪهڙو؟ مون چيو ها، مهل آئي آهي تہ منهن ڏيڻو پوندو، گپ ۾ گهرڻ بعد ڦهنگن ڪان ڏچڻ غلط آهي، اسان کي الڳ الڳ جيپ مان لاهي ايم.پي.اي هاسٽل جي سامهون ڏکڻ پاسي وارن ڪمرن ۾ نيو ويو، وڃڻ وقت منهنجي دل جي ڌڙڪڻ جي رفتار اڳ کان بہ تيز ٿي وئي، بس هاڻ تہ مقتل گاهہ اچي وئي.

هنن اسان کي جدا جدا ڪمري ۾ وٺي هٿڪڙيون هٽي درين سان ٻڌي ڇڏيو مونکي هڪ پيرو هڪ ڊرامي ۾ لڳي جيڪا ڊرامي واري هٿڪڙيءَ کان گهڻو مختلف هئي، شام جو روزو کولڻ بعد هڪ سپاهي ماني آڻي ڏني جيڪا ٻڪ هجڻ جي باوجود نہ وٽي، نظير عباسي چوندو هو تہ ٽارچر سيل ۾ ماني گهٽ کائڻ گهرجي گهڻو ڪري چوري ماني اڇلائي ڇڏجي ان سان اهو ٿيندو تہ ٿوري اذيت ملڻ سان ماڻهو جلدي بيهوش ٿي ويندو ۽ ائين ڪرڻ سان گهڻي مار نہ ملندي، پر مونکي تہ ماني وٽي ئي نہ پئي، ان جو مطلب آهي تہ جلدي ڪمزور ٿيندس ۽ ٿوري مار ۾ بيهوش ٿي پيوندس، هڪ نئون ڊرامو شروع ٿي ويو، پنجن جي ٽولين ۾ سول ڪپڙن وارا اچي دروازي تي بيهي اسان کي ڏسي پاڻ ۾ سسپس ڪري هليا پيا وڃن، هڪٻئي

پنيان هو ايندا ۽ ويندا رهيا، جن جو تعداد سوين تي ويو. مونکي ڊپ ٿيڻ لڳو ان جو مطلب آهي ته اسان جيڪو سرخ پرچم ۾ هلچل چاپڻ وارو ڪم ڪري رهيا هئاسون اهو ايڏو خطرناڪ هو. هو اهڙي انداز ۾ اسان کي ڏسي هليا ٿي ويا جئين شڪاري ڪتا پنهنجي شڪار کي ڏسندا آهن. اهو دور پورو ٿيو ته سپاهي ڪٽ ڪٽي آيو. پوليس انسپيڪٽر اسلم نور جيڪو گرفتاريءَ وقت سادن ڪپڙن ۾ هو. هاڻي هو وردي پائي آيو هو. ان اسان جو هٿڪڙيون کولي انهن کي ڪٽ جي ٻاهين ۾ ٻڌي وري هٿ ۾ هٿي چڙي. هاڻي اهو ٿيو جو بيهڻ بدران سمهي ٿي سگهيس. مان هڪدم ڪٽ تي ليٽي پيس. مونکي زوردار پيشاب لڳو هو. پر هنن کي چوان نه پيو. وري جڏهن انسپيڪٽر اسلم نور آيو ته هن جي هٿ ۾ گولڊليف جو پاڪيٽ هو. هن مونکي ڏيندي چيو ته بس پنهنجو ڪم هيستائين هو. هاڻي مان هلان ٿو. مون چيو دروازي تي تنهنجي پوليس ويٺي آهي. انهن کي چئو ته پيشاب ته ڪرائن هن چيو بلڪل. جنهن وقت به پيشاب ڪرڻو هجي هنن کي ٻڌايو. هي توهان کي وٺي ويندا. هن هڪ اي. ايس. آئي کي چيو اسڪو پيشاب ڪرنا هي. هو آيو ۽ منهنجي هٿڪڙي کولي پرواري ڪمري ۾ وٺي ويو. اتي ڪمال ويٺو هو. هن مونکي ڏسي سنڌي ۾ چيو، "چورا ڦاٽي ته نه ٿي؟" مون چيو تون پنهجو حال ڏي. اردو واري لهجي ۾ چوڻ لڳو بابا ڏاڍي ٿي ڦاٽي. مان واپس اچي ڪٽ تي سمهي رهيس. ۽ سوچيندو ويس ته اسان ايترا خطرناڪ آهيون؟ نه اسان وٽان بندوق نڪتي ۽ نه توپ. ته پوءِ هي سپ چا آهي. هڪ سائيڪلو اسٽائيل مشين رکڻ سان ايڏا خطرناڪ ٿي ويا آهيون. پاڻ تي به ڪاوڙ اچڻ لڳي. هن ڏچي ۾ چو ڦاٽس؟ سني نوڪري هئي ٿي وي تي اداڪاري ڪندو هيس. ايڏي خوبصورت ۽ رومانٽڪ دنيا ڇڏي هنن ڪنگلن سان ڪٿي ڦاٽس ۽ اهڙو. منهنجي هاڻ ئي اهڙي حالت ٿيڻ لڳي ته پوءِ چا ٿيندو!؟ وري خيال آيم. پهرين مرحلي ۾ ئي انقلابي جوش هوا ٿي ويون. نه ائين نه آهي. انقلابي هجڻ جي ناتي هاڻ اهو منهنجو فرض آهي ته هر مشڪل جو مقابلو ڪريان. رات جو ڏهين وڳي منهنجي ڪمري جي سامهون وارو ڪمرو کوليو ويو ۽ اتي ٽيبل ۽ ڪرسيون رکيون ويون. پهريان ڪمال وارثي کي سڏائي ڪمري جي دروازو بند ڪيو ويو. منهنجي دل جو ڌڙڪو وري تيز ٿي ويو. اها گهڙي هاڻ اچي وئي. مان آهستي آهستي ڪن ڏئي ٻڌڻ لڳس ته ڪمال کي ڏڪ ته نٿا هڻن ۽ ڪهڙي محل ڪمال اپ ڏارينداڙ رڙيون شروع ڪندو. ڪلاڪ ڪن گذري ويو. پر ڪا به رڙ ٻڌڻ ۾ نه آئي. مان سوچڻ لڳس شايد هن جو وات ٻڌي ڪيس چاقن سان چپ چير ڏيندا هوندا. اندازن ڏيڍ ڪلاڪ بعد ڪمري جو دروازو کليو ۽ ڪمال وارثي ٻاهر نڪتو. هو مون ڏانهن نهارڻ ڪانسواءِ پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو. اندر جيڪو آفيسر ويٺو هو اهو لڪيل ڪاغذ جو سٿو سنوارڻ ۾ مون ڏانهن فاتحاڻي انداز ۾ ڏسڻ لڳو. هي اهو ئي آفيسر هو. جنهن گرفتاري وقت گهر ۾ چيو هو ته ڏسنداسين ته جام ساقي جيان توهان ڪهڙي قلعي جا فاتح ٿا بڻجو. هو مون ڏانهن نهارڻ وقت مرڪڻ لڳو. چڻ ائين چئي رهيو هجي بنا نڪاڪي جي ايترا ڪاغذ ڪارا ڪيا اٿو. جڏهن نڪاڪي تي تڏهن ته پوري پرنٽنگ پريس نڪرندي. مان پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ لڳس ۽ ڪمال تي به ڪاوڙ اچڻ لڳي هن هڪ چماٽ لڳڻ کان سواءِ ايڏو ڊگهو داستان لکرائي ڇڏيو. چا چا ٻڌايو هوندئين اهڙا ويچار ڪندي. خير نه آهي ته مونکي ڪهڙي مهل نند اچي وئي. هڪ سپاهي جي آواز تي اک کلي. جنهن جي هٿ ۾ ماني هئي ۽ چئي رهيو هو ڪانا ڪائو. مون چيو هي ماني ڪائڻ جو وقت آهي. سپاهي چيو روزو نه رکندين؟ مون چيو نه روزو نه رکندس. هن چيو ته ماني اهائي آهي. صبح جو ڪنهن کي به نه ملندي آهي. مجبورن ماني کائي ڇڏي ۽ پوءِ سپاهيءَ کان سگريٽ گهريم. هن مارون جي پاڪيٽ مان هڪڙو سگريٽ ڪڍي ڏنو. مان سگريٽ جا ڪش هڻڻ وقت سوچڻ لڳس خبر نه آهي ته موچڙن جي گهڙي ڪهڙي مهل ايندي. اهو وقت به اچي ته انتظار واري خوف مان ته جان ڇٽي ته موچڙا هوندا ڪهڙي قسم جا ۽ اهي منهنجي جسم تي ڪهڙا اثر ڇڏيندا. مان سوچڻ لڳس ته هو پڇندا ته سرخ پرچم جو ايڊيٽر ڪير آهي ته مان چوندس مان آهيان. بيو چا پڇندا مان نه روپوش رهيو آهيان نه سرخ پرچم ورهائيندو رهيو آهيان. نه ڪنهن پارٽي لاءِ چندو ونندو هيس. منهنجو ڪم هو سرخ پرچم چاپڻ. ان کان ته انڪار ڪبو ئي نه. پوءِ چا جي لاءِ ماريندا؟ اها سوچ ايندي ئي ڊپ لهي ويو ماريندا ته ان ڪري هوندا جو ماڻهو جيڪو ڪجهه ڪري آيا هوندا اهو قبول نه ڪندا هوندا. مان ته ان کي ڏوهه به نٿو سمجهان. نه ان کان انڪار آهي. اها سوچ ڪرڻ بعد وري نند اچي وئي ۽ سمهي رهيس.


30 جولائي 1980ع جو ڏينهن اي. پي. اي هاسٽل جي ڪمري ۾ ڳٽڻيون ڪندي اذيتناڪ گهڙين جي انتظار ۾ گذري ويو. هر هر نڙي سڪي وڃڻ ڪري پاڻي پيئندو پئي رهيس. جئين ته هٿ ۾ لڳل هٿڪڙي جي زنجير لوهي پلنگ سان ٻڌل هئي. ان ڪري پاڻيءَ لاءِ پوليس جي سپاهي کي منٿون ڪرڻيون ٿي پيون. هو به چوندو رهيو ته ڊجين ٿو ان ڪري تو کي گهڙي گهڙي پاڻيءَ جي ضرورت ٿئي ٿي. ان کان ته سٺو هيئي ته روزو رکي ڇڏين ها ته پاڻي جو آسرو به ختم ٿي وڃئي ها. پاڻي پي وري ٿو پيشاب ڪرائڻ لاءِ چوين تو به ته بيزار ڪري ڇڏيو آهي. هجين ها ٽاٽي ۾ ته پادر هٽي سٿو ڪري ڇڏيون ها. دل ۾ سوچيم هن به منهنجي ڪيفيت کي سمجهي ورتو آهي. مون هن کي پڪائي ڪندي چيو نه يار اهڙي ڳالهه نه آهي. سگريٽ گهڻا پيئڻ ڪري خشڪي ٿئي ٿي. ان دوران پيشاب ڪرڻ لاءِ به ٻئي ڪمري ۾ وٺو ٿي پيو. جنهن ڪمري ۾ مان قيد هيس ان ۾ واش روم نه هو. جنهن ڪمري ۾ ڪمال وارثي هو واش روم به ان ئي ڪمري ۾ هو. مان هر ڀيري ان بهاني ڪمال کي به ڏسي ٿي آيس. هڪٻئي کي ڏسڻ سان آٿت ۽ آسيس ٿي ملي. هڪ ڀيرو ويس ته هن جا ٻئي هٿ پنيءَ پويان هئا. مونکا چرڪ نڪري ويو. اڙي. هن کي ته هٿ پنيان ڪرائي هٿڪڙيون هنيون اٿن. مون هن سان ڳالهائڻ چاهيو ته گڏ آيل پوليس جي سپيڪڙي انسپيڪٽر چيو ڳالهائڻ جي منع ٿيل آهي. پنهنجو ڪم لاهه ۽ هل واپس. واپس موٽڻ وقت به مون ڪمال ڏانهن سواليا نظرن سان ڏٺو. هو به سمجهي ويو ۽ ٻئي هٿ اڳيان ڪري چيائين بس يار جيڪو ٽيٽو هو سو ٿي ويو. هاڻي هن جي هڪ هٿ ۾ هٿڪڙي ڏسي منهنجي اندر جي هورا ڪورا گهٽجي وئي ڪمال طرفان ڊگهو بيان ڏيڻ بابت.

مان واپس ڪمري ۾ اچي ڪامريڊ جام ساقي جو فوجي عدالت ۾ ڏنل اهو بيان ياد ڪرڻ لڳس جنهن ۾ هن پاڻ کي مليل سخت اذيتن جو ذڪر ڪيو هو. سي ڪيڏيون نه خطرناڪ هيون. چا اهڙيون اذيتون مونکي مليون ته مان سهي سگهندس. اهو ياد ڪري مونکي ڏڪڻي وٺي ٿي وئي. وري پاڻ کي آٿت ٿي ڏنم. انسان سهڻ تي اچي ته گهڻو ڪجهه سهي ٿو سگهي. ياڙيئي لاءِ ته ڪڪ به وبال بڻجي ويندو آهي. بهرحال ڪجهه به هجي. موت به ڀيانڪ آهي. موت موت ٿيندو اهو نه پاويل ڪورچاگن بڻجڻ ڏيندو آهي نه بيو ڪجهه موت ته هر ڪنهن کي هر صورت ۾ اچڻو آهي. مرڻ واري کي ان سان ڪهڙو واسطو ته اهو عزت سان ٿيو يا ذلت سان. پر زنده به ماڻهو ڪيترو رهندو. ياڙيائپ واري زندگي مان به ڪهڙو فائدو. اوجاڳا ڏيندا. لنين سان ڪٽيندا. سگريٽ سان ڏنپ ڏيندا ۽ اذيتناڪ موت ماريندا. چا به ڪجي هي نه مائٽ آهن نه دوست. ايذاءَ ته هر صورت ۾ ڏيندا. مونکي ياد آيو. جڏهن نذير عباسي ڪوئٽا جي قلي ڪئمپ مان واپس موٽي آيو هو. هن ٻڌايو هو ته شاڪرشاهه هڪ چماٽ لڳڻ تي سڀ ڪجهه ٻڌايو ۽ منهنجي سامهون بڪڻ لڳو ته "تون ئي ته سرخ پرچم ڏيندو آهين. هتي ڊجين ٿو. انقلابي آهيو ته قبول چو نه ٿا ڪريو؟ ته توهان ڪميونسٽ پارٽيءَ جا آهيو ۽ توهان ئي اسان کي سرخ پرچم ڏيندا هئا" نذير چيو ته "هو مونسان سنڌيءَ ۾ ڳالهائي رهيو هو ۽ ان

وقت فوجي آفيسرن بہ بيٺا هئا. مون هن کي اردو ۾ چيو تہ اردو ۾ بکواس کر تہ هي بہ سمجهن تہ تون ڇا ٿو چوين. مون ڪڏهن تو کي سرخ پرچم ڏنو هو. مان تہ مشعل ڏيندو هيس. ايس. اين. ايف تہ مشعل ڇاپيل آهي". نذير چيو تہ هن خوف ۾ جيترو ڪجھ ڳالهايو ايتري وڌيڪ مار بہ کائيندو رهيو. ڇو تہ هو بهادر کي ايترو نہ ماريندا آهين جيترو بزدل کي. ڇو تہ هنن کي خبر هوندي آهي تہ جيترو موچڙن سان بزدل ٻڏائيندو ان جي مقابلي ۾ بهادر ماڻهو هڪ اکر بہ نہ ڳالهائيندو.


مان سوچڻ لڳس تہ ڪامريڊ ڄام ساقي کان تہ پڇندا هئا تہ ڪٿي روپوش هئين؟ ڪنهن کان پارٽي لاءِ چندو وٺندو هئين ۽ سوويت يونين مان ڪيترا پئسا ملندا اٿئي؟ هو تہ لڳاتار 10 سال روپوش رهيو هو. مان تہ نہ روپوش رهيو هيس ۽ نہ ڪنهن وٽ رهي ماني کاڌي هيم. پوءِ فوجي مونکي ڇو اذيتون ڏيندا. اهو ضرور پڇندا تہ سرخ پرچم ۽ هلچل ڇپجڻ کانپوءِ ورهائڻ لاءِ ڪير کڻي ويندو هو ۽ اهو ڪم ڪهڙا ۽ ڪيترا ساٿي سرانجام ڏيندا هئا؟

مونکي وري ياد آيو تہ نذير عباسي چيو هو تہ گرفتار ٿيڻ کانپوءِ رڳو ٽن ڏينهن تائين مار پچائي وڃجو. ٽن ڏينهن اندر ٻاهريان ساٿي بہ چوڪس ٿي ويندا آهن. ٻيو تہ مار موچڙا لڳڻ ۽ اوجاڳا ڪاٽڻ ڪري آهستي آهستي غنود ٿي اچڻ لڳندي آهي ۽ جسم ساڻو ۽ سُن ٿيڻ شروع ڪندو آهي. اهڙي صورت ۾ موچڙن جو اثر گهٽبو ويندو آهي. اتي مان سوچڻ لڳس ٺيڪ آهي. اڄ ٻيو ڏينهن آهي. اڃان تہ اسان کي هٿ بہ نہ لاتو اٿن. بہ ٽي ڏينهن ڪيترا هوندا. ڪيڏيون اذيتون ملنديون. اهو سڀ سهڻ جي ڪوشش ڪجي. نذير اهو بہ ٻڌايو هو تہ هر انسان ۾ اذيت سهڻ جي هڪ حد ٿيندي آهي. جڏهن اذيت جسم جي سهپ واري قوت کان وڌي ويندي آهي تہ پوءِ هو بيهوش ٿي ويندو آهي. پوءِ هو بيهوش ٿيل کي ناهن ماريندا. مان سوچڻ لڳس. سهپ واري حد ٽپڻ سان ماڻهو مري بہ تہ سگهي ٿو. جڏهن ڪامريڊ ڄام ساقي 18 مهينن تائين وحشتناڪ اذيت سهي ٿو سگهي تہ پوءِ مونکي تہ ٽن ڏينهن جي اذيت سهڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. اوچتو هڪ سادن ڪپڙن وارو ماڻهو اندر آيو ۽ هن دروازي تي ڪرسيءَ تي ويٺل سنهڙي سب انسپيڪٽر کي حڪم ڏنو تہ "هن جو هٿڪڙيون کول" تہ منهنجي سوچن جو سلسلو ٽٽي ويو. مون سوچيو هاڻ اها گهڙي اچي وئي. سب انسپيڪٽر هٿڪڙي کولي پري ٿي ٻيٺو تہ سادن ڪپڙن وارا ٻہ ڄڻا ٻيا بہ اندر آيا. مون سب انسپيڪٽر کي چيو مان ڇا ڪريان؟ هن چيو تنهنجي لاءِ هن هٿڪڙيءَ جو وقت پورو ٿيو. هاڻ ٻي اچي وئي آهي. انهن سان ويندين. هنن ٽنهي مان هڪ پنهنجي ڪلهي تي رکيل ڪارو ڪپڙو لاهي منهنجي اکين تي ٻڌو. اکين تي پٽيون ٻڌجڻ وقت مونکي ڪامريڊ ڄام ساقي جو "اکين تي پٽيون ۽ ڪمرن کي تالا مٿان سڄ جو ڪرڻو اچي نظر" وارو ٽارچر سيل ۾ چيل شعر ياد اچي ويو ۽ منهنجو حوصلو وڌي ويو. اڄ مان بہ ٿوري عرصي ۾ ان منزل تائين پهچي ويو آهيان. جتان ڪامريڊ ڄام ساقي جهڙا عظيم انسان گذري چڪا آهن ۽ اسان جي لاءِ گسُ ٺاهي ويا آهن. هاڻ اسان جو ڪم آهي تہ ان گس کي ويڪرو ڪندا وڃون. مونکي پنهنجي اهميت جو احساس ٿيڻ لڳو تہ هيڏي طاقتور رياستي اداري وٽ مان بہ ڪا اهميت رکان ٿو جو هيتري فوج ۽ طاقت هوندي هي اسان کان ڊڄن ٿا ۽ چورن جيان وٺي ٿا وڃن تہ جئين اسان اهي رستا نہ ڏسي سگهون ۽ جيڪي هنن ملڪ جي چورن جا لڪيل مورچا ٺهيل آهن. مونکي هٿ کان وٺي هلڻ لڳا تہ ڪنهن جو آواز آيو. اهڙا ڪم نہ ڪيو ها تہ اڄ ڏچي ۾ نہ پئو ها. مون چيو "سوشلزم لاءِ جدوجهد ڪرڻ ڏوهہ آهي تہ اهو ڏوهہ اسان باربار ڪندا رهنداسون. همٿ اٿئي تہ جيڏانهن وٺي ٿو هلين. اکين تان پٽيون لاهي وٺي هل. ڏوهہ تہ توهان پيا ڪريو جو هئين چورن جيان وٺيو پيا وڃو" سب انسپيڪٽر جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو "هي ڇوڪرو وڏي همٿ وارو آهي" ٻيو آواز آيو "چپ". هو ويندي مونکي ڌڪ ڏيندو ويو.



جيل جي شيخن پويان شبير شرِ ساٿين سميت

شام جا شايد 5 ٿيا هوندا مونکي جيپ ۾ ويهاريو ويو ۽ اها جيپ ٿوري دير تائين انتهائي مصروف ٽريفڪ واري هلنڊڙ روڊ تي هلي. هڪ هنڌ خاموشي واري جڳھ تي بيهي رهي هئي. مونکي ٻانهن کان وٺي جيپ کان هيٺ لاٿو ويو ۽ هڪ چيو تہ هل. مان سوچڻ لڳس. ڪيڏانهن وٺي پيا وڃن. اڳيان کوهہ آهي. الائي پڙڪندڙ باهہ جو کورو. هڪ هنڌ چيائون هڪ پير مٿي ڪري رک. مان پير کڻي رکيو تہ دڪيءَ تي وڃي بيٺو. سمجھ تہ ڦاسي گهٽ آهي. 3 چار دڪيون اورانگڻ بعد سڌو فرش اچي ويو. مان سوچيندو ٿي ويس. اصل وقت اچي ويو آهي. هاڻ خبر پوندي منهنجي انقلابي ۽ بهادر جذبن جي ٿورو هلڻ بعد چيو ويو "ويھ". سوچڻ لڳس شايد بجلي جو ڪرنٽ ڏئي مارڻ واري ڪرسي تي پيا ويهارين. آهستي آهستي وينس تہ لوهي کٽ محسوس ٿي. سوچيم هي ڪاٻي شي آهي. مان انتظار ڪرڻ لڳس تہ هاڻ ڇا ٿيندو. بجلي جا ڪرنٽ ڏئي ماريندا يا ڦاسي ڏيندا؟ ڪافي دير ٿي وئي. پٺيءَ پويان ٻانهن ۾ لڳل هٿڪڙي تڪليف ڏيڻ لڳي. خبر نہ آهي تہ هنن جو ڇا ارادو آهي. نہ اکين تان پٽيون ٿا لاهين ۽ نہ ئي هٿڪڙيون ٿا کولين. پاڻي گهريم تہ چيائون ترس روزو کلڻ ۾ ٿوري دير آهي. مون چيو. مونکي روزو نہ آهي هڪ آواز آيو. "بکواس بند ڪري ويھ. شاديءَ ۾ نہ آيو آهين جو نخرا ٿو ڪرين" مان خاموش ٿي ويس. ٿوري دير بعد وري آواز آيو. وات کول. مان سوچڻ لڳس هي وات ڇو پيا کولرائين مونکي شڪ ٿيڻ لڳو ڪا گندي شي وجهندا. مونکي ان وقت ايران جي انقلابڻ اشرف دهقاني جي پڙهيل اُتم ڪهاڻي ياد اچي وئي. جنهن کي ساواڪ جا ايجينٽ عزت لٽڻ ۽ اذيت ڏيڻ بعد وات ۾ واش روم وجهندا هئا. شايد هي بہ مون سان اهڙو سلوڪ ڪرڻ ٿا چاهين. سوچيم وات نہ کوليندس. آواز آيو. ڪيلو آهي. مون سوچيو هنن جا ارادا سنا نٿا لڳن. مون چيو "جيستائين اکين تان پٽيون نہ کوليندا تيستائين ڪجھ بہ نہ کائيندس. هڪ چيو تہ پوءِ زوري کارائينداسون. مون چيو ڀل زور بہ لائي ڏسو. ايتري ۾ آواز آيو سالا ضد ڪرتا هي. زوردار چماٽ وهائي ڪڍيائين ۽ ٻيو آواز آيو هي بهادر ٿيڻ ٿو چاهي هن سيني ۾ بوٽ واري لت وهائي ڪڍي. مان هيٺ وڃي ڪريس. مون چيو ٺيڪ آهي جنهن گهڙي جو انتظار هو اها هاڻ اچي وئي آهي. هاڻ ڏسجي تہ مان ڪيتري اذيت برداشت ڪري ٿو سگهان. هٿ ٻڌل هجڻ سبب اٿڻ جي ڪوشش ڪيم اٿي نہ سگهيس. (هلندڙ)






ڊاڪٽر رسول ميمڻ

عرشنا جي چپن جو رنگ مهنديءَ هٿن جهڙو هيو. ڳل چنڊ جهڙا زرد هيا ۽ اکيون ڪومايل ڪنولن ۾ ڦاٿل پنورن جهڙيون هيون. ان ڳالهايو پئي ته املتاس پئي ڇڻيا ۽ ٻڌو پئي ته سانوڻ ۾ ڪوئل پئي سڏڪي. عرشنا نيرن گلن واري ول جيان هئي. ول جنهن کي سهاري جي ضرورت هئي. وارث هن جو سهارو هيو. هوءَ واٽ جي وجود کي ويڙهيل هئي.

اها اسپتال جتي عرشنا جو علاج ٿي رهيو هيو ايڏي خوبصورت هئي جو ڏسڻ سان خوف ٿيندو هيو. اڇي پٿر جي اسپتال تي چنڊ چمڪندو هيو ته ميري پاڻيءَ ۾ لڏندڙ عڪس جهڙي نظر ايندي هئي. ڏينهن جو ان جي شفاف شيشن ٻاهران ڪارا پوپٽ اڏرندي نظر ايندا هيا. عرشنا ڪجھ ڏينهن اتي رهي. هڏن ۾ گودو وجهڻ باوجود شفاياب نه ٿي سگهي. سڀ ڪوششون بيڪار ثابت ٿيون. عرشنا موت جي ڪناري پهچي وئي. ڪيس اسپتال مان اهو چئي فارغ ڪيائون ته "اها ڪجھ ڏينهن جي مهمان آهي."

وارث ٻڌو ته محسوس ڪيو هڪ ڄنگھ تي بيٺل آهي، سندس اڌ حصو زمين تي ڪريل آهي. ان کي هٿ ڏئي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي هڪ ڄنگھ تي توازن برقرار رکي نه سگهيو ۽ هيٺ ڪري مڪمل ٿي ويو.

عرشنا ڏانهن ڪندي چيو، "پاڻ سنڀال ۽ منهنجو سهارو ٿيءُ." وارث کي ٻن ماڻهن سهارو ڏنو. هڪ وجود کي پٽيون ويڙهيندڙ ڊريسر ۽ ٻيو هو پاڻ. جڏهن عرشنا جي يڪ ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو هيو ته سندس هڪ اک ٻئيءَ کي ڳوڙها ڳاڙيندي ڏسي رهي هئي.

"عرشنا" وارث چيو. "تنهنجي وڇوڙي جو سوچي لڳي ٿو دنيا جا سڀ رنگ ڪچا هجن. دنيا ڪچن رنگن مان ٺهيل هجي، وسندڙ مينهن جو پاڻي سڀ رنگ پاڻ ۾ سمائي اڳتي وڌندو هجي. منهنجي ڇهري جا رنگ متجي چڪا آهن. تو سوا مونکي ڪير سجاڻيندو؟"

عرشنا هٿ اڳتي وڌايو. هن ڏٺو سندس هيڏي هٿ جون سايون رڳون چيريل وجود جهڙيون هيون. هن هٿ عرشنا جي هٿ ۾ ڏنو. اهو گرم هيو دوزخ جيان جنهن ۾ موت گناهگارن جيان دانهي رهيو هيو.

"مونکي معاف ڪجانءِ عرشنا." هن چيو، "جيڪر زندگيءَ جا ڪجھ پل تنهنجي حياتيءَ جي ڪاتي ۾ وجهي سگهان. جيڪر حياتي تنور جي تازي نان جيان هجي جنهن کي گڏ ڇپاڙي سگهون. پنهنجي حياتيءَ جو ڪجھ حصو ڏئي جيڪر توسان گڏ روانو ٿي سگهان."

عرشنا چت کي ڏسي رهي هئي، سندس اکين جي ڪنارن ۾ ڦاٿل ڳوڙها وارث جي سڏڪن تي لرزي رهيا هيا.

"موت زندگيءَ جي سرحد نه آهي." عرشنا چيو، "ان سرحد تي ڪي ڪنڊيدار تارون نه آهن. موت جو تصور ان وسري ويل واديءَ جهڙو آهي جتي جنم کان اڳ اسين رهي چڪا آهيو. وسري ويل وادي جيڪا يادن ڪان پري گم آهي. جتي خاموشيءَ جون سيٽيون وڄن ٿيون. ان واديءَ ۾ تنهنجو انتظار ڪندس. موت ڪانپوءِ آواز ڏيندس ته اها وسريل وادي توکي ضرور ياد ايندي."

وارث لاءِ عرشنا جي موت جو تصور ائين هيو جيئن ڪمري ۾ بلب دماغ جيان ڦاٽي پيو هجي. وارث ياد ڪيو جڏهن عرشنا سان نه مليو هيو. اڪيلائي ۾ پاڇي جو پيار هيو. پاڇو عرشنا جي وجود ۾ تبديل ٿي ويو. سندس اڪيلائيون سڪل پنن جيان ڇڻي ويون. پيار المين جو خالق آهي. چاهتون وڇوڙن جي احساس کي اجاگر ڪن ٿيون. جڏهن پيار نه هيو الميانه هيا.

هن عرشنا جي چپن کي ڏنو محسوس ڪيائين صحرا ۾ هلندي ڪيس لڦون نڪري آيون هجن، تاريخ جو سفر طي ڪيو هجي ۽ عرشنا جي اکين جي ڪنڊ ۾ پناهه ورتي هجي. ڪنڊ چوڌاري عرشنا جي وارن جهڙا ڪاريهر ويٺل هجن. عرشنا جون اکيون پاڪ ڪتاب تي ويڙهيل ڪپڙي جهڙيون هيون. هن چيو.

”سوچيو هيو توکان هٿ اڌارو وٺي نئين تاريخ لکندس. تنهنجين آڱرين سان لفظ ڇهي ماضيءَ جي ڇهڻ جون ريکائون محسوس ڪري سگهندس. توکانسواءِ هٿ ڪٽيل آهن. آڱريون وڍيل آهن.“

عرشنا هٿ وڌائي سندس ڇهري کي ڇهيو. وارث محسوس ڪيو عرشنا ڇهري تي ڪجهه لکيو هجي. سندس آڱرين جي نرم ڇهاءَ ڇهري جي لکيرن کي بدلائي وڌو هجي. هو وات لڙڪائي ويٺ هجي ۽ ڇهري جي زخمن ۾ جيت چرندا هجن.

”تاريخ پڄاڻيءَ کي پهچي وئي آهي.“ عرشنا چيو، ”ان جو آخري صفحو مان آهيان. هر انسان جو پنهنجو چنڊ سج ڏينهن ۽ رات آهي. هر انسان وقت آهي سندس وقت پاڻ سان پڄاڻيءَ کي پهچي ٿو. تاريخ پنن تي رهجي ويل خواب آهي. خواب، ننڊ ۽ موت جو تفاوت آهي.“

عرشنا جا لفظ قديم قلعي جي فصيل تان ڪمانيون ڇڪي اڇلايل زهر ۾ ٻڏل تير هيا جيڪي سندس روح جي گهرائين ۾ لهي ويا.

”عرشنا“ وارث چيو، ”تنهنجي حياتيءَ لاءِ موت جي اکين ۾ دعا گهرندس. موت انڌو آهي. جيڪر تنهنجو چهرو ڏسي ته زندگيءَ تي عاشق ٿي پوي.“

عرشنا مرڪي سندس ڪنارن ۾ ڦاٽل ڳوڙها ڇٽي پيا. هن جي مرڪ جدائيءَ جي سنهي چير جهڙي هئي.

ڊاڪٽر ڪمري ۾ آيو ۽ عرشنا جو معائنو ڪيو. سندس پيڪوڙيل چپ تشويش ظاهر ڪري رهيا هيا.

”ڪجهه دوائون لکيون آهن.“ هن چيو، ”جيڪي عارضي آرام ڏينديون. باقي ٻڌائي چڪو آهيان. جيڪڏهن گهر وڃڻ چاهيو ته وڃي سگهو ٿا.“

ڊاڪٽر هليو ويو. لفظ ڪمري ۾ رهجي ويا جيئن مينهن ڪانپوءِ ڪمري ۾ سوين ڪنيڙيون بلب چوڌاري ڦرنديون هجن. هو الوداع چوڻ کان اڳ اهڙي ويران رستي تي ويٺل هجي جتان صرف هڪ بس لنگهيندي هجي جيڪا اڌ ڏنل واريءَ ڏي ويندي هجي.

ڊاڪٽر جي هدايت موجوب هن دوائون ورتيو. گهر پهتو ته بند ڪمري ۾ بستر جي دز جاڳي پئي. عرشنا کي سمهاري نرم وهاڻو ڏنو. سندس پڪ ۾ اکيون ڦاڙي ٻي سُڌ ائين سمهي پيو جيئن رانديڪو هجي. هڪ گڏو جنهن چوڌاري عرشنا هڪ ٻار جيان ٻانهون ورائي ڇڏيون.

”موت جو خوف موت کان خوفائتو آهي.“ عرشنا چيو، ”جڏهن ننڍي هوندي هيس ته سئيءَ کان ڊڄندي هيس، لڳندي هئي ته ايڏي عذابناڪ نه هوندي هئي. شايد موت سئيءَ کان سنهو آهي.“

”پوپٽ جنهن جي زندگي چار ڏينهن آهي.“ وارث چيو، ”مونکي هڪ پوپٽ جي زندگيءَ جو مشاهدو آهي. سورج مکيءَ تي ويٺل پوپٽ جنهن جا رنگ ڇڻن ڏينهن جو مشاهدو آهي. سورج مکيءَ تي ويٺل پوپٽ جنهن جا رنگ ڇڻن ڏينهن ۾ ڇٽي ويا. اڏام کان قاصر ٿي پيو. هڪ بلبل ڪيس ڇهنب ۾ وجهي آسمان ڏي اڏامي وئي.“

عرشنا جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. هن ڪنڌ ورائي ڏنو ۽ چيو.

”پوپٽ جي ڇڻن ڏينهن جي زندگي انسان جي سؤ سالن کان بهتر آهي. بي فڪريءَ جو هڪ لمحو صدين تي حاوي آهي. جيڪر تون مان چار ڏينهن رهي ٿوهر جي گلن جو رس پي ريگستان جي واريءَ ۾ بي فڪريءَ جو موت مري سگهون ها.“

هن عرشنا کي سيني سان لائي چپ سندس پيشانيءَ تي رکيا. پيشانيءَ تي سج پئي ٻريو. ڪرٽا اکين ۾ لهندي محسوس ڪيائين. سندس اکيون بند ٿي ويون. عرشنا جو جسم ٽانڊن جهڙو هيو ۽ ٽانڊا رک پئي ٿيا.

رات لڙي چڪي هئي، ڪمرو گرم هيو. ٻاهر سرد هوا جا ڏڌ ڪڙڪي رهيا هيا، اها گهر ۾ گهرڻ لاءِ بي چين هيڏانهن هوڏانهن ڦري درين ۽ دورازن جون وٿيون ڳولهي رهي هئي.

وارث لاءِ وڇوڙي جو تصور سنهي تند جهڙو هيو جنهن تي بيٺل هيو. ڪيس يقين نه پئي آيو ته سندس پيار جنهن جي عمر اجان ٻار جيتري هئي اهو آڱر ڇڏائي ميلي ۾ گم ٿي ويندو. اندر ۾ اونهي کڏ محسوس ڪيائين جيڪا وجود کان ويڪري، زندگيءَ کان اونهي ۽ اوندهه سان ڀريل هئي. هن کي سيني اندر ساهه اوڏر تي ورتل ۽ ڏاڍا مهانگا محسوس ٿيا. سوچيائين جيڪر ساهه بچاي رکي سگهي. سنڀاليل ساهن کي گلابي ربن ويڙهي عرشنا کي ڏئي سگهي. اها ڪاڻ ڳولهي ڪدي جتي زندگيءَ جا ذخيرا موجود آهن. تاريخ جي ورقن مان ٽپي ان ڪمري ۾ داخل ٿي سگهي جتي پراڻي ميز تي زندگيءَ جي ڪتاب مٿان رکيل قلم جي مس سُڪي چڪي آهي. قلم ۾ جسم جو رت ڀري ڪتاب ۾ ترميم ڪري سگهي جنهن ۾ حياتيءَ جا انگ مايوسيءَ مان سمهي موت جو انتظار ڪري رهيا آهن.

وارث ياد ڪيو ننڍپڻ ۾ ڪيس گهر جي اڱڻ ۾ نم تي ويٺل طوطا وٽندا هيا. هن هڪ دفعي اڱڻ ۾ ڪريل طوطو پڪڙيو. طوطي هر هر ڪنڌ ورائي ڪيس هٿن ۾ چڪ پئي پاتا. هن خوشيءَ مان ٺهڪ پئي ڏنا ۽ چڪن کان دانهون پئي ڪيون. طوطو سندس هٿن مان پاڻ ڇڏائي اڏامي ويو. هو رنو ۽ زندگيءَ ۾ ان طوطي کي وساري نه سگهيو. طوطي کي ياد ڪري عرشنا جي وارن ۾ ائين هٿ ڦيرڻ لڳو جيئن ساوا ڪنپ هجن.

وارث ڪمري جي ڀتين کي ڏٺو. اهي ڪتابن جون ٿهيل هيون. ڇت کي ڏٺو، اتي اڪريل چترن ۾ آدم جي آڱر ڪٽيل هئي، سندس سڄي هٿ ۾ چار آڱريون هيون. آسمانن ۾ رب کان آڱر ڇڏائي ڌرتيءَ تي ايندي اها رب جي هٿ ۾ رهجي وئي. آدم آڱر رب وٽ گروي رکي آيو آهي. ڪتابن جي ڀت روشني ۽ اوندهه وچ ۾ سرحد آهي. هن ڀت تي عرشنا جو پاڇو ٿهندي ڏٺو. پاڇي وٽ ڪتابن کي اڏوهي لڳل هئي. اهي خاڪ ٿي ڇٽي پيا. هن ڏٺو عرشنا جي پاڇي وٽ خاڪ ٿي ويل ڪتابن وٽان پري اوندهه ۾ مايوسيءَ جا تارا چمڪي رهيا هيا.

”مونکي معاف ڪجانءِ.“ وارث سڏ ڪندي چيو، ”جيڪر سان تو لاءِ ڪجهه ڪري سگهان. اي رمتو ڪشڪول اڌارو ڏي. ڳچيءَ پائي مذهب تاريخ فلسفي ۽ حڪمت جا در ڪڙڪائي ڪجهه گهڙيون پني سگهان. تاريخ جو چور ٻنجي ماضيءَ ۾ وڃان ڪنهن ڊگهي عمر واي پيغمبر جون وساريل راتيون گودڙيءَ ۾ وجهي روپوش ٿي سگهان. اي زندگي سڏ ڏي! تنهنجو ديرو ڪهڙيءَ قبر ۾ آهي؟ اي موت اها سيٽي مون حوالي ڪر جيڪا وڄائين ٿو ته زندگيءَ جي رواني رڪجي وڃي ٿي.“

گهر پهچڻ جي چوٿين ڏينهن عرشنا بخار ۾ ٻرڻ لڳي. سندس لڳ ٽپي ٻاهه ٿي ويا. وارث محسوس ڪيو اهو عرشنا جو آخري وقت آهي. پاڻيءَ جون پٽيون ڪيس مٿي تي رکيون. عرشنا جون اکيون وڏنڊڙ وير ۾ ٻيٺن جيان ٻڏنديون پئي ويون. هن هڏڪيءَ ڏني ته ڪائنات جي نڙيءَ ۾ ٿوهر جو ڪنڊو ڦاسي پيو. اڏرنڊڙ عزرائيل جا پرڇٽي پيا اونڌي منهن ڪنهن تعزيت جي تڏي تي ڪري پيو. عرشنا ڳالهايو ته سندس چپ ڏڪڻ لڳا.

”منهنجو وجود اڪيلائين ۾ سانت جيان رهندو. جڏهن ڏڪڻ جي واءُ تنهنجا هٿ ڇهي ته اها مان هوندس. نظر نه ايندڙ پکيءَ جي لات گونجي ته تنهنن وهمن ۾ هوندس. گم ناميون در ڪڙڪائين ته ڪڙي تي نشان هوندا. تنهنجي سيني ۾ دفن ٿي يادن ۾ جيئري رهندس.“

عرشنا جي ڳالهين تي وارث جي وجود جو وزن هلڪو ٿي ويو. پاڻ کي عرشنا جي هٿ جو سهارو ڏنو. رنو ۽ هٿ تي ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو.

”توکي مرڻ نه ڏيندس“ وارث چيو، ”قديم دنيا جي تاريخ عظيم ديوتائين سان ڀري پئي آهي. خدا جي عظمت جا نشان راهه جي هر پٿر تي اڪريل آهن. پيغمبر ولي اوتار آزارن ۾ ورتل انسانن جي هجوم اندر پنهنجي شفا جا هٿ جهلي بيٺل آهن. مونسان هل تاريخ جو سفر طي ڪر. جتي ڪجهه نه آهي اتي هو آهي. غيب انهن لاءِ آهي جن اکيون ٻوٽيون. جن ڪوليون تي لاءِ ائين آهي جيئن ڪائنات جي قلعي جو دربان. مان مايوس نه آهيان. عرشنا اٿ! در ٻاهران جيڪو رت ڪڙو آهي ان جي مسافت تاريخ جي اهڙن دروازن ڏانهن آهي جيڪي هڪ ٻئي پويان کلن ٿا. رت جي پائيدان تي خاڪ شفا جي اپسرا جي قدمن جي آهي جنهن جا نيڻ ناسورن جو علاج آهن.“ عرشنا جي

آھ نڪري وئي.

”پير پٺون آهن.“ هن چيو، ”هلڻ جي سڪت نہ آهي. تاريخ جي ادوارن جا اوتار اڳتي نڪري چڪا آهن. سڀ ولي وڃي چڪا آهن. ڪي نبي نظرنہ اچي رهيا آهن. خدا خوديءَ ۾ فنا ٿي چڪو آهي. جنهن کي ڳولهڻ چاهين ٿو اهو ڪلهن تي سوار آهي. ڪنارن تي بيابانن ڪانسواءِ ڪجھ نہ آهي. دل جي چراگاھ جا سڀ هرڻ مري چڪا آهن.“

هن عرشنا کي سهارو ڏئي اٿاريو ۽ پاٽيءَ جا ٻہ ڍُڪ ڏنا.


”همت ڪر.“ هن چيو، ”توکي ٻانهن ۾ کڻي تاريخ جو سفر طي ڪندس. ڪائنات جي وجود تائين وٺي هلندس. تاريخ جي هر پيغمبر جي چائنٺ چمندس. خدا ۽ ديوتائن کان تنهنجي لکيل حياتيءَ ۾ ترميم ڪرائيندس. تنهنجي وجود جو نئون آئين لکرائيندس ۽ نئون نظريو جوڙائيندس. هل... تاريخ ڪميت گهوڙي جيان پچندي پئي وڃي. اچ روشنيءَ جي رفتار سان وقت کي مات ڏيون.“

عرشنا سندس ٻانهن ۾ ڍرڪي پئي. هن ڪيس سهارو ڏئي سمهاريو. منهن تان وارن کي هٽايو. گرم ساهن کي آڱرين تي محسوس ڪيو. وارث پٽين کي نهاريو اهي اکيون ڦاڙي عرشنا کي ڏسي رهيون هيون. چٽ جون اکيون ڏک کان بند هيون. سانت سڏڪي رهي هئي. بستر جي ڪٻي پاسي الميو ڪنهن انتظار ۾ بيٺل هيو. رات گهر مٿان ازدها جيان رڙهي رهي هئي جنهن جي جسم تي ستارن جهڙا چٽ هيا. هو عرشنا جي پڪ ۾ سمهيو سندس ٻانهن کي سيني سان ورائي سوچڻ لڳ. شايد اها ڪائنات جي آخري رات آهي. ڪائنات انجام کي پهچڻ واري آهي. جيڪو سچ اوجهل ٿي چڪو آهي نظر نہ ايندو. آسمان ۾ دڪندڙ ٿاندن جهڙا ستارا پنهنجن ڳوڙهن ۾ وسامي رک ٿي ويندا. ڪڙيل چنڊ اگهور ننڊ ۾ ٻُڏي ويندو. اها قيامت جي اڻ ڪٽ رات آهي. ڏکهي رات جنهن ۾ ڪائنات جي تاريخ جي طوالت آسانيءَ سان سمائجي ويندي. هو سوچيندو رهيو پوءِ ڪيس عرشنا جي ٻانهن ۾ ننڊ اچي وئي.

سيني تي محسوس ٿيندڙ عرشنا جا گرم ساھ خواب ۾ ائين ڏسي رهيو هيو جيئن پيرين اگهاڙو ريگستان ۾ بيٺل هجي. لڪ سندس جسم سان ٽڪرائجي رهي آهي. هن پرسان بيمار عرشنا بيٺل آهي ان جا چپ خشڪ ٿي ڦاٽي پيا آهن. هن ڏٺو ڪو

## تـعـزيـت

اسين ٿرپارڪر ضلعي جي مشهور صوفي بزرگ ۽ شاعر سيد عباس علي شاھ جي لاڏاڻي تي سندس وارثن، مريدن ۽ عقيدتمندن سميت سندس ڏوهٽي ۽ سوجهرو ساٿي اياز رضوي سان عذر خواهي ڪيون ٿا. (ادارو)




سنڌ ازل کان وٺي صوفين، سرويچن ۽ درويشن جي ڌرتيءَ رهي آهي. صوفي درويش سدائين پيار، محبت ۽ امن جو درس ڏيندا رهيا آهن. ۽ جنونيت ۽ دهشتگردي کان مٿانهان ٿي، انسانيت، امن ۽ آشتي جو پيغام ڏيندا رهيا آهن. اهڙين صوفين ۽ درويشن جي قطار ۾ هڪ منفرد نالو ’راضي فقير‘ جو بہ آهي. راضي فقير لشاري هالا (حيدرآباد) ۾ ڄائو. سندس اصل نالو مهر علي هو ۽ پوءِ پاڻ راضي فقير جي نالي سان مشهور ٿيو. ”راضي فقير جو رسالو“ ڪُل 12 سُرن ۽ 267 صفحن تي مشتمل آهي. رسالي جي ترتيب ۽ تعارف پروفيسر غلام رسول قاضي ڏنو آهي ۽ مهاڳ عبدالعليم ڪلهوڙي لکيو آهي.

راضي فقير جي شاعري روايتي ڪلاسيڪل (قياسي شاعري) جيان مڪاني صوفي ازم جي نظرئي واري شاعري آهي، جنهن ۾ هُن سچل ۽ لطيف سرڪار جي اهل ڪئي آهي.


**وحده لاشريڪ لهٗ، واحد وِهائج وٽ**
**ڪٿين جي هارائين، تہ هيِ تنهنجو هٽ**
**پرين ڏينديءِ پٽ، پري جام جنت جو.**
(سُر يمن ڪلياڻ، ص24)

**الست بربڪم جڏهن پيو ڪن ڪلام**
**تڏهن قالو بليٰ قرب سين چيم تُرت تمام**
**تهان مارو من مُدام، رهيو آهي رُوح ۾.**
(سُر مارئي- داستان پهريون)

راضي فقير بہ سنڌ ۾ رائج وحدت الوجود واري نقطئہ نظر کي پيش ڪيو آهي. هو مذهبي ڪٽرپڻي کان مٿانهون درويش شاعر آهي.

راضي فقير 19 صدي جي چوٿين ڏهاڪي جو درويش صفت ۽ صوفي منش شاعر ٿي گذريو آهي. هن جو ڪلام ٻين صوفي شاعرن جيان مروج لوڪ داستانن کي پنهنجي شاعري جو بنياد بڻايو آهي. هن جي لفظيات قديم ۽ مروج ساهتيا جي آميزش سان سولي ۽ غنائي شاعري آهي. مجاز ۽ حقيقت جي تجربن جو هن جيڪو تجربو ماڻيو آهي. انهي تجربي کي هُن پنهنجي شاعري ۾ اظهاريو آهي. سندس فن جي خاص خوبي انسان دوستي هڪجهڙائي ۽ پيار ونڊڻ آهي. هن جو ڪلام انتهاپسندي ۽ انتشار کي رد ڪندي، همہ گير انسان دوستي واري جذبي کي هٿي وٺرائي ٿو.

*- بنگل خان ڪلهوڙو*




شبانہ سنڌي همعصر ڪهاڻي جي دؤر ۾ انهن ليکڪائن جي تسلسل جي هڪ ڪڙي آهي جيڪا سنڌي معاشري ۾ عورتازاد سان ٿيل زيادتين، اُرھ زورائين ۽ جنس جي بنياد تي ڌڪار وارن جذبن کي سيبتي نموني ماڻهن تائين پهچايو آهي.


هن جي ٻولي سادي ۽ مڪالمو معروضي حالتن جي پسمنظر ۾ دلآويز ۽ دلچسپ آهي. هن کان اڳ بہ شبانہ صاحبہ جي ڪهاڻين جا ٽي ڪتاب جهڙوڪ، ’اداس سانجهي‘، ’سپنو ساپيان ساڻ‘، ’چنڊ، سمنڊ ۽ مان‘ ڇپجي چڪا آهن. هي سندس چوٿون ڪتاب آهي جيڪو ٻن مختصر ناوليٽن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ هڪ ناوليٽ، ’هڪڙي هئي نمي‘ ۽ ٻيو ’سفر چاهتن جو‘ جي سِر هيٺ شامل آهن. ڪتاب ادب اشاعت گهر، حيدرآباد ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ڪتاب جي ڇپائي، ٽائيٽل ۽ ڪاغذ اعليٰ معيار جا آهن پر ڏک جي ڳالھ اها آهي تہ ناشر ڪتاب جي ايڊيٽنگ ڏانهن بنھ ڌيان نہ ڏنو آهي. دم، اڌ دم، فل اسٽاپ ۽ پيراگرافس ۾ توازن نہ هئڻ جي ڪري متن جو تاثر زائل ٿي وڃي ٿو ۽ پڙهندڙ ليکڪا جي شعوري سگھ کي پرکيندي ٻاتاڙجي وڃي ٿو.

ڪتاب جي قيمت 100 رپيا آهي. صفحا 128 آهن.

*- فهيم سولنگي*



# ڇؤ بنان ڇوليا..



اختر جانوري

ڪُنبيل ڪپڙا، ڪَلف سان ٺَٽريل، ڪنڌ سيٽيل. ’گرگر ڪندو ٻانهون ٽيڙيندو ڪلنڪ ۾ داخل ٿيو. اميتاڀ بچن ڪٽ وارَ، ڪلين شيوَ ۽ هائيءَ ۾ سنهو. ڳل پيٺل، منهن سوڙهو ۽ نڪ تِکو ڪنيل. اکيون ٽيوريون. ڪارا تارا. جلد جلد هيڏي هوڏي ڦرندڙ. ويهن ٻاويهن ورهين جو سانورِڙو جوان هيو. وارن کي پوئتي جهٽڪو ڏيئي اچيَ اڳيان ويٺو. ڪجهه مريضن جي موجودگي هن کي ناگواري ڏني. سيني کي ڪاوڙ مان ڏٺائين ڄڻ چوندو هجي، ’هي هڇائون جيڪر نہ هجن.‘ مون هن جي بيقراري ڀانپي ورتي. پر چپ رهيس. بيزاري مان ڏنل سندس جيسچر مزيدار ٿي لڳا. ڀانيائين مان هن جو ڪو وڏو آدرياءُ ڪندس. پر مون رڳو هن تي هڪ اُچاتري نظر وجهي وري مريضن جي چڪاس ۾ رُنبي ويس. سوچيم، ’اَتاولو آهي. ڀلي ڪجهه ڪڙهي، تپي ۽ اوٻارو ڪائي.‘ صبر ڪري نہ سگهيو ۽ چيائين،

”ڊاڪٽر صاحب، واندڪائي تہ آهي نہ؟“

”بس اٺڻ وارو آهيان. هي آخري مريض آهن.“ مون چيو.

”گهڻي دير لڳندوَ؟“

”ٽي مريض آهن، ڪجهه تہ ويرم لڳندي.“

ڳالهہ مڙس کي ڳؤري لڳي. پر چُپ رهيو. تنهن هوندي بہ سندس نرڙ ۾ آيل گُهنڊ ٻڌايو پئي. چاهيائين پئي تہ سڀني مريضن کي ڌڪا ڏيئي ڪڍي ڇڏيان. هن جي لڇُ جي ڪري جهڙو اچي ويو.

”جي تڪڙ هجي تہ ڪٺي ٻڌايو؟“ پڇيومانس.

”اڪيلائپ ۾ ڳالهائڻو آهي، توهان مريض اُڪلائي وٺو.“

سوچيم، ”نوجوان آهي هوندس ڪا اشتهاري بيماري.“

جيستائين ٻيا مريض ڏسندو رهيم هيءُ بيقرار ٿي رهيو. ۽ ڪرسيءَ ۾ پئي ڦِريو. اکين کي هڪ هنڌ ٽِڪاءُ ڪونہ. ۽ بدن ۾ وَٽ. هر گهڙي وري پنهنجو ۽ پنهنجن ڪپڙن جو جائزو ٿي ورتائين. لڳو پئي ڄڻ ڪلف لڳل ڪڙڪ ڪپڙن تي ٽيڪ ڙيل هجي. سڄو وقت ان ڪوشش ۾ هيو تہ ٻانهرن ۾ گهنج نہ پون. مان مريض مزي سان ڏسندو رهيس. مونکي هن جي بي صبري ۽ بيقراري جي اظهار تي مزو پئي آيو. نيٺ جڏهن واندو ٿيس تہ چيومانس،

”هليو آءُ اچي اسٽول تي ويهہ.“

”چڪاس ڪرائڻي ناهي. رڳو توهان کان صلاح وٺڻي آهي.“

”ڪهڙي صلاح؟“

اڳتي وڌي، هيڏي هوڏي تاڙي، خشڪ چپن تي زبان ڦيرائي سرٻاٽن ۾ چوڻ لڳو،

”منهنجو هڪ دوست آهي منهنجي عمر جو. هن جي سنگت آهي- هڪ ٻاونجاهہ سالن واري ڇوڪريءَ سان... سو... سو...“

لفظن ۾ وچڙڻ لڳو. ان وچ ۾ نرس هلي آئي. نرس کي ڏسي جوان جي رنگت ئي ٻي ٿي ويئي. نرس بہ چوندي سهڻي رکي هيم جنهن کي ڏسي هن جي واڇ جي گودو نہ ٿي هئي تہ بہ گگ ڳاڙي ويٺو هيو. نرس ڪجهه پڇيو ۽ هلي ويئي. نرس جون ڪجليون اکيون، محرابي پلڪ ٽيل پرورن ۽ لالي لڳل لب. جوان کان حال في الحال تہ ٻاونجاهہ سالن واري ’ڇوڪري‘ وسرائي ڇڏي. ڀريل ڇاتيون ۽ پويان ڀرپور پولهہ، گلابي رنگت ۽ طبلي جي وڄت واري چال. جيستائين پردو ڪٽي پنهنجي ڪئبن ۾ نہ ويئي. هيءُ نظرن سان هن جو پيڇو ئي ڪندو رهيو. مون هن جو توجهہ ڇڪائڻ لاءِ کنگهڪر ڪئي تہ مُڙي مونڏي منهن ڪيائين. چيم،

”توهان ڪجهہ ٻڌايو پئي؟“

ڪجهہ شڪي ٿيو. پر پاڻ سنڀالي وري چوڻ لڳو،

”سائين، منهنجو دوست آهي ۽ آهي منهنجي

عمر جو. هن جو پيار آهي هڪ ڇوڪريءَ سان... ٻاونجاهه سالن واري ڇوڪريءَ سان...“

”ڇوڪري ۽ ٻاونجاهه سالن جي؟“ مون ڪلندي پڇيو. ڳيت ڏيئي چوڻ لڳو،

”ڊاڪٽر توهان سمجهو نه ٿا.“

”پوءِ ڪٿي سمجهاءِ نه. ٻاونجاهه سالن جي ’ڇوڪري‘ کي پيٽ ته نه ٿيندو؟“

اهو ٻڌي سندس چهري جو رنگ پيئرو ٿي ويو.

”حرڪت ۾ برڪت آهي.“ مون مشڪندي چيو. مبهم گفتگو ڪيم.

مونکي هن جي پريشانيءَ مان مزو پئي آيو.

”ڊاڪٽر صاحب، صحيح ٻڌايو. اسانجو سِرُ تو وڃي ۽ توهان پيا...“

”بابا رڳو عمرين ٻڌائڻ مان صحيح جواب ته ڪونه ڪيو نه؟“

”تڏهن؟“

”تنهنجي دوست جي به ڇڪاس ڪبي ۽ تنهنجي دوست جي سنگتياڻي ٻاونجاهه سالن واري ’ڇوڪريءَ‘ جي به.“

”توهان مذاق پيا ڪيو.“

”زندگيءَ سان مذاق ڪونه ڪبي آهي.“ مون گنڀير ٿي مُنهن ڳَوُرو ڪيو. هڪ به ڳيتون ڏنائين. ڪجهه لچڪيو، ڪجهه ڪُرسي تي وَڪڙ ڪاڏائين ۽ ڪجهه ڦتڪيو. نيٺ ٻانهون ٽيبل تي اڳتي ڏگهيري چوڻ لڳو،

”ڊاڪٽر اهو دوست مان پاڻ آهيان.“

مُنهن پگهر جي ويس. ۽ اکيون ٽڦ ٽڦ ڪرڻ لڳس. سوچيم، ”پهرين ڳوٺ تہ پڳي. باقي ٻاونجاهه سالن واري ڳوٺ مار جي.“

چيو مانس، ”تنهنجي ڇڪاس ته هاڻي ئي تو ڪري وٺان. باقي رهي ٻاونجاهه سالن واري ’ڇوڪريءَ‘ جي ڇڪاس، سو جيڪڏهن هاڻي ئي گهرائي ونوس ته هاڻي ئي...“

مونکي ٻاونجاهه سالن واري ڇوڪري ڏسڻ لاءِ خوشي ٿيڻ لڳي.

ڏٺم هن جي چهري تي اٽوٽندڙ تاثر ابري آيا. اکيون ڇنڇهيون ڪري پڇيائين،

”ڪهڙي ڇڪاس ڪندؤ؟“

”اهو ڊاڪٽر جو ڪم آهي.“

”وري به؟“

”ڪجهه ڏسندم. ڪجهه پڇندم. ۽ ڪجهه ٽيسٽون...“

”ڇا ڇا ڏسندؤ؟“ ابهرو ٿي چيائين.

”اطمينان رکو، اهڙي ڪا ڳالهه...“ مونکي اڌ ۾ مُنديندي چيائين،

”مونکي اطمينان آهي پر...“

”تنهنجي مرضي.“ چيم.

”ڊاڪٽر هن کي ٻار ٿي سگهي ٿو. رڳو اهو ٻڌايو؟“ اتاولي مان پڇيائين.

”ڏسڻ کان سواءِ چئي نه ٿو سگهجي.“

ٽڪڙو اٿيو. ۽ چيائين، ”مان هاڻي تو وٺي اچانس، توهان ڪلينڪ ۾ ته آهيو نه؟“

ٺڪ ٺڪ ڪندو هليو ويو. مون ڪجهه وقت انتظار ڪيو. پر هي ڪونه موٽيو.

ان ڳالهه کي به هفتا گذري ويا. نه هيءُ ڳڀرو وريو ۽ نه ٻاونجاهه سالن واري ’ڇوڪري‘. هن جوانڙي جو چهرو ته وسريو ئي نه ٿي. ور ور ڪيو پئي ياد آيو. ان دل جي سَٽ سان ڳڻ ته اها ٻاونجاهه سالن واري ڇوڪري به ڏسان جنهن تي هي همراهه آروڪيون وينو هو، ۽ جنهن جي پيٽ تي پوڻ جي ڳڻتيءَ ۾ مڙس وَهلور پئي ويو.

هڪ ڏينهن ڪلينڪ ۾ وينو هوس. ۽ مريضن جي پيهه به ڪونه هئي، ته هڪ اچي گهيريدار برقي واري عورت اچي پهتي. هيڏي هوڏي اوڪاسي برقعو مٿي ڪري، اڌ منهن ڍڪي چوڻ لڳي،

”ڊاڪٽر اوهان سان هيڪلائي ۾ ڳالهائڻو آهي. ڪمپائونڊر کي جهلي ڇڏيو ته اندر ڪنهن کي به نه ڇڏي.“

مون سندس منهن ۾ حيراني سان ڇتائي ڏٺو. ۽ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪيم. چهرو اجنبي هيو. رنگ ڪليل ۽ اکيون انبورن واريون. الماسي اکڙين ۾ مرجاني ڏورا ۽ ٻاهران ڪارَ سُرائپ. ۽ هلڪي ٽوئر ٻڌايو پئي ته اوجاڳن جي سَٽيل آهي. ناؤنوش ۽ ڪثرت سان ڪاروبار جا به اهڙائي اهڃاڻ هوندا آهن. گهٽو اُڙهل هئي. پڪ ڏياري مانس،

”ڪوئي ڪونه ايندو.“ برقعو پورو ڪٽي مٿي ڪيائين. پرپور بدن پر گوشت ڇڏيون بينو هوس. سوڙهن ڪپڙن سان ماس کي هٽيڪو ڪرڻ جي گهٽيئي ڪوشش ڪئي هئائين. پر ماس جڏهن ڏپُ ڇڏيندو آهي ته پوءِ ڪپڙن کان قابو ڪونه ٿئي. پيٽ به جيلي جي ڇَڪيءَ وانگر پئي لرزيس. سچي لڏيل هئي. پر ڪاڏيءَ هيٺان ڳج لڙڪڻ جي باوجود ڪشش هيس. ان عمر ۾ هئي جڏهن جر جال نه رهندو آهي. ۽ سَرَ سُڪي ويندا آهن. جڻ سمنڊ هٽي واري ڇڏي ويو هجي. هڪ به ڳيت ڏنائين. ۽ نڙي آلي ڪري پنهنجي چمڪيلي اکين کي جيڪي ظاهري وڏا هٿيار هيس. تُز استعمال ڪندي چوڻ لڳي،

”ڊاڪٽر صاحب، توهان ۾ هڪ ڪم آهي.“

”چئو.“

”توهان وٽ هڪ ڇوڪرو آيو هيو، ۽ اهو پڇيو هئائين ته وڏي عمر واري عورت کي ٻار ٿيندو آهي يا نه؟ ۽ توهان چيو هيس ته جيسين ان عورت کي ڏسي ٽپاسيندم نه تيسين ڪجهه به ٻڌائي نه سگهندس.“

مون ٿورو غور ڪيو ۽ مونکي اهو همراهه ياد اچي ويو. ۽ ان سان گڏ ذڪر ڪيل ٻاونجاهه سالن واري ’ڇوڪري‘ به. چيم،

”هائو، مونکي ياد آهي.“

”اها اياڻي مان آهيان.“ سندس لفظن ۾ درد سمايل هو.

هن کي ڏسندو رهيم. سندس پريل جسم ۽ وٽندڙ مهانڊا، مونکي ائين لڳا جڻ مغلن واري بارادري آهي. جنهن جي پاڙن کي ڪلر کائي ويو هجي. ۽ سندس ديوارن تي ڇتسالي پنهنجا رنگ ڦٽائي ڇاپڙ ڪيرائي وڌا آهن. دل ۾ چيم، ’ڇئي ڏيانس ته تنهنجي ڪهڙي ٽپاس ٿيندي. تون ته اڻ وسيو ٿر آن. بر آن. ريگ واري ۽ بَرپٽ آن.‘ پر سوچيم، ’ان تي به برسات ساوڪ اپاري وجهندي آهي.‘ سو رڳو اهو چيومانس، ”تون ڪلر واري زمين آهين جتي سَلو ئي سائو ڪونه ٿيندو آهي، پلي ٻج ڇٽجي ۽ ڪيڏو به ريج ڏجي. تنهنجي ڪهڙي ٽپاس ٿيندي؟“

جواب ڏنائين، ”مان ٽپاس ڪرائڻ ڪونه آئي آهيان. جاڻان ٿي ته خالي ڪوکو آهيان. مونکي ڪجهه ڪونه ٿيندو پر...“

”پر ڇا؟“

”بس هڪ عرض ڪٽي آئي آهيان.“ هن جي اکين ۾ التجا ۽ اميد ٻئي گڏ پئي اڇلايون.

”چئو.“

”توهان مهرباني ڪري هن کي چئو ته مان پيٽ سان آهيان. ۽ اهو تڏهن ٻڌايوس جڏهن مان ٽپاس لاءِ هن سان گڏجي ڪلينڪ تي اچان.“

ڳالهه ته سمجهه ۾ اچي ويئي. پر وري به چيم،

”اها غلط ڳالهه ڪيئن چوان ته تو کي پيٽ آهي. ۽ ايڏي وڏي عمر واريءَ کي!!“

”هن پيٽ جي ڪري...“ هن پنهنجي چربيءَ چڙهيل نڪتل پيٽ ڏانهن اشارو ڪندي چيو،


”پئسي واري گهر جو ڇوڪرو آهي. ڪجهه وقت منهنجو پيٽ گذران ٿيندو رهندو.“ ■

## غزل

### تاج بلوچ

سِڄ اڀريو ته ڪنيون آيو اٿانگا سپنا
رات نيٽن ۾ لڪائي جي رکيا ها سپنا
شام ڇا، شامِ غريبان جيان سڏڪا سپنا
شهر ٻي دردَ اسانجا نه ڪنايا سپنا
ڇاڳلي نند کي اُلڪن نه سَنو نيٽن ۾
جاڳ جي دشت ۾ ڇچريون ٿيا شيشا سپنا
ليڙون ليڙون ٿي رهيو آهي اسانجو اوڇڻ
پوءِ ٻي هنج ۾ ڪيڏن ٿا ستارا سپنا
جاڻ ٻي درد زماني جي هئي تاج بلوچ
ڊپ وگهي پاڻ نه پلڪن تي سجايا سپنا.

# سينڌ





انور شيخ

قابل تر جو نالي چڙهيو چور هو. جيڏو هو چوريءَ ۾ چوٽ تي ته تيڏو وري هو موٽائي ڏيڻ ۾ مهانگو. سيد کي ته سنگهي ئي ڪونه. چڱي مَني جي چڱي ڪي چخي نه ڪندو هو. پونگي ڪانسواءِ پاڳئي کي پونٽاٽيون ڏيارائي ڇڏن. اهڙو چندو چور مون نه ڏٺو هو تر ۾ مڙس جي وڏي هاڪ هئي پري پري جا پنڌ ڪري سجايو اچي سمهندو هو. ورلي ڪو خالي وري عاقل ٽاٽي جي حد ۾ ٻيا به چور هئا پر انهن ۾ گهٽا چڱا هئا. جي ڳالهه S.P يا D.S.P تائين پڄندي هئي ۽ وڏا صاحب رنج ٿيندي چنڊ پٽيندا هئا ته چورن جو ڪو چڱو مڙس موڪليندو هو نه مانُ ڏئي مال موٽائي موڪليندا هئا. پر هي نيا ڳو اهڙو جو ننهن کي نَوَ ڪوٽ ڏئي پلٽي ماري ويهيو رهي. ڪڏهن ڪڏهن جي ڳالهه پڌري ٿي پويس ته چوي، ”صاحب کهڙو پاڻ سڄو ڏينهن ثواب ڪمائيندو وتي جو اسان مفت ۾ مال موٽائي ڏيونس هر ڪو پيو پيٽ لاءِ پورهيو ڪري، سڄي رات ٽا پير سُڄايون. تڏهن ٽا هڪ اَڌُ سهدار سوري اچون. صبح سان وري توهان پٽڪا پائي ٽا اَچي پهچو هاڻي ماني ڪائو ته جي بسم الله نه ته موٽي وڃو مَهَلَ سان.“

اهڙيون ڳالهيون جڏهن ٻڌندو هيس ته ڏاڍي ڪاوڙ لڳندي هئي. پڪو پهُ ڪيو هيم ته هاڻي يا قابل کي قابو ڪندس يا صاحب کي سلام ڪري ٽاٽو مٽرائيندس. آخر مان به عاقل ٽاٽي جو ارڏو S.H.O هيس.

هڪ ڏينهن عاقل پل جي چوڪيءَ انچارج جمعدار جِوابي کي گهرائي چيو، ”جوابا، منهنجي عزت جو سوال آهي. پيو ته زيتونن جي سيزن به اٿئي، زيتونن جي ٽرڪن ڪان منتليون ميڙڻ جو موقعو به هاڻي اٿئي. پروموشن به پڪ سان پڪو ڪرائيندو مانءِ. قابل قابو ڪيئن ٿيندو صلاح ڪا سيبتي ڏي. نه ته ٽپڙ ٻَڌُ لائين وڃڻ حاضر ٿيڻ لاءِ.“

ٿوري دير لاءِ چپ ٿي ويو ۽ پوءِ هٿ ٻڌندي چيائين، ”سائين، توهان صاحب آهيو سيبتا، توهان جي جاءِ تي ڪو ٻيو آفيسر هجي ها ته وتانس ها خالي گهر گهمائيندو، پر جي هاڻي پنهنجي عزت جي ڳالهه ڪئي اٿئو ته پوءِ توهان جي عزت منهنجي عزت آهي پير پوئتي ڪونه ڪبو، ٻه ڏينهن مهلت ڏيو الله پلي ڪندو.“

مون کيس شاباس ڏئي چيو مانس، ”مان سڄي ٽاڻي مون صرف تو کي چونڊيو آهي، آخر تون ۾ به ڪا ڳالهه ڏٺي هوندي؟“

”تون دعا ڪر صاحب، مان به آنو ٻچو آهيان، رک مولا تي.“

اهو چئي جمعدار جوابو مون ڪان موڪلائي هليو ويو. ٽن ڏينهن ڪان پوءِ جمعدار جوابو سانجهيءَ مهل مون سان اچي ٽاڻي جي ڪوارٽر ۾ مليو پاڻ ٻئي اڪيلا هئاسون مون کي چيائين، ”صاحب اڄ منجهند جو همراه جو ڏس ڳوٺ ۾ پيو آهي. سياڻو ڪانءُ آاڳ ۾ ڪافي ريڊون ٿيون اٿس پر هٿ نه آيو آهي، پر هاڻي پلانُ پڪو ڪري آيو آهيان.“

مان غور سان سندس پلان ٻڌڻ شروع ڪيو، ”قابل جي گهر اڳيان وڏو لوڙهو ڏنل آهي جڏهن پوليس لوڙهي کي گهيرو ڏئي اندر داخل ٿيندي آهي ته قابل جنهن پنهنجي گهر جي ڪوٺيءَ مان پوئين پاسي هڪ خفيه دري لڳرائي ڇڏي آهي. جيڪا ٻاهرين پاسي ڪان ڍينگر ڏئي لڪائي ڇڏي اٿائين. جڏهن پوليس جو کُڙڪو پوندو اٿس ته ان دريءَ مان ڍينگهر هٽائي جهنگ ۾ ڀڄي ويندو آهي.“

جمعدار جوابي ساهه پٽيندي راز دارانه انداز ۾ وري ٻڌائڻ شروع ڪيو، ”ڪوهيڙي جي موسم آهي رات جو ڪو پرسانِ لنگهي ٿو ته به خبر ڪونه ٿي پوي. توهان ۽ مان هلي اُن دريءَ جي پرسان پوئين پاسي ڪان ويهنداسون. موبائل گاڏي گهٽو پوئتي ٻي نفريءَ سان ويهارينداسون جڏهن پاڻ پوزيشن ۾ پهچي وينداسون ته پوءِ ٻي نفريءَ کي موبائل فون تي مس ڪال (Miss Call) ڏجو، اها نفري سامهون ڳلي ڪان ڦري ايندي، قابل کي کُڙڪَ پوندي ته اهو دَريءَ جَي پاسي نڪرڻ جي ڪندو، ڪوهيڙو هوندو آسانيءَ سان ٻئي دَسي وجهنداسونس، جوابي جمعدار پلان ٻڌائي بس ڪئي ته منهنجي چپن تي فاتحانه مسڪراهٽ ڇائنجي وئي. مان کيس پنهنجي مڇ مهٽيندي شاباس ڏني.

”واهه جوابا، تنهنجو پروگرام پڪو ۽ پختو آهي. بس پوءِ اڄ ئي رات ٽا بسم الله الرحمٰن الرحيم ڪيون.“

”جيڪا توهانجي مرضي سائين، مان ته تنهنجو غلام آهيان.“

”پلا ٻڌاءِ؟“

مون کانس پڇيو، ”ڪوهيڙو رات جو ڪهڙي مهل تو گهاتو ٿئي؟“

”هونءَ ته سائين نائين بجي ڪان پوءِ نظر گهٽ ٿي پئي، ڳپل پنڌ آهي ۽ چور به سياڻو آهي اَسرُ جو پوليس جي مهل هوندي آهي گهر ۾ متان نه ٽڪي تنهنڪري ٻارهين بجه ئي ڪم ٽا لاهي اچونس“

”ٺيڪ آهي پاڻ هتان يارهين بجي ٽا نڪرون“

مون کيس چيو، ”ٺيڪ آهي سائين.“ جوابي منهنجي تاعيد ڪئي.

رات جو يارنهن ٿي رهيا هئا ڪوهيڙو تمام گهٽو گهاٽو ٿي هو. اسان پلان مطابق ٽاڻي ڪان نڪتاسون عاقل ٽاٽو دادو ڪئنال جي ڪَڙَ تي ايريگيشن جي بنگلي ۾ قائم هيو، عاقل ڳوٺ طرف ويندڙ لنڪ روڊ ڏي باءِ پاس ڪان ٿي روانه ٿياسون. روڊ جي ٻنهي پاسي زيتونن جا گهاٽا باغ ڪوهيڙي ۾ گم ٿي چڪا هئا، گاڏيءَ جي فُل هيڊ لائيٽس ۾ ٻٽن ڦُٽن تائين نظر مس پئجي رهي هئي. ٻاهر تمام گهٽي ٿڌ هئي گاڏيءَ جا شيشا بند هئا.



# فيصلو



جهانگير عباسي

”امان، او امڙ، وري آيا ني- منهنجي گهر ۾. ڪڍ هنن کي ٻاهر. ڪل جو ليمن ڪي... هي ٻه منهنجي ٻچڙي جا ڪوني ني....“ پنهنجي گهر جي ڏيڍي ٽپي سؤٽ، ماساتن کي آڳر ۾ گهڙندو ڏسي هوشو جي ٻڻ ٻڻ سان گڏ سندس پاليل ٻئي ڪتا ٻه ڀونڪ ڪندي انهن پاسي تيز ڊوڙ پاتي. پر پوءِ ڪين سڃاڻيندي ڪون... ڪون.... جي آوز ۾ پڇ لوڏيندا سندن پنيان هلڻ لڳا.

”آئي ابا هوشو، هوش جاءِ ڪر. اهي تنهنجو رت هڏ آهن.... نماشي مهل ڪا وائي ته سڻائي ڪڍ.“ پٽ کي جوش ۾ وڦلندو ڏسي ماڻس لاڏي جون اکيون ٻه لڙڪن سان ڀرجي آيون.

”چاچي، انڌوشي ويو آ... سؤٽ جي ڪل تڙي وئي آهي- تڏهن ئي ته پنهنجي ۽ پرائي جي سڃاڻ ڪونه رهي ٽس.“ نبن آڳر مان ئي چوهي ورندي ڏني ته هن پنيان تارؤ ٻه ڳالهايو.

”قلندر لعل جو سونهه آ سچو آهين. ماسات جي ادي هوشوءَ جو دماغ جاءِ هجي ها ته ائين پنهنجن کان اکين ٻوٽ نه ٿي ها.“

”هائو، مان انڌو شيوني ... ڪل تڙيني... پر مينهجا هڙنيءَ ڏوهي ني ڏوهي.“ هوشوءَ جوش ۾ اڇي ٽڙڪڻ لڳو، جنهن جون اکيون گذريل چوڏهن راتين جي ٽڪ اوجاڳي ۽ مسلسل روئڻ ڪارڻ ڏار ڏئي ويون هنيون. هوشوءَ ساهي پٽيندي تيز لهجي ۾ ٻيهر ڳالهائڻ جي ڪئي ته لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي بيٺس ۽ پوءِ هو وڏيڪ روئي نه سگهيو ته وڏا پار ڪڍي مري ويل پٽ کي سارڻ لڳو. ”او مينهجا جاني جگر، مينهنجا شهنا شينگار پٽ، تون مونکي اڪيلو ڪري ويوني!“

”هوشو جي ٻارن جيان ٻاڪار ڪري روئڻ واري آواز تي وراندي ۾ ستل هن جا نندا ڪڙا ٻه پٽ ۽ هڪ ڌي سجاڳ ٿي وري سوڙين ۾ سوڙها ٿي ويا. ۽ وڏيون اکيون ڦوٽاري رڌٽي ڏانهن غور سان تڪڻ لڳا جتي هوشو رنو پئي پوءِ جڏهن هنن پيءُ جي واتان مري ويل ياءُ سينگار جو نالو ٻڌو ته سندن ٻه اکين مان گونگا ڳوڙها وهي نڪتا، جن جا وجود ياءُ جو خراب ٽيل لاشو ڏسي اڃا تائين ڏهڪاءَ ۾ هئا. هوشوءَ جي گهر ۾ سوڳ جو ماحول ڇانيل هيو. ۽ سڄي گهر ۾ اداسي واسو ڪري ويٺي هئي. هن جو ڏک ڀريو آواز رات جي سانت کي چيريندي ويڙهي مان نڪري ڳوٺ تائين وڌڻ لڳو. سندس اهڙي حالت کي نه سهندي سؤٽ نبن، جو سف ۽ ماسات تاروءَ وڏي وڃي ڪيس وڃي پنهنجي ڀاڪرن ۾ ڀريو.

”ابا هوشو، ٻيلي ڏاهو ٿي. پنهنجي اڇي سونهاريءَ کي ته ڏس. ائين ٻارن جيان روئبو آهي. مڙس ماڻهو ٿي، همت ڪر. اهي ڏکيا سُکيا ڏينهن سيني تي ايندا آهن. سينگار اسان جو ٻه پُٽ هو. هن جو خون ائين ناحق لڙهڻ نه ڏينداسين. لٺ جي ٽيڪ تي ڪنجهندي ۽ ڏڪندي جونءَ پير هلندي سندس پوڙهي چاچي ڏٽي بخش جيڪو ڳوٺ جو چڱو مڙس ٻه هو، کيس سمجهائيندي چيو.

پوءِ سيئي مَنَهَ نِما ڪچي رنڌٽي ۾ ٻرندڙ مچ جي چؤگرد ٿي ويٺا، جتي هڪڙا ٽاندا مچ ۾ ٻرندڙ سڪين ڪاٺين ۽ ٻُندين تي چڙيا ته ٻيا وري هنن جي اکين ۾ پلاند ٻڏجي چمڪي رهيا هئا. ڳالهه سندن سمجهه ۽ وتَ کان ٻاهر هئي ته سينگار جو پلاند ڪيئن ۽ ڪنهن ڪَان ورتو وڃي- جيڪڏهن ڪين سينگار جي ناحق خون جي تِر جيتري ٻه ڪٿان سڌ ملي ها ته هيءُ نه ڄاڻ الائي ڪيترن جا ڪنڌ ڪيرائي سندن رت سان پنهنجي اندر ۾ ٺهڪندڙ بدلي جي باهه اجهائي ڇڏين ها. پر قتل جي ثابتي نه هئڻ جي ڪري صلاح مصلحت ۾ رُڌل هئا.

*

سينگار کي نه فقط قتل ڪيو ويو هو پر هن جي هٿن پيرن جون آڱريون ۽ ڪن ڪَپي سندس لاش جي بيحرمتي ڪئي وئي هئي. ۽ هن کي قتل ڪرڻ کان اڳ ان سان اجتماعي جنسي ڏاڍائي ڪري ڪنهن ويران ماڳ تي اڇلائي ڇڏيو هو. اهو سڀ سوچي هن جي پيءُ هوشوءَ جي وجود مان جتي سيسراٽيون نڪتيون ٿي. ۽ سندس هانءُ هڇي پيو هو. پر تَرَ جا هڙئي ماڻهو هيسجي ويا هئا. ۽ نوجوان جي قتل ٿيڻ تي ڏاڍا ڏڪارا هئا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هوشو ڪاٺڪو هو. پر هن کي جنهن بي دردي سان ڪُٺو ويو اهو هُن جي خطا کان وڏي سزا هئي.

سينگار جو پيءُ هوشو ٻه چور هو. ۽ انهي ڏوهه ۾ جيل ٻه ڪاٽي آيو هو. مٿي جو ٻه ڦريل هو. پر اها ته سندس جواني جي ڪهاڻي هئي. جواني ۾ ڪير نه ڏنگائي ڪندو آهي. ڪيس پيريءَ ۾ نوجوان پٽ جي مارجي وڃڻ جي ڏُک نيپوڙي ڇڏيو هو. پر سمورا گهر ڀاتي اهو فيصلو نه ڪري سگهيا ها ته سينگار جو اصل قاتل ڪير هو. هن پيرين سوڌو جاءِ واردات ڪان قاتلن جي گهرن ڏانهن ويندڙ ڳَسَن تي پيرن جي نشانن کي ليڪي مٽائڻ ڪارا رکي ڇڏيا هئا. يارهن ڏينهن ۽ راتين جي هڻ هٽان ۽ تلاش ڪانپوءِ سينگار جو لاش ڏير جي ڪِني ميرا نجهڙي پن واري پاٽيءَ مان هٿ آيو هو. پُٽ جي لاش تي هوشو ٻاڪارون ڪري رُنو هو. ۽ ذري گهٽ ڪيس دؤرا پئجي رهيا هئا. سينگار جو لاش ڏپ هٽي ويو هو. ميرانجهڙي پَن واري پاٽيءَ ۾ لاش ڪٽڻ لاءِ ڪو تيار نه هو. پر هي پيءُ هيو ۽ پنهنجي نوجوان مائٽن سان گڏجي لاش ٻاهر ڪڍي دفنائي ڇڏيو هو. هن حادثي ترجي چوڏهن ئي ڳوٺن ۾ خوف جو راڪاس گهمائي ڇڏيو.

”هوشوءَ سان ائين چو ٿيو؟“ اهو جملو ڀرپاسي وارن ڳوٺن ۾ سواليه نشان بڻجي سيني جي اکين ۾ ڪنڊي جيان چُڀي رهيو هو. هوشو ۽ سندس مائٽن کي پيرادن ۽ پيرا ڪٽندڙ ڪوجي ڪُتن جيڪو ڏس ڏنو اهو ڏس گهمي ڦري ساڳئي ڳوٺ ۾ اڪبر وارن جي مال لانديءَ ۾ وڃي ٽانيڪا ٿيا هئا. جن تي هنن ڪارا ڏيئي ڇڏيا هئا. ۽ هوشوءَ ۽ اڪبر وارن ۾ قائم پراڻي دشمني نئين سري سان اڀري بيٺي. ۽ ٻن ويڙهائو ماڻهن انهي کي لِڪ ڇپ ۾ ڀيا سڌو سنئون وڏيڪ ڦوڪون ڏيئي تيز باهه ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. پوليس اڪبر وارن جا ٻه ڇوڪرا گرفتار ضرور ڪيا. پر ڏنو پُٽ ڇُٽي جي حساب سان غربت مار ڪائي ويئي. ۽ قتل جي جانچ هڪ مفروضي جي بنياد تي اڳتي ته نه وڌي سگهي پر پوليس پنهنجا ڪيسا ڳؤرا ڪندي رهي. هوشو وارن کي ماڻهن ڏاڍو پڙڪايو ۽ فتني کي عروج تي پهچائڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو. تماشبينن ۽ رونشي ڪوڏين جي ٻه ڪوٽ نه هئي. پر هوشو وارا نه رڳو مالي طور تي ڪمزور هئا پر نوجوان نينگر جي موت ڪين جهوري وڌو هو. ان ڪري هو ڪنهن ٻه اڳرائي لاءِ تيار نه هئا.

رات اجا پهرين پهر جي پاڪرن ۾ هئي. اُتر لڳي رهيو هو. سخت سردي ۾ سڀ گهر ياتي ٿڌ ۽ ڊپ جي احساس ۾ گرفتار ڪاندي ڪاٺين جي پنيڙ تي پاڻ سيڪي رهيا هئا- جڻ پاڻ مرادو جر ڳو ٿي رهيو هو.

”شوٽ، ڪر ڪا خبر چار- اڪوءَ وارن جي شورن ڏوه باشيو؟“ هوشو پنهنجي ٻاتي لهجي ۾ پڇيو.

”نڪو سؤٽ، ڳالهه اتي ئي بيٺي آهي. اصل منهن ۾ مُڱ وجهيو ويٺا آهن.“

”ابا پوليس به هنن جي حمايتي آهي.“ ڪنهن چيو.

”ماسات، ملان عمر واتان پَتو پيو آهي ته صوبيدار ڪي وڏيري ڊيڙاٽ پٽايو آهي ته جانچ ۾ اڪبر وارن جو پرجهلو ٿي نه بيٺين ته سمجهه هن علائقي ۾ رهندين ئي نه، ڪنهن رڻ پٽ ۾ بدلي ڪرائي ڇڏيندومانءِ.“ تارؤ انڪشاف ڪيو.

تارؤ جي اها ڳالهه ٻڌي هوشوءَ تپي باهه ٿي ويو ۽ فيصلائتي انداز ۾ چيائين، ”پوليش نٿي ڪري ته نڪري ... مان پان پلاند ڪندش- اهي مينهنجا ڏوهي ني- ڪوجي ڪتا ڏوڪري وجي لانديءَ ۾ ائين ڪونه ويٺا ها . ان ڪان وڏي ٻي ڪهڙي شابتي هوندي. وڏيرو پلي هنن جي حمايت ڪري پر متي به ته وڏو وڏيرو ويٺو آ ني.“

”هائو سؤٽ پلاند ته ڪنداسي. مون ته اڳ ئي جهليو هو ته پوليس ڪي وچ ۾ نه آڻيو. ياد ٿئي نه پوين ڪٽڪن جي لاپ ۾ به اڪوءَ وارن جي چورن سينگار سان ڪئنش ڪئي هئي. ۽ پاڻان ڪئنش ڪي ٻاراٽي حرڪت سمجهي لنوائي ڇڏيو هو- سينگار جي قتل جا اهي ئي چورا ڏوهي آهن. هونءَءَءَ. همراهن ڪي ثابتون ٿيون ڪپن؟“ تارؤ پنهنجي ڪمزور وجود سان ڪاوڙ ۾ گفتو ڪيو.

”ابا، عقل ڪان ڪم وٺو. خون جو معاملو آهي. پوليس ڏيتي ليتي ڪانسواءِ ڪيئن مظلومن جو ساٿ ڏيندي. ۽ پئسي وارن سان ڪئنسبي. مون ڪي ڪجهه ٻيو ٿو سُجهي.“ چاچي ڏٽي بخش ائين چئي سيني ڪي ماٿ ڪرائي ڇڏي.

”چاچا، قشو ڪولي بيان ڪر. اشارا نه ڏي؟“

”ابا هوشو، تون ڄاڻين ته اڪبر وارا وڏيري ڪي ويجهو هن ۽ سڄي عمر وڏيري لاءِ چغلي ۽ چمچا خوري ڪندي گذري ٿن. ٻيو ته اليڪشن ۾ پاڻ ووٽ به وڏيري ڪي نه پر پي پي وارن ڪي ڏنا. تون سمجهين ٿو وڏيرو اها ڪاوڙ پچائي ويو هوندو؟“

”ابا، تنهنجو مطبل آهي ته پاڻ وڏيري ڪان ڊڄي، ڇوڪري جو خون تان هٿ ڪٽي ڇڏيون؟“ نبن پيءُ تي ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويو.

”نه ابا نه. اهو نٿو چوان. پر ٿوري سوچ ڪريو ته پاڻ وڏيري جو راڄ آهيون سو پاٽي ۾ رهي واڳون سان وير ناهي رکبو. اهڙي ڪا اٽڪل ڪيو جو پٽڪو به سلامت رهي ته ڦٽ تي ليئي به مڪجي پوي.“ ڏٽي بخش جي اها صلاح ٻڌي سڀ خاموش ٿي ويا. ڄڻ اها ڳالهه ڪين وٽي هجي. ماحول تي ماتار ڇانئجي وئي. پر ڏور ۽ ويجهي ڪان ڪتن جي پونڪار ۽ اوناڙيون درد جو نوحو بڻجي روحن ۾ گونجي رهيون هيون.

پوهه جون پهريون راتيون هيون، جن وجودن ڪي ڏڪائي وڌو هو. ٿڌ وڌڻ جو هڪ وڏو ڪارڻ پوئين سانوڻيءَ ۾ وڏي درياهي ٻوڏ جو اچڻ به هو جنهن جو پاٽي اجا ڪامن، ڏُبن ۽ هيٺائين ۾ بيٺل ئي هو ته وري هيلوڪي چؤماسي مينهن انهن ڪي ويتر تر ڪري ۽ فصلن جي تباهي ڏار ڏار آندي. اهو ئي سبب هو جو وچ آڪٽوبر راتين ۾ ئي سيارو ٿي لڳو ۽ سيءَ ڪان بچڻ لاءِ گهرن ۽ اوطاقن ۾ مچ محفلون شروع ٿي چڪون هيون. پر هوشو جي گهر ۾ خاموش ماتم جي گونج ٿڌ ڪي ماٺو ڪري ڇڏيو هو. ۽ سينگار جي ٻي وقتائتي موت جو پلاند ڪرڻ لاءِ ويٺا صلاحون ڪندا هئا. هو ڏانهن ڪڪائين ڇَني جي ٻي پاسي سينگار جي ماءُ پاني سيني ڪان بي نياز رهندي پٽ جي وڇوڙي ۾ ڄڻ زنده لاش بڻجي وئي هئي. جنهن جي اکين جو پاٽي روئي روئي درياهه جيان سڪي ويو هو. پاني ڪي ٻين ٻارن جي ڀيٽ ۾ سينگار وڌيڪ پيارو هو. ۽ ان پيار سبب ئي هوءَ سينگار جا سڀ ضد ۽ ضرورتون هر حالت ۾ پوي ڪندي هئي. توڙي جو هر هڪ پاني ڪي روڪيو ٽوڪيو هيو پر هن ڪنهن جي به نه ٻڌي ۽ پٽ جي ڪوڏ خاطر مڙس هوشو سان به ائين وڇڙي پوندي هئي جيئن پنهنجي ٻچن جي جياپي خاطر جهرڪي باز سان اٽڪي پوندي آهي. پاني جي انهيءَ اڻ ميي پيار نه رڳو سينگار ڪان اسڪول ڇڏايو پر هوءَ نِنر ۽ بدافعالو به ٿي پيو. هلڪيون سلڪيون چوريون به ڪندو هو ته ڪيچلي ٻارن سان جهيڙا جهٽا ۽ چاڳ به ڪندو هو. ۽ نيٺ هوءَ غلط رستي جو راهي بڻجي چند سِڪن خاطر رانديڪو بڻجي پيو. ۽ ننديءَ عمر ۾ ئي غلط ڪارين جو هيراڪ بڻجي ويو هو. پٽس گهٽو ئي مار موچڙو ڪيس پر هن جون عادتون عضوو بڻجي چڪيون هيون. پٽس، سينگار ڪي پاڻ سان سلهاڙي ٻني جي ڪم ڪار ۾ به لڳايو جيئن ڪريل ڏاند ڪي پلي ڏاند سان پاڃاري ۾ جوٽي هن جي چال سڌي ڪئي ويندي آهي، هوشوءَ جي انهيءَ حڪمت عمليءَ سان پورا ٻه سال سينگار جي خواهشن جو لغام، هوشوءَ جي هٿن ۾ سوگهو رهيو پر هيراڪ جي هير مثل وري هن جا قدم اڪوءَ وارن جي پاڻ جيڏن چورن ڏي وڌڻ لڳا. جيڪي به رولو ۽ موالي عادتن جا هئا سڀ ڪنهن سينگار ڪي خوب لعنت ملامت ڪئي. ماٽس مولا حسين ۽ قلندر جا قسم ڏنا پر هن جون وکون ساڳئي بُري عمل ڏانهن هيون. هو ضدي ٿي پيو ۽ خواهشن پويان پاڇولو بڻجي ڊوڙندو رهيو. جتي ڪيس زندگي تان به هٿ ڪٽڻو پيو. ۽ وقت ڪان اڳ موت جي منهن ۾ هليو ويو.

سينگار جو قتل هڪ ڳجهارت بڻجي پيو هو.

”ابا، پراٽين دشمنين جا ته اهڙا ئي نتيجا نڪرندا آهن!“ ڪنهن ويجهي مائٽ ڦُسڪو ڏنو.

”پلا پرائي ۽ سرڪاري ملڪيت ڦٻائڻ ڪنهن هيٺي ماٺهو جي وس ۾ آهي؟“ ڪنهن ٻئي پاڙيسريءَ ڪچي ۾ ڪٽت واري ٻَني تي هوشو وارن جي ناجائز والار بابت اشارو ڏيندي چيو.

”ٻني جي ٻن ٽڪرن خاطر، ٻني ته درڪنار چورو به وڃايائون.“

”ابا چورو ته هونئن به وڃڻو هو. ڪو سولين پيرين هجي ها ته اهڙو ڏک ٿورئي ڏسجي ها.“

”ها ادا، سچ ٿو چوين. اَڪوءَ وارن به سورنهن سالن تائين جهيڙو مچائيندا آيا. ۽ نيٺ خُنام ڪري وڌائون. هاٽي ڪهڙو پڇتاءُ ۽ ڪهڙا فيصلا. هوشو وٽ ته نهلا نڪر آهن هو ته جمعدار جي چانهه جا پئسا به ڪيسي ۾ نٿو ساري. سندس ڪير ساٿ ڏيندو. هر ڪو پئسي جو پٽ آهي.“

❊

”ابا هوشو، وڏيري خط مُڪو هو ۽ اڄ ساٽس روبرو ملي به آيو هان. چيائين پئي ته هن جمعي تي ڇوڪر سينگار جي ڪملهي موت جو پاڻ فيصلو ڪندو. وڌيڪ تون جيئن چوين؟“ ڏٽي بخش مچ جي شعلن ۽ دونهي جي وچ واري وِٿي مان جملو اُڇلايو.

”چاچا، تون ابوني، پر مان ڪي فيشلو قبول ناهي. ها.“ هوشوءَ جي اهڙي جواب جا ڄڻ هڙئي منتظر ها سو هڪ ٿي ويا. ماحول ۾ ڪجهه دير ماتار رهي ۽ پوءِ زور سان ڪنگهندي ڏٽي بخش هڪ وڏو ڪانگهارو پنهنجي پر ۾ اڇليندي ڳالهه ڪي اڳتي وڌايو.

”ابا، وقت جي نجاڪت سمجهو. هي وقت وير وٺڻ جو ناهي. پاڻ وڏيري ڪي پنٽي ڏني ته مر ڳو مشڪل ۾ پئجي ويندا سي ۽ فلحال فيصلي ۾ ئي ڀلائي آهي. باقي پڪي ثابتي ملي ته پلئه پراٽا ناهن ٿيندا.“ ڏٽي بخش چيو.

”پر ابا، جڏهن سؤٽ نٿو مڃي ته وڏيرو ڪو اسان جو ڏٽي سائين آ چا ۽ ساهه وڌو اٿائين جو ان وٽ حاضر ٿيون؟“ پٽ جي جواب تي ڏٽي بخش پهريون دفعو ڪاوڙ ڪندي ڪيس زور سان ڇڙٻيو ۽ چيو، ”اڙي بس. هاڻ وات بند ڪر. پاڻ ڪي هلڻو آهي جيڪو ٿيندو اهو ڏٺو ويندو.“

❊

ڪوهيڙي جي ڄار ۾ ڦاٿل سياري جو سج پاڻ آزاد ڪرائي ٻن ڪانن ڪان مٿي چڙهي آيو هو. سڀ تڙڪو ڪائڻ لاءِ اُس ۾ ائين اچي ويٺا ها، جيئن جون جي لوءَ ڇڏيندڙ تپندڙ ڏينهن ۾ ڊور پاٽي ۾ ڪرندا آهن.

ڏينهن چڙهو ٿيڻ سان ئي وڏيري جا نوڪر چاڪر صاف ٿيل اوطاق ڪي ويتر هٿ هڻندي شيشي جيان اُجرو بڻائي ڇڏيو ۽ پوءِ جيئن سيءَ جو زور ٽٽو ته هر ڪنهن ڪڙين تي زور ڏئي وڏيري جي اوطاق ڏانهن رخ رکيو جتي سينگار جي بي وقتائتي موت جو فيصلو ٿيڻ وارو هيو. ٻنهي ڌرين پنهنجا پنهنجا ساٿاري ٽريڪٽر ٽرالين ۾ ستي اچي وڏيري جي اوطاق تي پهتا. ڌرين سميت روشي بازن جا ٽولا به اچي اوطاق پيڙا ٿيا هئا. اوطاق جي وچ پڌر ۾ صوفا سيٽ وڏي ترتيب ۾ رکي پاسن ڪان ڪرسيون ۽ موڙا الڳ رکيا ويا هئا جن آڏو ڪٽن جون قطارون ۽ ڪُتِ خلق جي ويهڻ لاءِ غِلم ۽ فراسيون وڇايل هيون. ڪمدار رب ڏنو انتظام جي ڏس ۾ هنيون نٿي پورو ٿيو. هن ڪان اڳ وڏيرو اڪثر فيصلا اندرين ڪشادي حال ۾ ڪندو هو پر سياري جي پاري ڪي ڏسي هن پيري فيصلو ڪليل آڱر ۾ رکيو ويو.

❊

وڏيري سائين جي اوطاق چؤطرف هن جا پهريدار هٿيارن سان ڪڙو چاڙهي بيٺا هئا ۽ هر ايندڙ جي ڏار ڏار تلاشي ٿي ورتي وئي ڇاڪاڻ ته وڏيري ڏانهن به گهٽن جا پلاند رهيل هئا. ڪمدار رب ڏني سمورن ماڻهن جي آندل هٿيارن ڪي پنهنجي نگهباني ۾ حاصل ڪري ڪندائتو ڪري رکيو هو- نبن ۽ تارؤ ان ڳالهه تي گهڻو گوڙ مچايو. پر ڏٽي بخش جي چنڊ پٽڻ تي ماٺ ٿي ويا. حيرت جي ڳالهه اها به هئي ته صوبيدار پنهنجي اتالي سوڌو اچي

فيصلي ۾ شريڪ ٿيو هو. جيڪا راڄ جي روايتن جي خلاف ڳالھ هئي. گهڙيال جڏهن ٻارهن جو گهنڊ وڄائي بس ڪئي ته ان سمي حويلي اندران وڏيرو سائين نروار ٿي جلالي قدمن سان صوفہ سيٽ تي ائين اچي برجمان ٿيو جيئن لوڪ ڪهاڻين ۾ پراڻي بادشاهي دؤر جا بادشاهہ پنهنجي سپاهين جي پهري ۾ دربار ۾ داخل ٿي تخت گاهہ تي ويهندا هئا. وڏيري جي ايندي ماٺ ڇائنجي وئي. ۽ هرڪو سندس احترام ۾ اٿي بيٺو. سمورن آيلن مٿان هڪ اُڇاتري نظر وجهندي وڏيري پوءِ ڪمدار رب ڏني ڏي نهاريو ۽ پڇيو، ”ربُو، ڪر خبر چار.“

”بابن سائين، ڌريون حاضر آهن.“ پوءِ هن پنهنجيون ٻئي ٻانهون ائين پکيڙيون جيئن دهلائي دهل تي ڏوڪا هڻڻ لاءِ پکيڙيندو آهي. ۽ چوڻ لڳو، ”اي اجهو، هيءُ اٿئو هوشوءَ وارا ۽ هو ويٺا هن اڪبر وارا.“ ربوءَ وراڻيو.

”هون.“ ڪنڌ لوڏيندي وڏيري ٻيو سوال ڪيو، ”۽ هنن جا وڪيل، امير ۽ مشير ڪٿي؟“

”پؤتار، سي به پهتل هن ۽ سندن گڏيل مرضي سان طئي ٿيل هن. هو صوبدار صاحب به آيو آهي؟!“ ڪمدار جي ٻي سبب اينگهايل جواب تي وڏيري ڪرڙي اک سان ڏانهس نهاريو. ته رب ڏني هڪ دم لوٽو هڻندي ڪنڌ ڦيرائي ڇڏيو. ڪجھ دير سامت ۾ رهي وڏيري ڪا سوچ سوچي ۽ پوءِ کهنڪر ڪندي ماحول تي گهري نگاهہ وجهي ميڙ جو جائزو ورتو.

”هوشو، سڀ ڪان پهريان تون احوال ڏي پنهنجي ڇوڪر جو؟“ هوشو اٿي بيهي ڳالهائڻ جي ڪئي ته ڏک ۽ جوش جي گڏيل تاثر ۾ هن جو وجود لرزجڻ لڳو.

”پوتار شائين، مان ڦرجي لٽجي ويني. مون سان جولمين ناحق وڏو ڪيش ڪيوني. تون بابوني. مينهجو حق ڪرني.“ هوشو ڀوڙها به ڳاريندو رهيو ۽ ڏڪندي ڏڪندي پٽ جي قتل جو انصاف گهرندو رهيو.

”ها پؤتار سائين، اسان سان انصاف ڪر. اڪوءَ وارن جي چورن وڏو قهر ڪيو آهي. تنهنجا ٻچا آهيون بابا، اسان جو داد فرياد سڀ توکي آهي.“ هوشو ڪمزور ٿيڻ لڳو ته ڏٽي بخش وڏي هوشياري ڏيکاريندي هن جي فرياد اڳتي وڌائي.

”ڪا پڪي پُختي ثابتي. ڪي اکين ڏٺا شاهد. ڪهڙي بنياد تي ٿا چئو ته اڪو وارن ئي ڏوهہ ڪيو آهي؟“ وڏيري جي نئين سوال تي ڏٽي بخش منجهي پيو. ۽ اڪبر به اُٿي بيٺو،

”پؤتار سائين، نہ ڪا شاهدي. نہ ثابتي. بي گناهہ چوڏهن ڳوٺن ۾ اسان کي خوار ڪري مٽي پليت ڪئي اٿئون. اسان پاڻ ٻچن ٻارن وارا آهيون ۽ هنن جي معصوم اسان جو ڪهڙو لوڙهو لتاڙيو هيو جو اسان ڪيس ماريو آهي.“

”تون ماٺ ڪر. تون ڪان اچا پڇاڻو ڪٿي ڪيو اٿائون؟“ وڏيري اڪو کي ڇڙٻ ڏيندي چيو. سڀ ڌريون وڏيري جي دڙڪي تي هيسجي ويون. پر ڏٽي بخش هڪ ٻيو داءُ اڇليو.

”پوتار وڏا، اهائي ته هنن جي چالاڪي آهي. ڏوهہ به ڪن ٿا ۽ گهوڙا گهوڙا به اٿن. جڻ ڪي مسجد جا ڪڪ هن. هر ڪو هنن جي ڪرتوتن ڪان واقف آهي. ۽ جڳ ڏٺو آهي ته ڪوجي ڪتا هنن جي مال لانديءَ ۾ وڃي پيرا ڪٽي پهتا. ان ڪان وڏي ڪهڙي ثابتي؟“

”پوتار سائين، ٻي ثابتي اها اٿئي ته هنن جي چورن ئي مامر ۾ پن، پلال ۽ پٽ جا ڏس ڏنا جنهن بعد ڇوڪر جو لاش سُڪي ڏير جي ڪني پن مان وڃي لڌوسون. سا خبر به هٽ ويٺل هر هڪ ماڻهو کي آهي.“ نبن به پاڻ نہ جهليندي اُٿي بيهي ڪجھ ڳالهائڻ چاهيو پر ڏٽي بخش ڪيس ڪرڙي اک سان نهار ڪري ويهاري ڇڏيو.

”اڙي نبن، تون ٽِٽ مِٽ نہ ڪر. وڏيري سائين کي مشير ۽ چوڪر جي ڏٽين اڳ ئي بيان ڏنا آهن.“ وڏيري نبن کي ڇڙٻ ڏني.

”پؤتار، اسان جو خون ناحق نہ لوڙهيو. ڏٽي ڪارڻ اڻ ڌريو انصاف ڪيو.“ نبن پاڻ نہ جهلي سگهيو. ۽ وڏيري کي منهن تي ڦڙڪائي ڏنائين.

*

ڪجھ دير امير ۽ مشير وڏيري سان ڪن ۾ صلاح مصلحت ڪئي. ۽ پوءِ هوشوءَ جي مشير کهنڪر ڪري ڳالهائڻ لاءِ اٿي بيٺو. هوشو جي مشير جا گفتا ٻُڌي فيصلي لاءِ آيل راڄ ڀاڳ جي ماڻهن ۾ رونشي ڪڏين ۾ ٺهڪڙو مچي ويو. هڪڙي ته ڪيڪي ڪندي چيو، ”ابا، اڪبر جو مشير آهين يا هوشو جو.“

”پؤتار سائين، ڇوڪر سينگار جو ائين بي موت مارجڻ جو معاملو ڳنڀير ضرور آهي پر چٽو ناهي. اڪو وارن جا هنن کي پن، پلال جا اشارا ڪرڻ ۽ لاش جو ملڻ هڪ اتفاق آهي پر ڏوهہ جي ثابتي ڪنهن نہ ڏني آهي. قتل جي جاءِ جو ڏس ڏيڻ سان اڪو جي ڏُر جا ڇوڪرا ڪيئن ٿا جوابدار ٿي سگهن. قتل ٿيل سينگار جي لاش جو ڏس ڏيڻ ڪهڙي ثابتي آهي ڪيئن ٿو چئي سگهجي ۽ ڪهڙو بنياد آهي ته قتل اُڪو جي چورن ڪيو آهي؟“ هوشو جي مشير ڪيس کي لئي مِٽي ڪري ڇڏيو.

”هون.“ وڏيرو ائين چوندي ڳنڀيرتا مان اڪبر ڏي ڏسڻ لڳو. اڪبر ڪنڌ هيٺ نوائي ڇڏيو ۽ پوءِ وڏيري جي ڪجھ وڌيڪ چوڻ کان اڳ ئي اٿي بيٺو ۽ چيو،

”بابن سائين، عبيدار. گناهگار بروبر آهيون. پر ايترا به نہ جو ڪنهن جي آنڊن ۾ هٿ وجهون. پاڻ به ٻچڙي وال آهيون. سينگار اسان جو به ٻچو هئو. پر جڳ کي خبر آهي ته هو رولو هيو. چال چلت جو به ڪريل هيو، سو هن جو ڏوهي ڪير به ٿي سگهي ٿو. پر مالڪ سائين، اسان تي ناحق الزام آهي. باقي جيڪو اوهان فيصلو ڪيو اسان کي اکين تي.“

”جبان شنيالي ڳالهاءِ. مينهنجو ڏوهي تون ني. تنهنجي چورن اڳ به مينهجي شينگار ۾ هٿ وڌا ني. ۽ تون نيالون ميل وٺي معافي ورتي ني. هان وري ڊامي باجي ٿو ڏيکاري. ۽ هان ڪول شو ڳلائي.“ هوشو پاڻ نہ سنيالي سگهيو. سندس اکين جا بند سانوٽي جي مينهن جيان ٽُٽي پيا.

هوشو ۽ اڪبر جي گفتن ڪان پوءِ اوطاق ۾ محشر مچي ويو ۽ ٻئي ڌريون رِڃ ڪُتي جي ويڙهہ جيان هڪٻئي ۾ ڳنڍجي پيون. معاملي جي خرابي ڏسندي ڪمدار رب ڏني ۽ ڇئن وچ وارن ڪين ڇني ڌار ڪندي ماٺ ڪرائي. وڏيري سائين جو جلالي چهرو ڪاوڙ ۾ تَپي ٽامڻي هڻي ويو. ۽ قهريلي نگاهن سان هوشوءَ جي ڌُر ڏانهن نهارڻ لڳو.

”پوتار سائين جو احترام به وسري ويو اٿوَ. ٻيلي فيصلي تي آيا آهيو يا ٻاندي جي مڇي تي. هل پيٽسان مڙسن جي ڪاوڙ ته ڏسو؟“ ڪمدار رب ڏني وڏيري جي ڳالھ کي ٽيڪو ڏيندي صوبيدار ڏانهن منهن ڪندي ڦُسڪو ڏنو.

”صوبيدار، چورن ڏوهہ باسيو آهي يا نہ.“ وڏيري جي اوچتي سوال صوبيدار کي منجهاڻي وڌو. ويٺل به اچرج ۾ ٻُڏي ويا، ”سائين، جهڙي ريت مون آڏي پچا ڪئي آهي ۽ سخت مارڪٽ به جوابدارن کي ڏني اٿئون پر سخت تشدد جي باوجود به چورا ڏوهہ مڃڻ کان انڪاري آهن. صوبيدار ڪوڙ ڳالهائيندي چيو.

صوبيدار جي هن انڪشاف هر هڪ کي پنڊپهڻ ڪري ڇڏيو. وڏيري، رب ڏني کي هٿ جي اشاري سان پڪاريو ۽ پوءِ اٿي اوطاق جي اندرين پاسي ويو. سندس پٺيان مشير ۽ وڪيل به ادب سان هلڻ لڳا.

هر ڪنهن سمجهي ورتو ته هاڻ هن قصي جو نبيرو ٿيڻ ۾ دير ناهي پر ڪيئن؟ اها نوٽنڻ بازي جي راند جو معمو هئو. جنهن کي سيني سمجهي ورتو ته ڪهڙو فيصلو ٿي وارو آهي؟ ۽ پوءِ اها بيچيني به ختم ٿي. وڏيرو سائين پُراعتماد انداز ۾ واپس وريو ته امير، مشير به پٺيان ڪنڌ نوائي اچي پنهنجين پنهنجين ڪرسين تي ويٺا . سمورو ماحول ۾ ماٺ هئي. وڏيري امين کي اکين سان اشارو ڪري فيصلو پڙهي ٻڌائڻ لاءِ چيو.

”برادري ۽ راڄ جي ڳوٺن مان آيل سمورن جي آڏو هوشو جي پٽ سينگار جي موت جو فيصلو جيئن ته گهڻو منجهائيندڙ ۽ مبهم آهي پر اها اسان جي پوتار جي دريا دلي آهي جو هو پنهنجي راڄ ڀاڳ ۾ رهندڙ هر ماڻهو کي ٻچن جيان سمجهي ٿو ۽ هن جو ڏنل فيصلو اصولن ۽ انصاف تي ٻڌل آهي. جيڪو هوشو توڙي اڪبر وارن کي هر حال قبول ڪرڻو پوندو. پهريون هيءُ ته ڇوڪري سينگار جي قتل ٿيڻ جا کي چٽا ۽ پڪا ثبوت هٿ ناهن آيا ۽ پيري ڪتن جو اڪبر وارن جي مال لانديءَ ۾ وڃڻ واري ڏوهہ ۾ اڪبر وارا چار لک بطور هرجاڻو هوشوءَ کي ڀري ڏيندا ۽ ميڙ وٺي پنهنجو تڏو پرچائيندا . ٻيو هيءُ ته سينگار جي اصل خوني ڳولهڻ ۾ هوشوءَ جو ساٿ ڏيندا. جي ڏوهي پاڻ نڪتا ته وڌيڪ فيصلو به وڏيرو پاڻ ئي ڪندو. ٽيون هيءُ ته هوشو پوليس وٽ راضي نامو لکي ڏيندو ۽ اڪبر وارن جا ڇوڪر آزاد ڪرائيندو. چوٿون ۽ آخري شرط هيءُ ته ٻئي ڌريون پاڻ ۾ ڪنهن به قسم جو تڪرار نہ ڪنديون نہ اڳرائي. ۽ ڳوٺ ۾ ڪير ڪنڌ ٿي رهنديون.“


وڏيري جي هن فيصلي ويٺلن جا تاڪ وڄائي ڇڏيا، هر ڪو هڪوٻڪو ٿي ويو. هوشوءَ جا ته وسير ئي وڃي ويا ڇو ته فيصلو ناانصافي تي ٻڌل هيو. هو اٿي بيٺو ۽ پنهنجي ٻاتي لهجي ۾ ڪجھ چوڻ شروع ڪيائين پر هن کي ڏٽي بخش ٻانهن مان پڪڙي سَٽَ ڏئي هيٺ ويهاري ڇڏيو.

”پوتار سائين اسان کي تنهنجو فيصلو اکين تي آهي..... دل سان قبوليو... ڪو اعتراض ناهي.“ اڪبر هٿ ٻڌندي وڏيري سائين آڏو ٿي بيٺو جنهن جي اکين ۾ خوشي جا تروار ٿي چمڪيا.

”هونهہ.“ وڏيري چپن ئي چپن ۾ مسڪرائيندي پهريون هوشوءَ ڏانهن ۽ پوءِ صوبيدار ڏانهن تڪيندي اڪبر کي چيو، ”صوبيدار صاحب جو خيال رکجان ۽ اڪبر.“ ■

# پاتم جهاتي جهان ۾...

[باب ٻيو: شيخ حفيظ، مرغوب، پوهو، رشيد، تنوير، سليم ڪوجو، اياز - ۽ شڪارپور]



## شيام ڪمار

جڏهن يادن جي خزاني ۾ ڪنهن سبيان اٿل پٿل شروع ٿيندي آهي ته ماضي جا دٻيل 'احساس' سپ ڪان اڳ نڪري نروار ٿيندا آهن. اهي يادون سدا جوان جمان هونديون آهن. اها اٿل پٿل واءُ جي تازي جهوٽي جيان جواني جي سرهاڻ کي جيون ۾ ٻيهر آڻيو ڇڏي، جنهن اندر 'ڪ' 'ب' ۽ 'ش' اوچو آستان ماڻين ٿا. انهن کي ياد ڪندي آهه نڪرندي اٿم ته اُڏرندڙ 'وقت' ڌرتي جي اولاد لاءِ ڪيڏا نه ڪنور 'ڏک' پوکيندو رهي ٿو.

ڪنهن ڪنهن حسينه جي لوڏ، لمڪو ۽ ٺلڻ نهايت تجربي ڪار، نرت ڪلا جي ماهر نرتڪي ڪان وڌيڪ اندر ۾ پيهي ويندڙ ٿئي ٿو.

ان تي ويچاريندي ياد آيم ته شملي ڪان ڪفري (هماچل پرديس) ويندي رستي تي 'گرين ويلي' (green vallay) مقام آيو هو جيڪو سمورو فر، پاپلر، پائين وغيره جي وڻن سان ڇانئيل ۽ گهاٽو سرسبز هو. اوچتو هوا لڳڻ شروع ٿي ويئي ۽ ان ۾ اهي وڻ تقريباً هڪ ڪري انداز ۾ ائين جهومي نرت وجهي رهيا هئا جيئن 'وندراون' ۾ گوپيون، دنيا ڪان بيخبر، ڪرشن سان بيخودي ۾ راس رچائينديون هيون. هُتڙي مون کي پاڻ تي ڪرشن هجڻ جو احساس پيدا ٿيو هو. منهنجي رت مرلي جيان آلاپي رهي هئي.

ڪنهن مخصوص 'احساس' اندر 'اوهي آنند' ماڻڻ جنهن ۾ جنسي آسودگي ۽ روحاني خط يڪجا ٿي وڃن، ڌرم ۽ جنسي لذت هڪٻئي ۾ سمائجي وڃن، فطرت جي حسن ڪاري ۽ جنسي سوار جو سنڌو منجهي وڃي. ۽ جيون ۽ موت جو ويڇو ختم ٿي وڃي، ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ سنگيت پريل آهنگ ۽ احساس کي يوناني المئي جو نچ ۽ اصل جوهر ڪوٺي سگهجي ٿو.

ڪڏهن سمنڊ جي لهر جهڙي اڪيلائي جو 'احساس' ٿيندو اٿم، بنان مقصد جي هيڏانهن هوڏانهن وڃڻ وقت اهو احساس 'روح' ۾ پيهندو محسوس ٿيندو اٿم.

ڇتي سمنڊ ۾ لهرون پهاڙي ڇپن جيان ڪڙڪي سان ڪرنديون رهن ٿيو، اهڙو دڪدائي منظر هماليه جي اُتاهين رستي تي بدري ناٿ (ٻارنهن هزار فوٽن جي بلندي) ويندي پسيو هئم جنهن ۾ پهاڙي ۽ هن هيٺان ٿن سون ڪان وڌيڪ انسان اجل جو شڪار ٿي ويا هئا ۽ انهن ۾ مشهور ايڪٽر ڪبير بيدي جي دانشور، حسين زال پرشوتما بيدي به هئي. انهي طرح هڪ لڳا موسيقار بيٿووين پينٽنگ ۾ ڏٺم ته هو گٽار تي ڪو الوهي سُر ڇيڙي رهيو هو ۽ آس پاس ويٺل انسان پنڊ پهڻ بڻجي ان کي وجود ۾ اوتي رهيا هئا. ان حالت ۾ اهو سنگيت حيا جي ٻنڌڻن ڪان آزاد ۽ غم جي اونهاين ۾ ٻڏل پنهنجي اجهل ڇڪ ذريعي سيني ٻڌندڙن کي سندن وجود ڪان ڏور نيئين رهيو هو.

مرگهه نيني، گل بدني جنهن جي سَنڌَ سَنڌَ مان سوم رس پئي ڇلڪيو، سندس جسم جا گهرا ٿي اپرندڙ وَرَ ۽ ونگ، هماليه جي اڪيچار سندر ۽ لپائيندڙ ورن وڪڙن، جنهن مان گنگا، منداڪني ۽ الڪندا شاندار ۽ پروقار چال سان رٽن ڪنديون اڳتي وڌنديون رهن ٿيون، کي به لڄائيندا ها. انهن ٿنهي پيرن جي سونهن سڳنڌ 'ڪ' آڏو ڦڪي پاسندي هئم.

ڪڏهن ڪڏهن من اندر ڪو 'جذبو' ڌماڪي جيان اپري اٿندو آهي جنهن ۾ انڌي قوت ڪونه هوندي آهي پر روشني سان ڀڪندو آهي. اهي احساس به رڏشني جي جهالر سان ڀڀڪن ٿا.

ان گونگي پيار جي اٿاهه گهرائي ۽ ان جي آنند بخشيندڙ گيان جي وچ ۾ ڪو جيوَ حائل ٿي پنهنجو اونڌائون پاڇو ان اندر اڙائي ڪونه ٿو سگهي.

تابناڪ يادن جي خزاني مان ڇوڪراٽي اوَستا جي ساڪرو جيوت سان لاڳاپيل هڪ موناليزائي چتر هاليووڊ جي ڪالهوڪي دور جي حسين ۽ سڊول 'جل پري'، 'ايسٽر وليمس' جيان ذهن جي اونهاين مان ترندو ڪناري پيڙو اچي ٿيو آهي.

ان ڪان علاوه ڪالهوڪي هاليووڊ يگ جون انيڪ جڳ پر سڌ سونهن، سڳنڌ، ساپيا، ساڃهه ۽ فن جي دنيا جون مهان اداڪارائون پنهنجي اظهار لاءِ ذهن اندر، يادن جي پندار ۾ مڇي جيان مڇلي ۽ تڙڦي رهيون آهن: سلوانا مينگانو، ڪم نوواڪ، ايلزبيٿ ٽيلر، مارلن منرو، جينا لولوبرجيدا، هيڊي لامار، برشي بارڊ، لاڪيل ويلچ، سوسن هيورڊ، صوفيه لورين، جيل رسيل، انيتا اڪيبرگ، جين فونڊا، بيٽي ڊيوس، ارسلا اينڊ ريوس، آڊري هيپبرن، جينيفر جونس، ڊيبوراڪر، گريس ڪيلي، زانزاگبورَ (ڪال اتاترڪ جي محبوبه)، گريٽا گاربو، مارلن ڊيٽرچ، ڊيانا بيانڪي، ريٽا هيورٿ (بعد ۾ پرنس علي خان سان شادي ڪيائين) انگر ڊبرگ مين، لانا ٽرنر، شرلي مڪلين، آوا گارڊن.

'جَٽُ' لفظ کي سارينديمنهنجي لاشعور مان هڪ انمول ڌڙڪندڙ مٺيو پنهنجي پوري جوڀن ۽ آب تاب سان اُڀري آيو آهي. گذريل صدي جي چاليهن واري ڏهاڪي جي آخري ورهين ۽ پنجاهه جي شروع وارن سالن اندر بندر روڊ، لڳ پوما گودام، سکر جي پڪَ تي هڪ پونگي نما گهر ۾ 'جتٽي' نالي گلابي رنگت، سڊول جسم ۽ سرو قامت 'اپسرائي ٽور' هڪ ڇوڪري رهندي هئي. عمر آبشاري مستي ۾ رچيل اٺارهن- اوڻويهن بهارن جي لڳ ڀڳ هئس: سندس چال اندر فطري cat walk جو انداز ائين سمايل هيس جيئن گل ۾ خوشبو هوندي آهي. غريب محنت ڪش گهر اندر ڄڻ گودڙي ۾ پيدا ٿيل لعل هيو. ڇيٽا ٿڦيندي، انهن کي سُڪائي ڳوٽين ۾ پري شهر جي سڙڪن تي، پنهنجي ڪنهن جَٽُ ساهيڙي يا مائٽياڻي سان گڏ، وڪڻندي ڏيکاربي هئي. اسان به ڪانئس ئي اها وکر وٺيندا هئاسون (هتڙي مون کي مشهور اداڪارائون صوفيه لارين ۽ مارلين منرو ياد اچي رهيون اٿم. هالي ووڊ فلمي جڳت جون اهي ٻئي حسين جل پريون، پنهنجي 'غربت' جي ڏهاڙن ۾ ڪچيءَ عمر دوران، جتٽي جيان odd jobs ڪري پيٽ پالينديون هيون ۽ گهٽو گهٽو پوءِ آڪاش جي اوچاين کي ڇهيو هئائون. اها ڄاڻ ڪونه اٿم ته جتٽي آسمان جي بلندين کي ڇهي سگهي هئي يا...؟)

جتٽي کي ڏسي ائين لڳندو هو ڄڻ سندس سَنڌَ سَنڌَ ۾، تن جي هر سحر انگيز پلائيندڙ وادي ۽ چوٽيءَ، لاهه ۽ چاڙهه تي نرم، گداز-متوازن-ماڪيءَ جهڙي مٺاس ۾ رتل 'ڳرُ' هئي: سندس هيٺ

بسجودي قبول ڪئي آهي. ۽ اُها به 'جيون' جي آخري پڙاءُ تي.

*ظلمت حرص وہوس حور کو بہکا ہی گئی*
*تیرے بستر پہ بھی آخر کو شکن آ ہی گئی*

مس رضيه ۽ مس رقيه (خيرپور ۾ تعليم ڪاتي جون روح روان) جن لاءِ بعد ۾ ٻڌڻ ۾ آيم ته اردو محاوري 'آئون سهيلي چيٽي کهيلين' تي عمل ڪندي مرد ذات جي پاڇي کان به ونءُ ويندبون هيون. سنڌ اندر وشنو پنٿي ويراڳين جو 'نادي'، فرقو به برهمچاريه جيون ۾ وشواس رکي ٿو. پوپٽي هيرا نندائي، جنهن لاشعور ۾ 'پوپٽ' جو loss محسوس ڪندي نيٽ وارن ۾ 'جتي دنهيان دہلي' جو سهٽو محاذرو ايجاد ڪيو هو. تيرٿ وسنت اهڙيون سڪايل آتمائون ڪائناتي وحدانيت تائين ڪيئن رسائي حاصل ڪري سگهنديون؟ ڪڏهن ڪڏهن ڪالهوڪي يگ جي 'شرط' فلم جي پيروڊي ۾ جوڙيل هيءُ سٽ ورلاپ واري انداز ۾ سنڌن روح مان باطن جي ڪنن سان ٻڌڻ ۾ ايندي اٿم:

*نہ یہ چاند ہوگا نہ تارے رہیں گے،*
*مگر ہم ہمیشہ کنوارے رہیں گے۔*

پر ويدانتي ۽ صوفي راهه جا پانڌيئڙا 'روحاني وصال' کي ڪائناتي وجدانيت جو ذريعو قرار ڏيندا آهن. وجداني ڪيفيت ٻنهي صورتن ۾ هڪ جهڙي ٿئي ٿي، البت پهرين صورت ۾ 'ڪثرت وصال' ماڻهوءَ لاءِ نه صرف ملامتي بڻجيو وڃي بلڪ سندن وجود کي اڌوهي جيان کائيندو به رهي ٿو. موپسان، بائرن، آندري بيد، سيمبرن، وائلڊ، فرئنڪ هيرس، ڪئسونووا، برنس، رامبو وصال جي انهن صورتن مان پهرين سٽ جا چند ڀڳتا مثال آهن. اياز ۽ قادر بخش سندراڻي به ان قطار ۾ بيٺل ڏيکارجن ٿا.

وسڻ رام جي دربار، پارو شاهه جو ٽڪاڻو، حاجنا شاهه جو مقبرو، شاعرن بيدل بيڪس جا مقبرا، وار مبارڪ جي درگاهه، مشهور سماجي سيوڪ پريم چند جي پيءُ سيٺ سڳنيچند جي جوڙايل ڌرمشالا وغيره ڪڏهن ڪڏهن يادن جي جهروڪن مان ليا ڪا پائي اجوڪي چڙهيل حياتي ۾ ننڍي اوستا ۽ جواني جو ڪردار جيئڻ پسائينديون اٿم جيڪو وڌيڪ وٽندڙ، معصوم، بي اونو ۽ ايماندار لڳندو اٿم. روهڙي جي امر شخصيتن ۾ ديس سيوڪ شهيد هاسارام پمناڻي انڪري به گهڻو ياد ايندو اٿم جو سندس ننڍو ڀاءُ شري... پمناڻي ويهين صدي جي پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ گورنمينٽ هائي اسڪول (اڳوڻو تلڪ هائي اسڪول) سکر ۾ منهنجو استاد به ٿي رهيو هو. مون کي ياد ڪونهي ته سندس شهادت تي هيٺ ڄاڻايل سٽون ڪهڙي شاعر جون آهن. پر، حياتي جي تپوبن مان ڪنهن بوٽي تان اُڏامندڙ پوپٽ جيان ڪڏهن آڏو اچي بيهنديون آهن،

پمناڻي پيارو، روهڙي وارو
هر هنڌ ٿيو، هاڪارو
دشمن توتي، گولي هلائي
پوندي تن تي، مار خدائي.

ان کان علاوه روهڙي جا به بزرگ وِدوان، تعليم ڪاتي سان واڳيل عملدار ادب جي ساڄاهه سان تمثار شخصيتون سيد عطا حسين شاهه موسوي ۽ سيد عبدالحسين شاهه موسوي، بيدل بيڪس جو صوفياڻو ڪلام، ڪنڊڙي واري روحل فقير جو عارفاڻو ڪلام ۽ سندن مقبرن تي ادبي مجلسون، ۽ عرفان ۽ وحدت الوجودي سماع جو محفلون به ان قلوار ۾ ٽاندائي جيان چمڪنديون رهن ٿيون.

منهنجو ڏاڏو، نانو ۽ پتا بلوچسان جي ڪچي واري علائقي گنداوا، ڳاجيان يا ڳاجڻ، ميرپور، فتح پور، پير چتو، ۽ ڪوٽڙو سان واڳيل هئا. بقول منهنجي عظيم امڙ (رُکي ٻائي- پيوندٻائي) جي اهي سڀئي ڪالهوڪي يگ جا جيوَ زميندار، وڻج واپار ۽ دوڪانداري جي ڪرت سان واڳيل سڪئي، سٽيي ماني ٽڪي واري آڪهه منجهان هئا. سندن گهرن ۽ ڪاروباري مقامن آڏو هميشه گهوڙا ۽ اُٺ ٻڌل هوندا هئا جن جا هسوار ڌنڌي سانگي بلوچستان جي اندرين دشوار گذار علائقن، قصبن، ڳوٺن ۽ واهڻن کان ڪهي اچي مهمان ٿيندا ها. سدا وهندڙ رونق ۽ چهل پهل جو جڻ واسوٽيل هو. ان زماني ۾ هي ڀهراڙيون آمريڪي ڪائو بوائي ويسٽرن فلمن جو نظارو پيش ڪنديون هونديون. وٽن چوپايو مال، هٿيار، ۽ مخصوص ڊريس سپ ٿي ته هوندو هو ۽ وري قدرت ان علائقي کي پوٺي، پهاڙ ۽ ميدان ۽ سيٽيون وڄائيندڙ، سانءِ سانءِ ڪندڙ 'سنسانيت' سان به وڪوڙي رکيو هو.

گهر جي زائفن جو سڄو وقت هڻ هٽان، ماني ٽڪي تيار ڪرڻ، چنڊڦوڪ ۽ صفائي ۾ ائين گذري ويندو هو جيئن درياهه جون لهرون پنهنجو ڪو نشان يا پرو ڇڏڻ بنان گذريو وڃن.

سکر جي يادن ۾ ڪانگريسي رهنما ديش ڀڳت ويرومل بيگراج (جو بعد ۾ هندو مهاسڀائي بڻيو) جنهن بعد ۾ 'قرباني' نالي اخبار به ڪڍي هئي، هميشه سمايل هوندو اٿم جو جو ڪراڙي اوستا ۾ کيس ويجهو ڏسڻ جو موقعو ڪئي ڀيرا مليو هيم. هن ڪٽرپنٿي همراهه ۽ ٻئي طرف آغا نظر محمد ۽ پير حسام الدين راشدي (سنڌ زميندار اخبار) جي وچ ۾ 'اخباري چڪريون' ان کان اڳيئن دور جو 'ليجنڊ' ليکيون وينديون هيون، پر اجوڪي دور وانگر 'متاقاڙ' قطعي ڪونه هوندي هئي.

ان زماني ۾ (ويهين صدي جي چاليهن جو اوائلي ۽ وچون ڏهاڪو) آزادي ۽ انقلاب جي هلچل پنهنجي جوڀن تي هوندي هئي. مان اسڪولي وديارٿين جي پاجوڪڙ ۽ گوسڙو ٽولي جو سرگرم رڪن هوندو هيس: ۽ اسين روزانو شام جو جلوس ڪڍڻ تي هريل هئاسون جنهن ۾ 'انقلاب زنده باد' ۽ 'ڪانگريس زنده باد' جا نعرا هڻڻ لازمي امر هوندو هو. اهو جلوس ڪوئينس روڊ، والس روڊ، بندر روڊ، سُکَ پل هيٺان فريئر روڊ وغيره روڊ جي پرڪرما (طواف) ڏيئي ليوڪس پارڪ (هاڻي مشرف به اسلام ٿي محمد بن قسم باغ) تي اچي ختم ٿيندو هو. منجهند جو اُتساهه ۽ ولولي سان ڪانگريسي ليڊرن، ورڪرن کي ٽفن باڪسن ذريعي، ڊسٽرڪٽ جيل سکر ۾ مانيون پهچائيندا هئاسون: هو سڀيئي انگريز بينگي سرڪار پاران مختلف قانوني شقن هيٺ اُتي واڙيل هوندا هئا.

بعد ۾ جڏهن آئون سنه 1965ع ۾ DPR تحت سينٽرل جيل سکر ۾ ٽي مهينا نظر بند هئس، ان وقت شري راڄندر (شري ويرومل بيگراج جو وڏو پٽ، جيڪو شڪارپور ۾ پريس جو مالڪ به هو، ۽ مفتي وار 'قرباني' اخبار به ڪيندو هو) پروفيسر جهامنداس پائيه (شيخ اياز جو استاد)، شيخ اياز، سوبو گيانچنداڻي، ديوان هولارام (سکر ميونسپالٽي وارو) ۽ سيٺ پريم چند (روهڙي وارو) وغيره به منهنجي جيلي جيوت جا ساٿي هئا.

عام طور انسان جو تقريباً سمورو جيون ڪوڙاڻ جو زهر پيئندي، باهه جو درياهه اُڪرندي ۽ سماج جي پيڙ اڏيندڙ تپش ۾ گذري ٿو: انڪري هو پنهنجي اٽيل خوابن جي سنسار ۾ رهڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. جيڪي مخملي، گداز سهڻا ۽ آنند بخشيندڙ ٿين ٿا. اهوئي ڪارڻ آهي ته ادب جي تخليق ۾ رچناڪار هقيقت جو مڪمل روپ ڏيکارڻ کان ونءُ ويندو آهي، ان جي صرف پاڇي پسائڻ کي ڪافي سمجهندو آهي. 'حقيقت' هو پاڻ هوندو آهي. هتي ساڃهه وند پاٺڪ جو فرض ٿئي ٿو ته ان خواب جا بخيا اُڌيڙي 'حقيقت' کي آشڪار ڪري. پر، ان ڪوڙي آزمائش جي دبڻ پار ڪرڻ بعد ڪي رچناڪار 'حقيقت' جو اصلي بدنما روپ پسائڻ جو انقلابي ساهس رکندا آيا آهن. انهن ۾ زولا، نٽ همسن، گورڪي، ٽالسٽائي، ڊي ايچ لارينس، موپسان، ڪرشن چندر وغيره، ادب اندر، اهم جڳهه ۽ مهانتا ماڻين ٿا.

انسان جي وجود ۾، بنيادي طور، ڄائي ڄم کان چڱائي ۽ مندائي ٻيئي موجود آهن. عام ادب صرف انسان جي آدرش ۽ چڱائي جو چٽر پيش ڪرڻ جو جتن ڪندو رهي ٿو جنهن سبب اهو آتمتا جي اوچائي ماڻڻ کان قاصر رهجي ويو آهي. متي ڄاڻايل 'ادب جا خالق' زردشت جيان انسان جي ٻنهي رُخن جا قائل ۽ پارکو هجڻ ڪارڻ (چڱائي ۽ برائي) زردشت وانگر نرالا ۽ آفاقي مجتا جا پاڳي

## اياز گل ڪارنر

اينڊڙ شماري ۾ سنڌي غزل جي خوبصورت ۽ مشهور شاعر اياز گل جي فن ۽ شخصيت تي ڪارنر شامل هوندي. (ادارو)

ليکيا وڃن ٿا.

ڪجهه تخليق ڪار ادب کي زندگي جو عڪاس ڄاڻائين ٿا جن ۾ مٿين کان علاوه ڪرسٽوفر ڪالڊويل، پيبلو نرودا، فيض احمد فيض وغيره اچيو وڃن ٿا. ڪجهه رچناڪار فن ۽ ادب کي غير مقصدي، اندر جي اُڌمن، لاشعور ۾ اوندهيون ٽنگيل لايعني صورتن، ڪوريئڙي جي ڄار جهڙن ڳوڙهن ڳُجهن ۽ باطن جي انگڻ ونگڻ سفر کي خارج جي اڻ ڪٿ رٿن کان بلڪل الڳ ٿلڳ سمجهندي بلڪ ان کي رد ڏيندي ٻي مُنهين، بي جسمي ۽ پرولين سان پُر ادب فن جي تخليق جا پرجوش حامي ليکيا وڃن ٿا. اهڙي ادب ۽ فن ۾ تجريديت، سريلزم، ڊاڊ ازم، ڪيوبزم وغيره جون 'بي شڪليون' موجود آهن. ان صنف جا سرواڻ ايڊگر ايلن پو، رامبو، ملارمي، بادليئر، محمد حسن عسڪري ۽ ڪنهن حد تائين پڪاسو وغيره ليکيا ويندا آهن.

ان کان علاوه هڪ ٽين سٽ به آهي جيڪا انهن ٻن ادبي سرحدن جي وچ تي نومينس لئنڊ (no man's land) اندر ديرو دمايو ويٺي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن وجهه ملندي ٻنهي سرحدن اندر لياڪا به پائيندي رهي ٿي.

ان سٽ جا سرواڻ ڏندڪٿائي قصن، ڪام جي واسنائن جا ڪانڪي، انسان جي نفسيات جي پر پيچ ونگن ۽ رنگن جا چترڪار، تاريخ ۽ تهذيب جي راهه جا پانڌيئڙا ۽ من موجي، ڌرم گيان ۽ ڌيان جي تپوبن جا تپسوي به رهيا آهن. انهن ۾ ويدوياس، والميڪي، هومر، سيفو، ورجل، ڪاليداس، اووڊ، ڊانٽي، والٽ وٽمئن، هيمنگوي، سمرسيٽ ماهم، اناطول فرانس، پشڪن، دوستو وسڪي، هيوگو، استاوان، بالزاڪ، آسڪر وائلڊ، پرٿري هري، اُمارو، جئه ديو، حضرت سليمان وغيره فني اڻٽ ۽ اُتمتا تي رسائي حاصل ڪري واڪاڻ جوڳا بڻيا.

هندو سوچ مطابق انسان جي مڪتي چئن آدرشن جي توازن تي مدار رکي ٿي: ڪام (sex)، ڌرم (religion)، ارٿ (economic) ۽ موڪ (salvation or nirvana) پر، مٿي ڄاڻايل دانشورن جي اڪثريت 'ڪام' کي ٻين ٽيني آدرشن تي ترجيح ڏيندي ڏيکاري ڏئي ٿي. هنن مطابق سنڌن بدن جا نوَ دروازا ڪام جي پورٽتا وسيلي ئي کُلي سگهن ٿا. ۽ ان جي مڪمل ترپتي بعد ڏهون دروازو يعني مڪتي جي راهه پاڻمرادو هموار ٿيو وڃي. اهوئي 'برهم-آنند' آهي!! هونءَ به ڪجهه مذهبن ۾ 'حورن' ۽ 'اپسرائن'، 'غلمانن' ۽ 'گنڌرون' جو نهايت 'گلابي' زبان ۾ ورنن مليٿو. مڪتي ڪانپوءِ انهن سان 'ميلاپ' ۽ 'سنگم' جون ڪهاڻيون آنندميه ۽ چشڪي واريون آهن. سماڌي ۽ تپسيا 'سيڪس' ڏانهن سفر جو ذريعو ليکي وڃي ٿي.

ايپي ڪيوريس، رجنيش، تانترڪ واد، پراچين چارواڪ فڪر به ان نڪتي تي زور ڏيندا ڏيکارجن ٿا. اڄوڪي ناري واد (Feminism) تحريڪ جيڪا پنهنجي شروعاتي دور ۾ 'مڌمارگي' (middle path) هئي پڻ ان نڪتي جي اوٽ ۾ ساڳئي ڪامي (cupidic) چڙواڳي جو شڪار ٿي چڪي آهي. جنهن جو تازو شڪار بدبخت مرد ذات، اڳ ئي، پنهنجي 'ڪرتوتن' جو ڪيتو لوڙي رهيو آهي.

هن دنيا اندر انسان جي تهذيبي سفر دوران ٿيندڙ اوسر ڪئي فڪري دنيائون جوڙيون آهن، ڪي ism وجود ۾ آيا، تضادن جي پرمار ٿيندي رهي، ان ڪارڻ انساني جيوت سڪن جي پيٽ ۾ 'دکن جو گهر' رهي؛ هر ڌرم ۽ فڪر خاص طور گوتمي فلسفو، هندو ويدانتي فڪر، هر مذهب ۾ موجود صوفي متو ان 'امر دک' جو ذڪر ڪندي هن سرشتي ۾ موجود 'هر ساهدار' جي هڪٻئي سان ازلي سنبنڌ تي روشني وجهندي 'يڪوجوديت' جو صاف شفاف ۽ بوءِ، فساد ۽ آلودگي کان پاڪ فڪر جو اظهار ڪندي هر جيت جنٽئي، پکي پسون ۽ انسان ذات کي هڪ لڙي پوئڻ جي تلقين ڪندي، دوئي کي تار تار ڪري ڪائنات جي اڪٿ وسعت جيڏي عظمت، ڏيا ۽ توازن بخشي ٿو. ان فڪر ۾ مٿي ڄاڻايل چئني 'آدرشن' ۾ ڪيڏو نه توازن پسي سگهجي ٿو؛ زندگي ڪائنات جيئن پرسڪون، وسيم، آزاد ۽ تضادن جي باوجود هڪجهڙائي ۾، بنان ڪنهن فرق، پيد ياءُ جي ڏيکارجي ٿي. هيءُ هڪ آدرشي نظريو ضرور آهي ۽ ڪيڏو نه شاندار، نفيس ۽ دک ٻنجن لڳي ٿو، ان اندر گوتم، ويدانت، صوفي مت، ايپي ڪيوريس ۽ مارڪس پڻ گڏو گڏ بيٺل ڏيکارجن ٿا.

انسان پنهنجي اوائلي دور کان وٺي ڪئي ڏندڪٿائون، قصا ۽ داستان تخليق ڪري جوڙيا آهن. انهن ۾ مقدس مذهبي ڪتاب به آهن: ويد، رامائڻ، مهاڀارت، بائبل (جنهن کي الهامي چيو وڃي ٿو) يوناني ديوين ديوتائن جون ڏندڪٿائون وغيره. انهن اندر به پرڪرتي، پکين پسن گلن ٻوٽن وڻن سان پيار ۽ دوستي جا ڪئي دل لڀائيندڙ ۽ هڪجهڙائي پسائيندڙ منظر چٽيل آهن. هونءَ به مشرقي روايت ۽ ڌرمي سکيا ۾ اهڙي هڪجهڙائي ان جي خمير ۽ جبلت ۾ اوليت جي حامل آهي خاص طور هن نندي کنڊ اندر اها عملي مترتا انسان جي هر سوچ ۽ ڪردار مان جهاتيون پائيندي ڏيکارجي ٿي. (هلندڙ)

## وائي
## امتياز عادل سومرو

ڳِل ڳِل جي ڳاڙهاڻ
وٽي تي ڳل ڳل جي ڳاڙهاڻ
مرڪون وٺ ۽ مون کي ڏي تون، اکڙين جي آلاڻ
وٽي تي ڳل ڳل جي ڳاڙهاڻ
مرڪي نيڻ جهڪائڻ آهن، الفت جا اهڃاڻ
وٽي تي ڳل ڳل جي ڳاڙهاڻ
تنهنجي ڪاوڙ ڄڻ ته ڪراچي، روئڻ آرت چاڻ
وٽي تي ڳل ڳل جي ڳاڙهاڻ
ويهه ته تنهنجي اکڙين ۾ مان، ڳوليان پنهنجو پاڻ
وٽي تي ڳل ڳل جي ڳاڙهاڻ
منهنجي بت مان ويئي نه تنهنجي، پاڪر جي سرهاڻ
وٽي تي ڳل ڳل جي ڳاڙهاڻ
تون مان ايئن شل ڌار نه ٿيون جيئن، ڪاڇو ۽ مهراڻ
وٽي تي ڳل ڳل جي ڳاڙهاڻ
تنهنجو خيال خزانو منهنجو، ياد خوشين جي کاڻ
وٽي تي ڳل ڳل جي ڳاڙهاڻ
منهنجي ديدن منهنجي دل کان، دور نه ٿيءُ دم هاڻ
وٽي تي ڳل ڳل جي ڳاڙهاڻ
مُرڪي ڪالهه پڇيائين عادل، توکي ڇا جي ڪاڻ
وٽي تي ڳل ڳل جي ڳاڙهاڻ

*


## آسي بدر چنه

ٻُڪن لاءِ ٻُڪارڙو
هٿ ٽنگي ويٺو پَني
ڪنهن نه ٻاري مان ٽڙيو، هيءُ آ گلاب پيارڙو.
هٿ ٽنگي ويٺو پني
حالِ سَبب چوراهي تي، واجهائي ٿو ٻارڙو
هٿ ٽنگي ويٺو پَني
هَن سرشتي ٻيو نه ڏنو ٿس، ڪو چارڙو
هن ٽنگي ويٺو پَني
ٻاجهه آ ٻاجهارا ڪٿي روز روئي ويچارڙو
ٻُڪن لاءِ ٻڪارڙو.
هٿ ٽنگي ويٺو پني

*

## غزل
## هدايت ڏيپر

پيرَ هن جا ڏسي واءُ بيهي رهيو
۽ محافظ بڻي واءُ بيهي رهيو
مون سنيها مڪا با ادب ٿي هليو
هن اڳيان هٿ ٻڌي واءُ بيهي رهيو
سونهن الفت جا ميساريا جڏهين نشان
ڳوڙها رت روئي واءُ بيهي رهيو
گهور آهي ڪٿو گهور جيئرو ڪيو
معجزو هي پسي واءُ بيهي رهيو
دوستن باهه آ دوستي کي ڏني
باهه جڏهن لڳي واءُ بيهي رهيو.




توهان گهر ته اچو ها نه.

سال ٻن ڪانپوءِ، ليلاوتي، منهنجي ٻانهن منجهه ڪونه هوندي. هو، هن جي شادي ڪنهن دولتمند سان ڪرائي ڇڏيندا ۽ پوءِ مشڪل سان اسان وري ملي سگهون.

’تو، شهزادي بهادر، گجرات جي راجا کي آداب ڪونه چيو آهي.‘ مون موضوع مٽائيندي چيو، ڇاڪاڻ ته جلدبازيءَ جي وضاحت هتي، ڪرڻ ممڪن نه هو.

توهان، اسان جو تعارف ئي ناهي ڪرايو.

شهزادا، هي آهي ليلاوتي، ادناٿجيءَ جي پَرڏوهٽي، ليلاوتي. ۽ هي آهي هز هاءِنيس پرنس بهادر.

ليلاوتي، اٿندي، شهزادي آڏو آداب عرض ڪيو.

مان حيران پئي ٿيس ته آيا مهاراج ڪمار، مون کي هن پياري ناريءَ سان تعارف ڪرائيندو الائي نه. ڇا تون هنجي پسند آهين؟

هائو، ۽ هي منهنجي پسند آهي.

ڇا ته ليلاوتيءَ جو پيارو چهرو ۽ مٺو آهي. شهزادي ضرور منهنجي چهري منجهان پرکيو هوندو. هيءَ، ميواڙ جي خوبصورت ڇوڪرين منجهان هڪ ڇوڪري آهي.

هوءَ ته اڳ ۾ ئي چمڪندڙ تارو آهي.

لڪشمڻ سمهاوت جنم اشتمي ملهائڻ دوران اها پراڻي روايت آهي ته فنڪار جو نالو ڪونه ٻڌايو ويندو آهي، اڳ ۾. اهي اندازا لڳايا ويندا هئا ۽ شرط پڻ لڳائيندا هئا ته آيا فنڪار، مرد آهي يا عورت. راڳي آهي، يا سروز وڄائڻ وارو؟ ڊانسر آهي يا ...؟

ڳوناٺا پنهنجي وسعت آهر شرطون لڳائيندا آهن. اٺ، گهوڙا، روڪ رقم يا دارونءَ جا دُنگ وغيره. راجيندرا، ڪان سڀ پيا پڇن ۽ هو سيني سان ويٺو ڪنڌ ڌوڻي. ڇاڇي انڪشاف ڪيو ته اڄ پاليسي ۾ وڏي تبديلي آهي، آرڌنيشور ديوتا کي پيٽا ڏيڻ خاطر، اڌ مرد ۽ اڌ عورت جو آواز هوندو. ان جي شان ۾ بيت به ائين ٻن آوازن ۾ هوندا، پر شخص هڪڙو هوندو ۽ پوءِ اهوئي ڊانس به ڌرمي انداز سان ڪندو. اهو ديوتا به ٻٽو انگ رکڻ وارو آهي.

مان توسان وڏي موتين واري هار جو شرط رکندس. شهزادي، ليلاوتي کي چيو ته اهو ڊانسر هوندو ۽ عورت پڻ.

نه ائين ناهي. اها عورت ڳائڻي هوندي ليلاوتي چيو.

خالي شرط نه هلندي، ليلاوتي. لفظن سان گڏ شرط جي رقم به ٻڌائڻ گهرجي. تون ڇا ٿو لڳائين؟

مون وٽ ته شرط لاءِ ڪجهه نه ناهي.

اها چيله ۾ ويڙهيل سوني زنجيري جو آهي؟

ليلاوتي هٻڪجي وئي. پازيب به هلي ويندي. مان اها، پوءِ ويٽينءَ ۾ پائيندس. بهادر، ليلاوتي کي وعدن ۾ وڪوڙڻ پئي چاهيو. پر هوءَ ماٺ هئي.

منهنجي ڳچيءَ واري سَڳي بابت ڇا ٿا چئو؟ مون کي اهڙي خبر ئي هئي ته شهزادو، ليلاوتي مٿان ڄار اُڇلائيندو.

هائو، منهنجو توهان سان پيار آهي. تون مهاراج ڪمار سان گڏ هوندينءَ يا انڪل راجيندرا سان گهوڙيسواريءَ لاءِ هلندينءَ؟

سموري محفل منجهه پڻ پڻ لڳي پئي هجي، پر شهزادي جي چاهت، منهنجو مغز ڦيرائي ڇڏيو. ۽ مون پنهنجو پَٽو لاهي، ليلاوتي کي ڏنو.

اسان شهزادي مهاراج ڪمار جو، هيرن، موتين وارو پٽو لڳائيندا سين. اهو توکي زيب ڏئي ٿو؟ ليلاوتي، ان ڏکئي سوال جو جواب ڏيڻ کان پاسو ڪيو.

شهزادي، ليلاوتي ڳچي ۾ هار پارايو. تون هن پيري شرط ڪٽي ورتي، ليلاوتي.

هي شرط ڪو پاڳ وارو ئي ڪٽندو، مون پنهنجو پٽو هارايو ناهي.

نالو نڪتو، سجني بائي. عورت ٻڌايو، سارنگي ۽ پخراج نواز جي اڳيان ويهندي آيا نالا ڏوڪو ڏيندڙ هوندا آهن، يا اهي ان شخص جا عڪاس هوندا آهن. ڪي ماڻهو چوندا آهن ته مان هر ماڻهوءَ جي سجني هوندي آهيان ۽ انهن کي پسند پڻ. وري ڪي چوندا آهن ته مان، انهن جي هوندي آهيان فقط انهن جي. توهان سيني جا قرب اڪين تي منهنجا آقا. توهان جيئن ته چاڻو ٿا ته عورت تاج مثل هوندي آهي. مان ته هڪ آهيان، هڪ ماڻهوءَ ڪي ئي، هڪ وقت تي سڪون ۽ سرور پهچائي سگهان ٿي. مان حاضر آهيان سُرَ وڪيري سرور پهچائڻ لاءِ. پر منهنجي جند ۽ جان ان لاءِ هر وقت حاضر آهي، جنهن مون کي حياتي بخش ڪئي آهي.

آداب، آداب مهارج ڪمار. آداب شهزادا بهادر. آداب لڪشمڻ سمهاجي ۽ سمورن فن جي عاشقن لاءِ آداب. جيئن ته مون کي ٻڌڻ لاءِ اَئوڏ ڪونه پئي اچي سگهيا. توهان جي خدمت ۾ مون کي ئي اچڻو پيو.

هن سِتار ڪٽي ڪڇ ۾ رکيو ۽ اکيون ٻوٽيائين. هن جون ڊِگهيون ۽ سنهريون آڱريون، تارن کي ڇيڙڻ لڳيون. سچ جو سَمو هو. آلاپ... اهو



## سنڌيڪار: ڊاڪٽر بدر اُجڻ

ڪلاسيڪل راڳ جو آغاز هوندو آهي، جيڪو مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. اهو اندر جو آواز هوندو آهي، جڻ اڻڏٺي راهه جي راهداري هجي ٿي. توهان اڪيلا آهيو. سچ پچ اڪيلا، ڪائنات منجهه، نه پکواج، نه سارنگي، بس، اندر جو آلاپ دلين کي چيريندڙ، تڙپائيندڙ. دنياداريءَ کان ڌار تصور، انسان جي پهچ کان گهڻو مٿانهون. سُرندي سان سَاهه سُرندڙ، انسان جي عظمت جي مڪمل پرک ۽ پهچ. هڪ بحر بيڪنار ۾ لڏندڙ، نه ٻڏندڙ ڪشتيءَ جو راڳ جي رمز سان چرڻ، سُر جون لاهيون چاڙهيون ۽ جادو جاڳائڻ اصلي فنڪار جي وصف هوندي آهي.

اهي مرد هجن يا عورتون، راڳ جي ديوتا جي دين جا پوڄاري هوندا آهن. مان جيڪڏهن ان وقت هجان ها يا هاڻوڪو وقت هجي ها ته آلاپ کي راڳيءَ جي سڄاڻپ جو اهڃاڻ مقرر ڪري ڇڏيان ها. هر ورتَ يا وظيفي لاءِ، آلاپ، اتم عبادت جو نمونو هجي ٿو. اهو خيال جي اوچائي ۽ روح جي رچنا برابر هجي ٿو. توهان پهتل هجڻ، خالق جي قربت ۽ نيڪوڪاريءَ جي ويجهو ٿا پهچي وڃو.

اڄ سجني بائيءَ جو به امتحان آهي. ڏسان ته هوءَ پنهنجي آلاپ جي سحر سان مون کي ڪيئن ٿي مَندي؟ ڏسان، ته منهنجي شام واري درد جو دارون بڻجي سگهي ٿي؟ ڇا هوءَ مون کي سڪون ڏئي سگهندي؟ آيا، مان وري مڪمل ٿي سگهندس؟ هوءَ ابتدائي تار ڇيڙي، ٺُپ ۾ هلي وئي، ڪاريگريءَ سان بي منزل تي رواني ٿي. راڳ جون منزلون ۽ منطق، بحر بي ڪنار هجن ٿا. هاڻي هوءَ پاڻ سنڀالڻ لڳي ٿي.

سُرن جي سيوا عميق بحر کان گهٽ ناهي. انهن کي لفظن اندر قيد ڪري نٿو سگهجي. اها بي سمجهائپ ڇئبي. سُرَ، جيڪي روح کي گرمائين ٿا، اڪيرن منجهان سندن جهلڪ ڪنهن محل ليئو پائي ٿي. ان جا پند-پيچرا ۽ رند راڳي ئي پرکي سگهن ٿا. سيني جي مجال ناهي هوندي.

هن پنهنجي سِر وڏي ڪوشش ڪئي. راڳ، تال، سُر ۽ پلٽا، هيٺ مٿي، اثرائتي نموني پيش ڪيا ۽ ڪندي رهي. مان به اکيون ٻوٽي، ٻڌندو رهيس. منهنجي اکين تي ڳاڙهاڻ اچي وئي. چنيڻ تي آبشار وهڻ لڳا. اندر منجهان جڻ ڪاندي وهي آئي. مان جهومڻ لڳس، اندر جُهري ۽ ٻري چڪو هو.

آيا اهو ممڪن آهي ته جسم بنا، سُرَ مٿان ڪو عاشق ٿي پوي؟

مان جڻ سمنڊ ڪناري، ڏوبي ويو هجان ۽ اندر پرسڪون محسوس ٿيو.

اڌ رات ٿي چڪي هئي، سجني بائي راڳ سميٽڻ لڳي. ليلاوتي، منهنجي گوڏي تي سمهي پئي هئي ۽ اگهور ننڊ ۾ هئي. مان سونو پٽو، پاڻ وٽ رکڻ نه چاهيو. راجيندرا، پرس نوٽن سان ڀريل، رجني بائي کي ڏنو. ادناتجي، ليلاوتيءَ کي ڪنيو ۽ مان به ليلاوتي ڏي وڌي ويس. مان پنهنجو هيرن وارو پٽو لاهي، هن کي نذراني طور ڏنو. هن جُهڪي پير ڇُهيا ۽ چوڻ لڳي، مان ڪَنُ ڏئي ڪيس ٻڌڻ لڳس. مان تنهنجي لاءِ شهزادا، فقط تولاءِ اڄ ڳايو آهي. جيڪڏهن اهو تنهنجو غم گهٽائڻ ۾ مدد ڪري ٿو، ته مان تنهنجي لاءِ وري ٻيهر به اچڻ لاءِ تيار رهنديس. تون پريشان نه ٿيءُ. مهاراج ڪمار، تنهنجو چهرو ايترو شفاف ناهي، جيترو منهنجي دل آهي. تو وٽ اها صلاحيت آهي، اها پرک آهي جو راڳ کي سمجهي ۽ سرور حاصل ڪرڻ سگهين؟ تو کي پنهنجو حسي ادراڪ اجارڻو پوندو.

ته اعلان ٿيا. هيٺ شاميانا اندر، دال روٽي ۽ چٽ پٽون شيون حاضر آهن. خواتين و حضرات. جيڪڏهن اڳ ۾ ڪنهن نه ڪاڌو آهي ته اسان جي مهمان نوازي کي لڄارو نه ڪجو. خاص طور تي منهنجي ماتا- هن گهر جو ٻيو اعلان توهان کي وڏيڪ پسند ايندو ته راڳ اڃا ختم نه ٿيو آهي. هڪ ڪلاڪ کان پوءِ اوچتو اهو سلسلو ٻيهر جاري ڪيو ويندو.

مان بکارو آهيان. راجيندرا نيڪ چيو. ڪاڌو ايترو ته لذيذ هو جو منهنجي بک ويتر وڌي وئي. هر ماڻهو، خوش پئي لڳو ۽ دوستيون پئي نيايون. مان ڏاڍو خوش هئس. راجيندرا، سمجهيو ته رجني بائيءَ، مون سان ڪي راز و نياز جا گفتا اوريا. بهادر ۾ هن سان سهمت ٿيو ۽ ان جي آواز، نياز نوڙت، اپريل اُرهن ۽ ٻيا انيڪ وصال جا وعدا ورجايا. ڏاڍي ڪليل انداز سان. پر ان ۾ حجاب جو عنصر شامل نه هو. ماڻهن جو چگو چوکو ميڙ هو جيڪو گول دائري ۾ شهزادي جي چوڌاري ٻيهي ٽيڪا ڏئي رهيو هو. مون کي فقط هڪ ڳالهه جي چنتا هئي جو، بهادر، لڪ چپ ۾ چڪيون چڪندو رهيو. هن کي ٻئي جام چُلڪائڻ جو وڏو اوسيئڙو هو.

اسان کي اهو نه ٿو ٻڌائين ته سجني بائي کي ڇا ڇيئو؟

مون کي اهو خيال ئي نه هو ته هي سيئي کي ان تاڙ ۾ هئا ۽ گرم لڳا پيا هئا، رجنيءَ مٿان. پلا ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿا پرائا عاشق ملن؟ آيا وڪٽري ٽاور منجهه. صفا مٿين فلور تي. رجني جي اچڻ جو مسئلو ٿيندو! خير، مڙئي لڪي چپي، اچي ويندي. پر ان کان پوءِ وڏو لُڙ بکيڙو ٿيندو، جڏهن عاشق نڪري ويندا، پوءِ ٽاور اچي ڏرتي پيڙو ٿيندو. پر عاشقن کي ڪجهه نه ٿيندو. وڏا پوڳ نڪاءُ ٿيا، سچ ڪوڙ هنيا ويا. ڳالهيون پئي نهيون ۽ ڏٿيون.

ايتري ۾، وڏي راتي منهنجي ڏاڏي اچي گول دائري ۾ شامل ٿي. هن منهن ۾ گهنڊ وجهي، چپ پيڪوڙي چيو، ڇا بکواس آهي. عزت کي جو ڪم رسائڻ واري گفتگو. هاڻي نئون نسل، اهڙين ڳالهين سان تو پاڻ کي وندرائي؟

هر ڪو چپ ٿي ويو. ڪنهن به اک مٿي ڪڻڻ جي جرئت ئي نه ڪئي. عورتون الڳ بيٺل هيون هن ڪيچل کان؟ آخر ڇا ٿيو آ پُٽ؟ هن شهزادي کان پڇيو. ڇا، هوءَ، منهنجي مهاراج ڪمار کي ڳولي سگهي يا نه؟

ديپ محل ڏانهن واپس وڃن جو وقت ٿي ويو هو.

هن وقت اسان سيئي ڏاڍو پُرباش ٿي چڪا هئاسين. لڪشمڻ سمهاوٽ هيمشه جيان هڪڙو ئي فنڪار هوندو آهي. اڳتي اڄ الائي ڇا هي؟ ڪير، ڪهڙو، ڪڏهن ۽ ڪيئن جهڙن سوالن جي پُڇ پچان لڳي پئي هئي؟ ايندڙ شو جو سرجٽهار، راجيندرا هيو. اتي انيڪ قسم جا مزا رچيل هئا، جادوگر، قلابازين وارا، ناچو، هيجڙا، شاعر، جهمرين وارا، پهلوان، مطلب ته سرڪس جيان سمورا نمونا هئا. اجهو ڏسو ڪير پيو اچي؟ سڄي پاسي جي ڪنڌ ڪان، پائرو، پينرو، اهائي ڪجهه دير اڳ ۾ انعام ڪٽڻ واري سَجني بائي. سڀ ائين سُڪ ٿي ويا جڻ ديو پيو ڪائڻ اچين. سڀ ماڻهو راجيندرا تي چڙي پيا. مان ڪلي ڪيرو ٿي پيس. سڀ گهڻ وڏ پيا چونس، چي، اَسان کي اجايو رولايو اٿئي، وڏا واڪ ڏئي.

هن چيو ته اها سيني لاءِ ڳجهارت هئي. سجني بائيءَ کي گهٽ نه ڄاڻو.

سجني بائي، جلدي راڳ شروع ڪيو. ۽ هر طرف خاموشي ڇانئجي وئي. هن ڍولا-مارو جو داستان شروع ڪيو. عاشقيءَ جو مشهور لوڪ داستان. مارو پهريون دفعو ڍولڻ کي ڏٺو هو، ساهيڙيون هن کي چيڙائڻ لڳيون هيون. اسان کي داستان جي ڄاڻ هئي، ڪيترن محفلن ۾ ٻُڌل به هيو، پر سجني بائيءَ وڻ وڃائي ڇڏيا. اسان سجنيءَ جي سُرَ جي سحر ۾ سُنُ ٿيڻ وارا هئاسين ته پازيبي، چيرين جي چمڪڻ جا آواز اچڻ لڳا. سيني جا جڻ نشا ٽُٽي پيا. ست اَپسرائون، ماڻهن جي وچان، ناز نخري سان اچڻ لڳيون. سترنهن، ارڙهن سالن جون سُندر ناريون، پَرين جيان، نوڙت ۽ نياز سان، جسم جي هر عضوي کي ڍولڪ جي آواز سان ملائيندي نچنديون پئي آيون. تاڙين جا ڏوڙيا ٿي ويا.

اسان منجهان اڪثريت صبح سوير وڃڻ وارا هئا، پر حرام جيڪو اٿيو. هي ته جاڳندي خواب جو سَمون پئي لڳو. حسن جي ديوي! جواني ۽ سونهن ڇا ته نعمتون آهن. مان ته پاڻ کي پوڙهو ٿو سمجهان. راڳ جو سوز سيني مٿان حاوي ٿي ويو، عورتون به ان کان بچي نه سگهيون. لوڪ راڳ جي رس چس ۾، سڀ جهومڻ لڳا، بي حس ڪو هوندو جنهن راڳ جي لست نه ماڻي هوندي. ناچڻين جي پيرن جي تال سان، سيئي تاڙين جي نڪاون کي ملائيندا رهيا. هوئن به اسان تاڙين وڄائڻ جا

شوقين آهيون. راڳ مٿان راڳ جي جادو، نه فقط ماڻهن کي پر هوا کي مستيءَ ۽ خمارن سان ٽمٽار ڪري ڇڏيو. اسان جي مٿان نينهن جا نشا چڙهي چڪا هئا، عورتون به پُر بهار ۽ نيم نشي جي حالت منجهه مدهوش ٿي چڪيون هيون.

انهن سمورين کي چند پري گگهرا ۽ ڏرتي جي رنگ جهڙيون چوليون پاتل هيون. ننڍڙين چُنين، وارن کي مَسَ مَسَ پئي ڍڪيو ۽ انهن جا پَلوَ، بلائوزن سان ٽاڪيل. سيني کي پيرن منجهه چانديءَ جون گُجريون پاتل. هڪ نَوَلُ ناريءَ کي ڪاري رنگ جي چولي ۽ گگهرو پاتل، جيڪا سيني کان سَرسُ شرميلي پئي لڳي. ڇا اها سيني منجهه ننڍي آهي؟ هوءَ شرميلي ۽ نويلي هجڻ باوجود، شهزادي کان متاثر پئي لڳي. هوءَ اکيون هيٺ ڪري، شهزادي سان اکيون اڙائي رهي هئي. هن جي ڪپڙن جي رنگ جي هن جي ڇهري سان هڪجهڙائي چنڊ جهڙي لڳي رهي هئي. هيءَ نچڻي ناري ناهي ۽ وري ٻيون به اهڙيون آهن.

شهزادي جي ڇهري تي مرڪ نچي رهي هئي. ۽ هو به چور اکين سان ڪيس ٽاڙڻ ۾ مگن هو.

هن جو نالو ڇا آهي؟ بهادر، بي تاب ٿيندي ڪَن ۾ ڦوڪ ڏني، حالانڪ وينو ڄڻ نماز پڙهڻ واري طريقي ۾ هو.

تون، غلط ماڻهوءَ کي ٿو ڦوڪون ڏين، شهزادا. مان به تو وانگر ئي بي خبر آهيان.

اها ڪا ٻي شيءِ ته ناهي؟

ڪير؟ معصوم ٻڻجي ڪائنس پڇيم.

هتي ڪو ٻيو آهي، پر هوءَ؟

اهي سَت اٺئي، منهنجي پيار واري شيءِ جو نالو نه وٺجانءِ، سجني ٻائي. هائو، سائين، سجني ٻائي ته تنهنجي لاءِ آهي. هو آهستي ڪِليو.

اها توسان ئي ٺهندي، قبلا، منهنَجي ڳالهه مڃ، اهو ته فيصلو آسمان ۾ ٿيو هو. پر مان پڇان ٿو، ته ان ناري بابت ڪير ٻڌائيندو، مان نه ٿو چاهيان ته هن جو رنگ ڪيئن بيان ڪيان، اها چمڪندڙ پُورل؟

تون ڪٻي پاسي کان ٽيون نمبر ناري لاءِ ٿو چوين؟ مان ڄاڻي واڻي غلط ڇوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪيو.

نه ڙي ڇريا، مان چمڪندڙ پورل لاءِ ٿو چوان، هو گوڏن ڀر اُڀو ٿيو، ٿابڙيو ۽ ڏڪندي، ان ڏانهن آڱر ڪٽي اشارو ڪرڻ لڳو. ان ڇوڪري شرمايو ۽ پنهنجي پير کي انوکي ادا سان ڪٽڻ لڳي، هن جي شرميلن نيڻن ۾ ڦهر جو چمڪو ۽ چڪ هئي.

هوءَ پوري ته ناهي، چمڪٽي يَا ڪاٻي. اها ته مشڪڻ آهي يار. ڇا ٿو چوين، پوري، هجي ڪاري يا واڱڻائي. مون کي فقط هن جو نالو کپي.

مون، هن کي ويهڻ جو اشارو ڏنو.

ويهندس، تڏهن جڏهن نالو ٻڌائيندين.

ايلاز ڪيامانس پيلا ويهه ته سهي. ماڻهو هن جي ٻاتاڙيل وجود کي پرکي رهيا هئا. مون منگل کي اشارو ڏنو ته هن لاءِ پيگ ناهي آڻ. راجيندرا، هن لاءِ پيگ گهرائي ورتو.

هاڻي ٻڌاءِ پيلا ته هن جو نالو ڇاهي؟

سچ ٿو چوان، مون کي خبر ناهي.

هي سچو بڪيڙو تنهنجي گهر ۾ آهي؟ هن کي جواب نه آئڙيو. منهنجو ناهي شهزادا، هي لڪشمڻ سنهاءِ راجيندرا جي جاءِ آهي. اوهه. برابر. پوءِ چڱو، اهو راجيندرا کان پڇان ٿو. هن راجيندرا ڏانهن منهن موڙيو.

معاف ڪجانءِ، مان توکي مزي وٺڻ دوران، ڊسٽرب ٿو ڪيان، سو به تنهنجي تڏي تي، مهرباني ڪري، هن ڪاري ويس واريءَ ڇوڪريءَ جو نالو ٻڌائيندين؟

قبلا، مون کي پورو ياد ناهي. شايد، سلمه يا نکهت؟ راجيندرا، مسڪرائي وري نارين جي جهمرين منجهه مَحَو ٿي ويو.

سلمه؟ نکهت؟ اها هندو ناري ناهي؟ بهادر وائڙو ٿي ويو. تون هن لاءِ ڇو ايترو بيتاب ٿي رهيو آهين. هن کي سڃاڻين ٿو ڇا؟

ڇا ٿو چئين؟ ڇا هن سان منهنجو ڪو ميلاپ ٿيو آهي ڇا؟

نه سائين، هي سڀ ڇوڪريون ڪنواريون آهن.

ته پوءِ؟

”الاجي ڇو، مون واري سؤٽ، سوال کي ڇرڇي ۾ لنوائي ڇڏيو. مون کي خبر ناهي. مون سمجهيو مٿان، تون هن سان ٻالڪپڻي دوران راند ڪئي هجي. ميواڙ جي ڇوريءَ سان وري مان ڪيڏندس. اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ شهزادي پريشان ٿيندي چيو.

راجيندرا سان تون ڳجهارتن ۾ ٿو ڳالهائين، جيڪي منهنجي سمجهه ۾ نٿيون اچن.

هوءَ، احمد نگر واري قاضيءَ جي ڪڪي آهي.

مون سمجهيو پئي، شهر ۾ چڪر هڻندي مٿان ڪٿي ڪيس ڏٺو هجيوَ.

پوءِ، هوءَ هتي ڇا پئي ڪري؟

راڳ رنگ، بند ٿي ويو. ڇوڪريون، خاموش بيٺي، هڪٻئي سان چنبڙي رهيون هيون. اهي پريشان لڳي رهيون هيون. سلمه يا نکهت جي مٿين چپ تي پگهر جا ڦڙا ڏسڻ ۾ پئي آيا. ۽ ڪپڙن تي ڊانس جي ڪري پگهر جي آلاڻ ڏسڻ ۾ پئي آئي. هن جون اکيون، ڊنل ڳيري جيان، هر طرف تاڙي رهيون هيون.

هن جي هٿن کي، هن جو ساهيڙيون جهلي رهيون هيون، هن کي ديپ محل مان جي ڪا وٺي ملي وڃي ها ته هوءَ هاڻي ئي احمد نگر ڏانهن ڀڄي وڃي ها.

راجيندرا کي ڇا ٿي ويو؟ ڇا هو سوچي پيو ته هو ڇا ڳالهائي رهيو آهي؟ احمد نگر جي ذڪر ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي؟ پوءِ مون کي ڳالهه ياد آئي. مون کي هن جو چهرو ياد پيو جو شهزادي، مون کي ٻڌايو هو، جڏهن ميواڙ جي فوجن جو قتل عام ٿيو هو ۽ لڪشمڻ سمهاجي تباهي ٿي هئي. ۽ اڄوڪي سُرتاڙ وارو ميڙ راجيندرا، بدلي وٺڻ لاءِ ڪوٺايو هو. هو بدلو وٺڻ پيو چاهي، شهزادي بهادر کي اهو وقت ياد ڏيارڻ لاءِ جڏهن اسان گجرات جي تباهي ڪئي هئي، احمد نگر کي اجاڙيو هيوسين هنن جون مسجديون ڊاٿيون هيوسين. هنن کان سون ۽ چاندي ڪسيو هيوسين ۽ هنن جا هزارين شهري قتل ڪيا هئاسين.

راجيندرا، مان عرض ٿو ڪيانءِ ته عقل کان ڪم وٺ ۽ فضول نه ڳالهاءِ.

توکي ياد آهي شهزادا، جڏهن ميواڙ جي فوجن، تنهنجي والد جي فوجن کي شڪست ڏني هئي ۽ احمدنگر کي تباهه ڪيو هو؟ اهو قتل عام هيو جنهن ۾ قاضي پڻ قتل ٿي ويو هو. پر اسان بهادر ماڻهو آهيون. اسانَ اتان جون عورتون ۽ ناريون پاڻ سان گڏ کڻي آيا هئاسين ۽ هاڻي انهن کي نئون ڏنڌو ٿا سيکاريون. اسان کي اميد آهي ته اُهي خوب وندرائينديون، جيئن اڄ ڪيائون ۽ اسان کين جو ڳو معاوضو پڻ ڏينداسون. اسان...

هن اجاوڏيڪ جملو پورو نه ڪري سگهيو. اهڙي ڪاوڙ پئي آئي. جو سندس زبان ڇڪي وٺان ها ۽ منهن تي ٺونشا ٺوڪيانس ها. اهڙي عبرت وٺي ها.

*

بهادر، اڳتي جُهڪي ويو، ڄڻ ڪو ويلو پيو هجيس.

اها ويڙهه جي پراڻي ٽِرڪَ هجي ٿي جيڪا مان سمجهي نه سگهيس.

ڇو، ٺيڪ ته آهين، شهزادا؟ مان هن کي چيو.

هائو. مان ته آهيان. پر تنهنجي ڪزن کي مٽي ۾ پونئري آهي. اوچتو، خنجر جا ست وار راجيندرا تي ڪيائين ۽ هو ڦهڪو ڏئي هيٺ ڪريو. ماحول ۾ مات واري مات ڇانئجي وئي. سلمه يا نَکهت به ڊپ وگهي هانءُ هاري ڌرتي تي ڪري پئي. مان راجيندرا کي وڃي ڪنيو. منهنجا هٿ ۽ ڪپڙا رتورت ٿي ويا. مان پنهنجي خاموش درد ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ديوتائن ڏانهن واجهائڻ لڳس، مٿي ڏٺم، ٻتين کي ڏٺم، سجني ٻائي تي نظر پئي، جنهن جي آواز جي گونج، ڪِڪ، پن، وڻ ٽڻ ڏوڏائي رکيا ها، ديوتائن کي مَندِي رکيو شايد جو راجيندرا جو موت ٿيو، مون ڇاڇي ڏانهن تکيو، مون سؤٽ جي لاش ڏانهن ڏنو منهنجو بدن جوش کان ڏکي رهيو هو. پر نڙي مان آواز نه نڪتو. من ئي من ۾ هڪ لهر اُيري، اي راجندرا، افسوس جو مون تنهنجو ساٿ نه ڏنو. ۽ تو اڳيرائي ڪري گجرات کان هاريل جنگ جو بدلو وٺڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. (هلندڙ)

# ڪشباش

قسط: يارهين

جي سنڌي هندو نه ملندو آهي ته پوءِ جنهن سِک جي ڳولا ڪندو آهيان، جيڪو پڻ واهر ڪندو آهي. مان هڪ ڏينهن نيروبي بزار جي چوڪ ۾ وينو هئس. ڪلاڪ ٽاور تي نظر پئي ته ٺيڪ ٻارنهن ٿيا هئا. اُن مهل هڪ سِک لانگهائو ٿيو. مون ڪانئس پڇيو،

”سردار جي، آپ نُون دَسو، ٽيم ڪي هويا هي؟“

سردار جي واچ ڏٺي ۽ ٽائيم ٻُڌائڻ ڪانسواءِ تڪڙو تڪڙو اڳتي وڌي ويو.

مان ٽڪيٽ دِي رُوٽ ڪرائڻ لاءِ گلف ايئرولائين ويس. اُتي هڪ سُهڻي پاڪستاني يا هندوستاني ڇوڪري هئي. نڪ حسن جي عمارت لاءِ هڪ ٿنڀ جي حيثيت رکي ٿو، جي نڪ سهڻو ناهي ته پوءِ سونهن جو توازن قائم نه رهندو. ناسون به ننڍيون هئڻ کپن. شاهين جون ناسون ته ننڍيون هيون پر اوڊيل جيان شاهين جي هڪ ناس. مان هڪ ڊگهو وار نڪتل هو. الائجي ڇورين کي ڇا ٿي ويو آهي؟

مون ڪيس پنهنجو مسئلو ٻڌايو. پر منهنجون نظرون ان وار تي کُتل هيون. هن به مون ۾ دلچسپي ورتي. چيائين، ”ايٿوپين ايئرلائين ڏانهن وڃو، اُتي منهنجو نالو وٺي جيسمن نالي ڇوڪريءَ سان ڳالهاءِ، توهانجو مسئلو اها حل ڪندي.“

مان ڪافي پريرو وڃي هڪ بلڊنگ جي ٽين ماڙ تي ايٿوپين ايئرلائين جي آفيس اندر ويس جتي هڪ آفريڪي ڊگهي ڇوڪري ويٺي هئي. مون ڪيس سڄي ماجرا ٻُڌائي. هن منهنجي ٽڪٽ کي اُٿلائي پُٿلائي جاچي جوچي چيو، ”الائجي ڇو شاهين توهانکي مونڏانهن مُڪو آهي. هي ڪم ته هوءِ پاڻ به ڪري سگهي ٿي.“

مونکي ڪاوڙ ته آئي پر ڳالهه سمجهي ويس. موٽي شاهين وٽ آيس. ڪيس چيو، ”تو مونکي هروپرو هلاڪ ڪيو آهي.“ هن وار-نڪي حسينا شرارت ڀرين اکين سان مُرڪي چيو، ”پوءِ اوهان کي 40 ڊالر ڏيڻا پوندا.“ مون اهو ڪم ايتري جو نه سمجهو. ڪيس ٻئي ڏينهن اچڻ جو چئي موٽي آيس.

مون مسعود کي فون ڪري پڇيو، ”تنهنجو ٽريول ايجنٽ واقف آهي؟“ چيائين، ”اُهو، هڪ سک آهي جنهن کان مان ٽڪيٽون ٺهرائيندو آهيان.“ ٻئي ڏينهن اسان سک ٽريول ايجنٽ جي آفس ۾ ويٺا هئاسين. سِک پگ پايو، ڏاڙهي ۾ ڏوريءَ جا ٻار ٻر لڳايو ويٺو هو. سندس ملازم هڪ هندو ڇوڪري هئي جيڪا پنهنجي ڪم ۾ ڏاڍو هوشيار هئي. هوءِ منهنجي ٽڪيٽ وٺي هيڏانهن هوڏانهن ڪري انڪوائري ڪري رهي هئي.

ايتري ۾ هڪ نهايت ماڊ عوت آئي، جنهن کي پتلون مٿان گنجيءَ نموني واري ٽي شرٽ پاتل هئي. ننڍي ڪنڌ جي ٿي لڳي، موچاري هئي. ۽ انگريزي چِبي چِبي برگر اسٽائل ۾ ڳالهائي رهي هئي.

هن مائي صاحبه ويني ويني ٻانهن مٿي ڪئي ته منهنجي پير ۾ وينل مسعود جي واتان، ”لاحول. . .“ نڪري وئي. مونکي به سندس بغلي مُڇا سُٺا نه لڳا. ڏهن ڊالرن ۾ منهنجو ڪم ٿي ويو. مسعود مونکي سماگات چڙي، موڪلائي هليو ويو. ٻئي ڏينهن منهنجي فلائيٽ هئي.

*

واپسي ۾ جهاز اڌ ڪلاڪ لاءِ موگاديشو ۾ ترسيو. مان عثمان ۽ ايم پي واري جوڙي سان مليس. انڊين صوبيدار نظر نه آيو. پوءِ فرينچ آرمي جي ڪينٽين ۾ وڃي شاپنگ ڪئي. اُتان ٽيشرٽون خريد ڪيون جنهن تي صوماليا جو نقشو ٺهيل هو. منهنجي جهاز جو فرينچ پائلٽ ڊوڙندو آهي. ۽ منهنجو شاپر پاڻ کڻي هلڻ لڳو، ”چيائين جهاز رڳو تنهنجي ڪري ترسيو بيٺو آهي.“

اُن ڪانپوءِ جهاز وري هارگيسيا انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي لٿو. مون دريءَ مان ڏٺو ته منهنجو ڪو مخالف ته نظر نه اچي رهيو آهي. پوءِ هيٺ لٿس ته يونوسو جو هڪ ڪارو واقف مائڪل ڪنهن باندر جيان بيٺو هجي. هن مونکي ڏسي گوريلي جهڙو ڀاڪر پاتو جو نه رڳو منهنجو ساهه گُهٽجڻ لڳو. پر بدن مان ٺڙڪاٽ نڪري ويا. نصيحت: ”پاڻ کڏهن به ڪنهن ڪانگو جي گوريلي کي ڀاڪر نه پائجو.“

مان جِبوتيءَ ۾ به ڏينهن ترسي پِيُس. ٻئي ڏينهن سعيد چيو، ”توهان سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي.“ مان هنڪي نوبڪلي جا ٿي وٺي ويس. سعيد تمام صالح نوجوان هو. ٻئي هڪ ٻئي سان عربيءَ ۾ ڳالهائيندا هئاسين. چوڻ لڳو، ”يا دڪتور عاشق، نعمه چوي ٿي جي ڊاڪٽر عاشق مون ڏانهن شاديءَ جو پيغام موڪليو ته مان انڪار ڪونه ڪنديس.“

مونکي جهٽڪو لڳو. ڪنن ۾ از غيبي سُر وڄڻ لڳا. سوچ ۾ پئجي ويس ته ڪيئن جواب ڏيان. جو نعمه ۽ سعيد زماني جي دستور موجب نهايت مان واري طريقي سان اپروچ ڪيو هو. معاملو نازڪ هو. مونکي اهڙي طريقي سان انڪار ڪرڻو هوجو عزت رهجي اچي ۽ نعمه توڙي سعيد جا جذبات به مجروح نه ٿين. ذهن ۾ ڪيئي جواب آيا، جيڪي



ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

مون رد ڪري ڇڏيا. آخر ۾ مون ڪيس چيو، ”ياسعيد، نعمه ۽ منهنجي وچ ۾ عمر جو وڏو تفاوت آهي.“ سعيد چيو، ”مرد جي وڏي ڄمار سان ڪو فرق ڪونه ٿو پوي.“

مونکان اها قبائلي وڏ عُمرائيءَ واري ڳالهه وسري وئي هئي. مون وڌي احتياط سان هڪ هڪ لَفظ توري تکي چيو، ”سعيد، نعمه اهو پيغام موڪلي منهنجي عزت وڌائي آهي. مان به نعمه کي پائيندو آهيان. مونکي شادي ڪرڻي ئي ناهي. هن مهل تائين ڪري نه ڇڏيان ها. مان تصوف جو ماڻهو آهيان. رڳو انهيءَ ئي وات تي رهڻ چاهيان ٿو.“

*

علي صبح ۾ مان جڏهن يُوجي کي جِپسي سگريٽ ڏنا ته ٺري پيو. مون سيني کي پنهنجا نيروبيءَ وارا ايڊونچر ٻُڌايا. انيل چيو، ”آئون به نيروبي ويندس. بوبو هر گهڙيءَ تي پڇي پوءِ ڇا ٿيو؟ پوءِ ڇا ٿيو؟“ اڪيڪو غور سان اهي ڳالهيون هنڊائي رهي هئي. ۽ فاروق پنٽا پات جو انتظار ڪري رهيو هو. ٻڪاشي کي هميشه جيان اهڙين ڳالهين سان ڪا دلچسپي ڪانه هئي. ڪنتل جي چپن تي طنزيه مُرڪ هئي.

ايمدا جو ڪمبوڊيا ۾ به هڪ پروجيڪٽ هو. اُتان ڪان هڪ جاپاني نفسيات جو ڄاڻو ڊاڪٽر اسانجو پروجيڪٽ گهمڻ ۽ ڏسڻ آيو.

اسانجي ٽيم هڪ جاپاني ڪاٺ ۽ شيشي جي دلين واري فلٽر جو پاڻي پيئندي هئي. مهمان ڊاڪٽر ٻڌايو، ”هو به ڪمبوڊيا ۾ اهڙي ئي فلٽر جو پاڻي پيئندا هئا، سيني کي سائي ٿي پئي.“ ڊاڪٽر ڪُنتل ايترو ڊنو جو فلٽر بند ڪرائي ٻڪاشيءَ کان يمن جو منرل واٽر گهرائڻ لڳو، جڻ يمني ڏاڍا صفائي وارا ۽ ايماندار هجن. مان پاڻ صومالين وانگر نل جو پاڻي پيئندو هئس.

انيل هڪ صومالي ڊاڪٽر حسين شاردي دريافت ڪيو جيڪو علي صبيح جي هڪ عجيب ۽ انوکي شخصيت هو. هنجي پنهنجي مقامي اين جي او هئي. ڪيس 11 ٻوليون اينديون هيون. بنگالي ڪانئس بيزار ته هو بنگالين کان بيزار هو. ڊاڪٽر فاروق ٻڌايو ته شاردي وڏو ترنياڪ آهي، انڪري اسان هُن سان لهه وچڙ ۾ نه ايندا آهيون.

علي صبيح ۾ ڪا تفريح نه هئي، شام جو وقت ڏاڍو ڏکيو گذرندو هو. پر Crooks دلچسپ هوندا آهن. مون سوچيو هاڻ هڪ نئين ونڊر ته ملي. انيل ۽ مان شاردي سان ملڻ گهر وياسين.

ڊاڪٽر شاردي صومالي مردن ۽ ڇوڪرين منجهه محفل جو مور ٿيو وينو هو. هو لهنگي ۽ ٽي شرٽ مٿان لوئيءَ جو 'ٻُڪل' ماري وينو هو. اکيون وڏيون، وڇون جي ڏنگ جهڙيون مُڇون، فرينچ ڪٽ ڏاڙهي. مون سوچيو ته هو واقعي سامونڊي قزاق لڳي رهيو آهي. رڳو هڪ اک تي ڪاري چتيءَ جي ضرورت آهي.

سڀ رنين آهرين دائرو ناهي وينا هئا. هر مرد جي آڏو 'چات' جي موڙي ۽ ڪوڪا ڪولا جي بوتل رکيل هئي. مد چات جا پن چٻاڙي رهيا هئا. مونکي فاروق جي ٻڪريءَ واري ڳالهه ياد آئي. ڇوڪريون لاتيون لنوي رهيون هيون. شاردي صومالي اندر سيا لڳايو وينو هو.

'چات' يا 'ڪات'، هڪ ٻُوٽو آهي، جنهن جي پنن ۾ ايمفِٽامين ٿئي ٿي جيڪا ذهن ۾ تڪائي پيدا ڪندي آهي. جڻ بلب روشن ٿي ويو هجي. صومالي انکي قرآن حفظ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. پر اهو هير وجهندڙ نشو آهي. چات آفريڪا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ مختلف نالن سان واپرائي وڃي ٿي. علي صبيح جي بازار ۾ ماڻهو وڏي شدت سان چات جي گاڏيءَ جو انتظار ڪندا هئا ۽ انجي مٿان جهار وانگر اچي ڪرندا هئا. هر هڪ ڪوالٽي موجب قيمت سان چات جي موڙي خريد ڪندو هو.

اها گروپ جي شڪل ۾ کاڌي وڃي ٿي. مونکي ڏکڻ آمريڪا جا ڳاڙها ياد آيا جيڪي گروپ جي شڪل ۾ پي يوٽ (ٿوهر) وارا ٻٽڻ (ٻج) چٻاڙيندا آهن، جن ۾ 'نفس سُجاڳ' دوا ميسڪالين هوندي آهي، جنهن وسيلي نباتي روح ۾ سجاڳي سبب LSD جيان رنگ برنگا منظر نظر ايندا آهن. ان ٻوٽي جي نِباتي روح کي 'ميسڪاليتو' چوندا آهن.

جي چات کائوءَ کي اهو گاهه نه ملي ته هو ماندويا چتو ٿي پوندو آهي انڪري هفتي ۾ هو هڪ واري ضرور کائيندو. صوماليا ۾ به اسانجا ٽي سڪيورٽي گارڊ اها نياڳي چات خريد ڪرڻ لاءِ مارڪيٽ ويا هئا، جتان مان سگريٽ خريد ڪرڻ ويندو هئس. مان به آزمودي طور ٽي پن چٻاڙي ڏنا،

انهن سَڪَ ڏوڪن وانگر ڳُلو تي جهليو، ان ڪري ٿوري ٿوري دير کانپوءِ ڪوڪا ڪولا جو ڍُڪ پرٽو پوندو آهي.

ايمفٽامين، بلڊ پريشر وڌائي ٿي، ننڊ ۽ بُک گهٽائي ٿي. انجو لاڳيتو استعمال دل کي نقصان رسائي ٿو. مان عورتن کي چات کائيندي نه ڏٺو، ها وڪڻندي ضرور ڏٺو آهي. شاردي ڊاڪٽر هو. انڪري پاڻ چات نه کائي رهيو هو. ساٽس وڏي ڪچهري ٿي. واقعي دلچسپ ڪيريڪٽر هو. پوءِ اسانجي 'ٽياڪڙي' ٺهي وئي.

ڳالهين ڳالهين ۾ مان ساٽس صومالي کاڌن جو ذڪر ڪيو ته ڪونه ٿا وڻن. شاردي چيو، "جنهن ريسٽورنٽ ۾ اوهان وڃو ٿا اُتي فلاڻن فلاڻن کاڌن جو آرڊر ڏيندا ڪيو."

آچر تي جڏهن اسانجي ٽيم علي صبيح جي ريسٽورنٽ وئي ته ٻين جي آرڊرن کانپوءِ مان 'مشوئي هنيد' ۽ 'رزباللوَز' جو آرڊر ڏنو. مشوئي هنيد، ماکيءَ ۾ روسٽ ٿيل گوشت ۽ رُزباللوَز اڇن چانورن ۾ اچا بادام پچايل هوندا آهن. بنگالين جڏهن اهي کاڌا ڏٺا ته دانهون ڪيائون، "اسانکي اڳ ۾ ڇو نه ٻُڌايئہ؟" مون چيو، "اوهان پنتايات ۽ پتڪڙين مڇين جا شوقين آهيو، مون سمجهيو شايد اوهانکي هي کاڌا نه وڻندا." واقعي ٻنهي کاڌن ۽ مٿان پيپتي جي جوس مزو ڏئي ڇڏيو. انيل مُشڪي رهيو هو.

شاردي ڳالهين دوران ٻڌايو هو ته، "فرح عديد آمريڪا جو ايجنٽ آهي." پوءِ اها ڳالهه ائين ثابت ٿي جو آمريڪا جڏهن موگاديشو ۾ پنهنجا ميرين لاٿا ته انهن ۾ فرح عديد جو پٽ به شامل هو جيڪو آمريڪي ميرين هو.

اصل هُل مچي ويو، "ائين ڪيئن ٿيو؟" خود آمريڪي چوندا آهن،

CIA always botchup the job.

انجو مثال ايران ۾ دشت لوط وارو واقعو آهي. مان شاردي کان پڇيو، "جڏهن صومالين کي پنهنجي بزرگ دوست جي ضرورت هئي تڏهن آمريڪا نه آيو. هاڻي ڇو آيو آهي؟" شاردي چيو، "صوماليه ۾ ڪجهه تيل جا کوهه نڪتا آهن، انڪري آيو آهي." مون چيو، "صوماليه به اسانجي بلوچستان جيان معدنيات ۾ امير آهي، اُتان نيلم ملي پيو، جي جاچ ڪبي ته ٻيا قيمتي پٿر ۽ سون چاندي به ملندا."

شاردي دلچسپي سان ٻُڌي رهيو هو. مون ڳالهه جاري رکندي چيو، "منهنجي خيال ۾ معاملو ٻيو آهي. چاليهارو سال اڳ آمريڪا جي سٽلائٽ ڊوڊڪ بلوچستان ۾ ٿامي جي تمام وڏي ذخيري جو پاڪستان کي پتو ڏنو هو. اها خبر 'جنگ' اخبار ۾ به آئي هئي.

سون، چاندي ۽ ٽامو اڪثر گڏ هوندا آهن ۽ هاڻ کوٽائيءَ کانپوءِ اها ڳالهه ثابت ٿي وئي آهي.

"ڌرتي تي اوائلي دور کان ٻرندڙ پٿر ۽ ڇپون ڪرنديون رهن ٿيون. خلا کان آيل اهي ٽڪِريون زمين ۾ دفن هونديون آهن. انهن ۾ قيمتي ۽ اڻ لڀ ڌاتو يورنيم ۽ پلوٽونيم وغيره هوندا آهن. آمريڪي سٽلائٽ اهي نوٽ ڪندو رهندو آهي. منهنجو خيال آهي ته آمريڪا اهڙي ئي ڪنهن ناياب ذخيري هٿ ڪرڻ لاءِ صوماليا آيل آهي."

شاردي سوچ ۾ پئجي ويو. سنڌ ۾ به ڪي پير، ڪنهن دولت جي ديڳ يا دفيني جو معلوم ڪري اُنن تي اچي، اُن جاءِ تي تنبو کوڙي خيرات ڪندا هئا. هو اچي ڪڪڙ کي تعويذ ٻڌندا هئا، جيڪو دفيني واري جاءِ تي وڃي زمين کي ڇُهنب سان کوٽي ٻانگون ڏيندو هو. دفينو ڪڍي پير صاحبان لڏو پٽي الهه واهي ڪندا هئا.

MSF به لڏو پٽي فرانس وڃي رهي هئي. علي صبيح ۾ سنڌن بنگلو نهايت شاندار هو. اسانجي جاءِ ننڍي هئي. اسان فيصلو ڪيو ته MSF وارو بنگلو اسان مسواڙ تي وٺنداسين. سو انيل ۽ آئون ڊاڪٽر ڪيلي سان سنڌن بنگلي ۾ ملڻ وياسين. ڪيلي ڪئناڊا جي هئي. سنڌن بنگلو اسانجي جاءِ کان ڪو گهڻو پرتي نه هو.

ڪيلي اسانجي آدرڀاءُ ڪيو. ڪيمپ بابت ڳالهيون ٻولهيون ٿيون. هوءَ بنگالين کان ته نه پر اسانجي پروفيشنل ناليج ۽ ڪل مُڪائي کان ڏاڍو متاثر ٿي. هُن جڏهن اسانکي اردو ۾ رواني سان ڳالهائيندي ٻُڌو ته حيران ٿي چيائين،

"amazing، توهان ٻئي ساڳي ٻولي ڳالهائي رهيا آهيو، هڪ پاڪستان مان ۽ ٻيو نيپال مان آهي. پوءِ به هڪ ئي زبان؟"

مون چرچي مان چيو، "کهڙي ساڳي ٻولي، هو هندي ڳالهائي رهيو آهي ۽ مان اردو."

اها واقعي عجيب ڳالهه آهي. پنجابي ۽ سنڌي مسلمان شاهه مُکي ۽ فارسي خط ۾، پنجابي سکَ ۽ سنڌي هندو گُرمکي ۾ پنجابي ۽ سنڌي لکنداَ هئا. ساڳي ريت مسلمان فارسي ۾ ۽ هندو ديوناگري ۾ اردو لکندا هئا، پر ڇا اردو ۽ هندي مختلف اسڪرپٽ سبب به الڳ ٻوليون آهن؟ برٽس انديا ۾ انکي هندوستاني ٻولي چيو ويندو هو. هاڻي ٻنهي کي گڏي 'هِردو' چيو وڃي ٿو.

اسان نئون بنگلو مسواڙ تي وٺي ڇڏيو. مان ۽ ڊاڪٽر ڪُنتل، آفيس، ميس ۽ ٻورچيخانو اُن ۾ شفٽ ٿي ويا، باقي ٻيا سڀ انيل، يُوجي، سليپ ڪمار ۽ فاروق پراڻي جاءِ ۾ رهڻ لڳا. ٻوٻوجي ڪزن فتيحه کي ٻورچياڻي ڪري رکيو ويو. سڀجي ٽيم جا ميمبر اُتي اچي ڊائننگ ٽيبل تي ماني کائيندا هُئا.

جاپان کان هڪ صحافي آيو، هو ڪيمپون ڏسي موٽيو هو. رات جو ڊنر ٽيبل تي هن دانهون ڪيون، ”مان جاپان کان پناهه گيرن جي ڏُتڙيل حالت بابت الائجي ڇا ڇا ٻُڌي آيو هئس. هتي ڪيمپن ۾ سڀ خوش لڳا ويٺا آهن. ٻار ٽينگ ٽپا پيا ڏين. هاڻي مان ڪنهن جا فوٽو ڪڍان؟ جپان وڃي پنهنجي TV چينل کي ڪهڙو مُنهن ڏيکاريندس؟“

سڀ ڏاڍا اَميُوز ٿيا. هو ويچارو سيني جا منهن تَڪي رهيو هو. مون کيس چيو،

”ڏس جي تون اڳ ۾ اچين ها ته واقعي هنن جي ڏُتڙيل حالت ڏسين ها. رفيوجي ڪيمپن جو مطلب ئي هنن جا مسئلا دور ڪرڻا آهن. خود جبوتي جي شهرين کي شڪايت پيدا ٿي آهي ته رفيوجي ڪائنن وڌيڪ سُک ۾ جيون گذاري رهيا آهن.“

هن واويلا ڪندي چيو، ”پوءِ مان ڇا ڪيان؟“

”جي مان تنهنجو مسئلو حل ڪيان ته مونکي ڇا گفٽ ڪندين؟“

”مان جاپان TV تي تنهنجو شاندار انٽرويو وٺندس.“

”نيڪ آهي، تون صوماليين ۽ اسٽاف جا انٽرويو وٺ ته هو ڪهڙين مشڪلاتن مان گذري هتي آيا آهن.“ هو خوش ٿي ويو، ”ها بالڪل نيڪ.“

مزو اهو ٿيو جو هُو جيڏانهن به ويو اُتي صوماليين ۽ ايٿوپين انيل ۽ منهنجي تعريف ٿي ڪئي ۽ ويچاري جو مسئلو ته حل ٿيو.

ابراهيم اسانجو فارماسِسٽ هو. اسانکي جيڪي به دوائون UNHCR ۽ جبوتيءَ جي وزارت صحت کان ملنديون هيون، انجي فارميسي علي صبيح ۾ هُئي. اسان ئي علي صبيح جي سرڪاري اسپتال کي به دوائون ڏيندا هئاسين. ان اسپتال جو انچارج هڪ فرينچ ڊاڪٽر هو. عجيب ماڻهو هو. هڪ ڀيري انيل ۽ مان ساڻس ملڻ وياسين ته ڳالهائي ئي نه. اُن هڪ ڪاري عورت سان شادي ڪئي هئي، جيڪا علي صبيح کان ڏينهن جا ڏينهن ٻاهر وڃي چاڳها ڪندي هئي. ٻاهر نڪرندو هو ته علي صبيح جا ٻار ڪيس پٿر هڻندا هئا.

*

ابراهيم جي شادي ٿي. انيل ۽ مونکي خاص طور دعوت ڏنائين. جڏهن اسان وياسين ته ابراهيم گهوٽ بڻيو ويٺو هو. هڪ وڏو ڪمرو ماڻهن سان ڀريو پيو هو. اوچتو منهنجي نظر ڊرائيور حُسين تي پئي. مان زور سان سڏ ڪيو،

”حُسين!“

هن ۽ ٻين ماڻهن مون ڏانهن ڏٺو. مان ڏاڍي اسٽائيل سان چيو،

”ڪشباش!“

سڀ ماڻهو زور سان کليا، گهوٽ به ٽهڪ ڏيڻ لڳو، حُسين ڏاڍو ڦِڪو ٿيو. هو ٻين کي ڪشباش چوندو هو، اڄ هن سان پاڻ ڪشباش ٿي ويو.

اسان شاديءَ کانپوءِ ٻئي رات جي ماني ڪائي ابراهيم جي گهر ويندا هئاسين. هنجي ڪنوارِ فردوسه جي ڇهري تي عجيب ڪشش هئي، هو انيلِ ۽ مون لاءِ چانهن ناهي ايندي هئي.

هڪ ڏينهن اسان ابراهيم جي گهر چانهن پي رهيا هئاسين. فردوسه گهر اندر ويل هئي ته ابراهيم اسان ٻنهي کي چيو، ”شادي کان اڳ فردوسه جي آپريشن پوري طرح نه ٿي، ڪاشيءَ رهجي وئي آهي، اسان ٻنهي کي تڪليف ٿئي ٿي. مان ڪنهن ٻئي ڊاڪٽر ڏانهن وڃڻ نٿو چاهيان، توهان پنهنجا آهيو، ڀلائي ڪري منهنجو مسئلو حل ڪيو.“

انيل حيران ٿي مون ڏانهن ڏٺو. مون ابراهيم کي چيو، ”مون تي دوست جي گهر واريءَ جي اوگهڙ ڏسڻ حرام آهي. باقي انيل جي جيڪا مرضي.“ انيل به انڪار ڪيو.

ابراهيم اُداس ٿي چوڻ لڳو، ”جي مونکي ڌيءَ جائي ته مان پنهنجي ڌيءَ جو هرگز ٿهر نه ڪرائيندس.“

لياريءَ جيان صوماليا ۽ جبوتيءَ ۾ به بيدامر ۽ جهنگ جليبيءَ جا وڻ ٿيندا آهن. نئين بنگلي جي پوئين پڊر ۾ جهنگ جليبيءَ جا به وڻ هئا. هڪ واري مان جهنگ جليبي ڪائي رهيو هئس ته عبدالرحمٰن ڏسي ورتو جيڪو علي صبيح آيل هو، پڇيائين،

”ڇا اها به ڪائبي آهي؟“

”ها، مان ڪراچيءَ ۾ ڪائيندو هئس.“

ٻئي ڏينهن بنگالين ٻنهي وڻن کي ولهو ڏئي ڇڏيو. هڪ به جهنگ جليبي ڪانه بچي.

*

اُنهيءَ پڊر ۾ هڪ ڪچهه اوچو ننڍو چبوترو هو. مان شام جو وهنجي اُن تي ويهي ڪاري چانهن ۽ سگريٽ پيئندو هئس. شام جو فتيحه اچي مونسان دعا سلام ڪندي هئي. هڪ ڏينهن فتيحه ۽ مليحه ٻئي اچي مون وٽ هينين دِڪيءَ تي ويٺيون. مان چبوتري تي چانهن پي رهيو هئس. ٿوري دير کانپوءِ هنن صوماليءَ ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. صوماليءَ ۾ گهڻا عربي لفظ آهن ان ڪري مان ٿوري گهڻي صومالي سمجهي ويندو هئس، مان بظاهر بي خيالو لڳي رهيو هئس پر ڪن ٻنهي جي ڊائلاگ ڏانهن لڳل هئا.

مليحه: سُهڻو آهي.
فتيحه: ها، واقعي.
مليحه: وار به گُهنڊي نه پر سڌا اٿس.
فتيحه: ها ڇاتيءَ ۽ ٻانهن تي به وارَ اٿس.

صومالين کي گهڻ وار هوندا آهن. پر اِتي مونکان رهيو نه ٿيو. مان ڪين عربيءَ ۾ چئي ڏنو،
”توهان ٻئي به ته سُهڻيون آهيو.“

## غزل

**اصغر سجاڳ**

اک تارڙا پنهنجا ڪري
دل ٻارڙا پنهنجا ڪري
هي گوٽ ساوا سارڙا
سڀ چارڙا پنهنجا ڪري
هي ميرڙا، ڏکَ هيرڙا
پنج يارڙا پنهنجا ڪري
مت پيد جي دنيا ڪٿي
رنگ ڪارڙا پنهنجا ڪري
ڪائي ڪشش تو ۾ ته آ
تو پارڙا پنهنجا ڪري
درياءَ جون چوليون جهپي
دل وارڙا پنهنجا ڪري
ڪي ڪنگ پولا پيلڙا
رنگ هارڙا پنهنجا ڪري
ڪنهن وات تي ٽڪيا نٿي
پند پيرڙا پنهنجا ڪري
ڪنهن روح ۾ رونق پري
ڪِل ٽهڪڙا پنهنجا ڪري
پڪ پيارُ پيتو دل الا
اک تارڙا پنهنجا ڪري.

بس پوءِ ته ٻنهي ڏاڍو لُڙ لاٿو، ”توکي صومالي اچي ٿي، تو اسان کي دوکو ڏنو. تو اسانجون ڳالهيون ٻڌيون آهن.“ وغيره وغيره.

هڪ ڏينهن اڪيڪو اچي مونسان شڪايت ڪئي، ”ڊاڪٽر عاشق، تون مونکي ناپسند ڪرين ٿو.“

”تون ٻين سان فِري آهين پر مون سان رِزرو آهين.“


”اڪيڪو سان، مان توسان محبت نه پر تنهنجي عزت ڪندو آهيان. ڏس تون مهيني ڪن لاءِ جاپان وڃين رهين آهي. جاپان TV تي مان به پيرا انٽرويو ڏنو آهي، اُن ۾ مون تنهنجي تعريف ڪئي آهي. جاپان وڃي پنهنجي ماءُ پيءُ کان پڇ، اُهي توکي ٻڌائيندا ته هڪ پاڪستاني ڊاڪٽر تنهنجي ڪيتري نه واڪاڻ ڪئي آهي.“

اڪيڪو جڏهن جاپان کان موٽي آئي ته منهنجي لاءِ هڪ جاپاني پينٽنگ جو تحفو آنڌائين.

پراڻي جاءِ ۾، ٻوٻو ۽ مان بروبر ليٽيا پيا هئاسين. ڳالهين ڳالهين ۾ مون ٻوٻو کان پڇيو، ”هتي شاديءَ لاءِ رشتو ڪيئن ڳهربو آهي؟“

ٻوٻو اکيون مرڪائيندي پڇيو، ”ڇا ڪا چوڪري تنهنجي نظر ۾ آهي؟“ (هلندڙ)





## امين پُٽو

هئي ٻات شايد بتيءَ جي پريان
پتنگا جليا روشنيءَ جي پريان
اجا سج پوين پساهن ۾ هو
۽ وينا ها پنڇي ندي جي پريان
الئہ کھڙي اڻ تڻ ۾ گذري ڇمار
الئہ ڇا هيو زندگيءَ جي پريان
نہ تعبير جن جي حياتي لڌي
هئا خواب سپ مفلسيءَ جي پريان

❋

جي صراحي ڀري پئي آهي
دل بہ ڏاڍي ٻري پئي آهي
مڇ آهي متل کو اڳر ۾
رات ڏاڍي ٺري پئي آهي
ڇپ ڇپن مان ڪڍي اٿي بيٺي
ويندي ويندي وري، پئي آهي
ڇو هٽائي ڇڏين نہ ٿي پردا
بند ڇا لئہ دري پئي آهي

❋

سرديءَ جو مان بٽجان سئيٽر
انگن جي سگري اوري ڪر
آئون پروکو پياسو آهيان
جام اجا ڀي ساغر ۾ ڀر
دل جي ڏند ٻُسي پئي آهي
هاڻ اچي آڙيءَ جئن تر
ڏينهن ٿيا نہ پاتئي ليئڙو
دل جو ڪيڏو آهين پٿر
خواب ڪٽي نڪتو هو ڪيڏا
اڄ ڀي هن لئہ سپنو آ گھر

❋

هرڻي ڊوڙ جواني تنهنجي
ٻوڙان ٻوڙ جواني تنهنجي
پاٽي ۾ ويئي ٻاهہ لڳي
ورتو موڙ جواني تنهنجي
آئون ٻڌان تو مون ۾ ٻُڌين ٿي
دلبر چوڙ جواني تنهنجي
انگن تي انگ وڄن ڇڙهندا
ڏي ٿي اوڙ جواني تنهنجي
سونهن مٿان پئي بحث هليو
آهي ٿوڙ جواني تنهنجي

❋

سپنن ۾ ڪيسين دلبر سان گھاريندي
نيٺ سيارا پنهنجي ور سان گھاريندي
هن جي من ۾ تند وڃي ٿي چاهت جي
عمر سموري سرتي ٻَرَسان گھاريندي
جنهن جو آهي سانول ۾ ئي ساهہ ٽنگيل
سا ڪيئن پنهنجي ور ۽ گھر سان گھاريندي
ڄام تماچي پيار منجهان آ ياد ڪيو
هاڻ حياتي هوءَ ڪينجھر سان گھاريندي
نيرون، نيرڳ، آڙيون من پسي ٿو پيو
دل خوش ٿي، هاڻ تہ منڇر سان گھاريندي

❋❋❋



## حنيف عاطر

ساهہ کي ڪونہ ساهہ سمجھي ٿو
جيڪو سرمد جي راهہ سمجھي ٿو
ڪوئي سرڪش اڏول روح آهي
سر جُھڪائڻ گناهہ سمجھي ٿو
سمنڊ اُن جي نظر ۾ بي معنيٰ
جو اکين جو اُٿاهَہ سمجھي ٿو
عشق پهريون دفعو ڪرڻ وارو
ڪٿ لڳي آهي ٻاهہ، سمجھي ٿو
تنهنجي دِل کي اسانجو من جانان
پيار جي بارگاهَہ سمجھي ٿو
آهي عاطر جو ساهہ ڪان ويجھو
پيڙ سمجھي ٿو، آهَہ سمجھي ٿو

❋

## شير محمد هاليپوٽو

اسانکي گلابن آ، روئي ٻڌايو
خزائن جي قاتل هٿن کي هٽايو
خوابن جا نيرا ٽٽا اُپَ آهن
حياتين جا ڇا لئي ڏيئا ٽا اجهايو
نهارن کي هر حال رکجو مقدم
نہ ڪومل اکين جي سچائي جُھڪايو
صدين تائين گونجي ٿي مٿي ۾ جيڪا
اُها ڪوڪ سنڌ جي سپن کي سُٽايو
جڏهن تر جي چاندوکي سڏکي پئي
تڏهن جَر اکين مان ڏنارن وهايو
پکين جون اُڏارون ويون ڪونجون ڪسجي
ننڊٽکي نہ نگري شڪاري ٻٽايو
اچو ڪاڪلن مان ڇڏيون ڏوڙ ڇاڻي
مڙي شير گڏجي ڪا محفل مچايو.

❋

## حسين جاگيراڻي

هي بيدرد صبحون هي بي ڪيف شامون
اسان جن ۾ پڄرون اسان جن ۾ ڪامون
نہ پرواز من ۾ نہ تحريڪ تن ۾
نہ هستي وٽن ۾ نہ مستي ۾ لامُون
درندن، پرندن کي چيريو ۽ ڦاڙيو
فضا سوڳ ۾ آ سنياري اڏامون
مسلسل ٽا جهاڳيون مسلسل تياڳيون
اجهامي ٻرون ٽا ٻري ٽا اُجهامون
جڏهن دل کي ڪامل بصيرت عطا ٿي
زماني جا سپ رنگ ڏنڌلا ڏٺا مون
زمانا ڏٺئہ سنڌ جي سُورمن کي
پلي سِرَ ڏنائون، ڏنائون نہ سامُون


❋



## سرواڻ سنڌي

سج شايد آهي ڇڻ سڪرات ۾
چانڊني لٿجي وئي اڌ رات ۾
چاهتن جو چنڊ آ اجڙي ويو
مرڪ ميري ٿي وئي پرڀات ۾
تون ڪٽي وئين وحشتن جي ور چڙهي
قيد آئون ٿي پيس حالات ۾
جنوري جي سانجھہ آ سڏڪي پئي
ساڻ ناهين تون سڄڻ جو ساٿ ۾
محل جي ڳڙڪي مان تو منظر ڏٺو
گھر ڪچي کي ٻر سندو برسات ۾
ها پرين مضبوط هئي پٿر جيان
تو وڏا پر درد دل محلات ۾

❋




## روپ راهي، مٺي ٿرپارڪر.

وقت آهستي آهستي ٻيرانگهون پريندو اڳيان نڪرندو پيو وڃي. پر ادب جي ڪيتر ۾ ائين لڳي رهيو آهي ته اسان وڏيون ٻرانگهون ڪٽندا پوئتي وڃي رهيا آهيون. الائي ڇو سوجهري مان خطن وارو سلسلو ختم ڪري ڇڏيو اٿو. گهٽ ۾ گهٽ دوستن جي ذهن، پروڙ ۽ سمجهه جي خبر پوندي هئي ته ڪير ڪيترو ساجاهه وند آهي. هڪ ٻن پرچن کان ڏسان پيو ته توهان جو شايد سوجهري تان ڌيان گهٽبو پيو وڃي يا شايد منهنجي ناسمجهي آهي. ٻڌڻ ۾ اچي پيو ته اڳ جيان هاڻي به هڪ اڌ شاعرن پاڻ کي پٽائي ڪانپوءِ ٻيو نمبر وڏو شاعر چوڻ شروع ڪيو آهي. پهرين اهي اياز ڪانپوءِ پنهنجو پاڻ کي وڏو شاعر چوندا هئا پر هاڻي اياز پوئتي رهجي ويو آهي ۽ همراهه وڃي پٽائي کي چنبڙيا آهن. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ٻڌڻ ۾ ايندو ته پٽائي ڪجهه ڪونهي، اسان ته ان کان به اڳيان آهيون، ڪانءَ کي 'لڙ ۾ مزو' واري چوڻي هاڻي اهڙن ماڻهن تي سئو سيڪڙو ٺهڪي اچي پئي، حفيظ باغي به هاڻي پٽائي سان هام هڻڻ لڳو آهي ۽ مون کي وتائي فقير وارو قول ياد اچي ٿو ته، "پڇين وتائي تي ڪونه ٿو ۽ ڪرين ٿو الله الله". تاج صاحب ثاني پٽائي جو نظم ته پڙهه، اصل همراهه پٽائي کان به وڏو شاعر ٿو لڳي. اهڙن شاعرن کي ته هاڻي پوڄڻ گهرجي جو ايڪهين صدي ۾ اهڙا الله لوڪ ۽ اعليٰ پائي جا شاعر موجود آهن. هاڻي ڪڏهن پکين جي پيرن به اڏامون ڪيون؟ اڏام پرن وسيلي ٿيندي آهيءِ همراهه جڏهن لهرن تي پکين کي لاهي ٿو ته اهي لهرون نچڻ لڳن ٿيون. اچرج جو مقام آهي جو مشاهدي ۽ مطالعي کان وانجهيل به پاڻ کي هاڻي پٽائي ثاني چوڻ لڳا آهن. جڏهن ته جديد موزون شاعري ۾ پنهنجي همعصر عهد جي سرواڻ يا فخر جوڳن قلمڪارن جي رتبي جي پيرن جي رڪ کي به نه ڇُهي سگهيا آهن. حقيقت ۾ لهرن تي پکي نچندا آهن ۽ نه وري پکين وسيلي لهرون نچنديون آهن. شال پاڻ به ان کي پڇي سگهون، باقي لڳي ڪونه ٿو. همراهه جي گرامر جو جائزو وٺبو ته ان ۾ به هو ٿاٻڙيل نظر اچي رهيو آهي. جنهن کي پنهنجي ٻولي ۽ ٻولي جي گرامر جي پوري پروڙ ڪونهي اهو به هاڻي جيڪڏهن ثاني پٽائي ٿئي ته پوءِ پاڻ جهڙن گهڻن کي ٽپڙ ويڙهڻا پوندا.

گهڻا همراهه اصلاح تي ائين چڙيو پون جو ڄڻ ته ڏين تي رلي رکڻ بنا ويهي رهيا هجن. اصل ۾ ميار اهڙن تي ناهي پر اها هڪ سوچ آهي جنهن کي پاڳلپڻو يا انگريزي ۾ Hallucination چئبو آهي ۽ ان ڪيفيت ۾ همراهه پنهنجي وس ۾ ناهن هوندا. سنڌي ۾ چوڻي آهي، 'ڄٽ پڙهيو لوڪ اڙيو' سو اهڙيون چوڻيون ڏاها اهڙن ئي ماڻهن لاءِ چئي ويا آهن. پاڻ ڪجهه نٿا ڪري سگهون. اهي اسان جي سماج جو حصو آهن ۽ انهن 'گرن گنجن' کي به عظيم تر مفاد ۾ برداشت ڪرڻو آهي. شيخ اياز به ته لطيف ثاني هجڻ جون دعوائون ڪيون هيون، 'وڏي احترام هوندي' پر هاڻي هن کي ڪو ياد ڪرڻ وارو آهي. اهڙي وڏي شاعر کي ئي ٻين وڏن ليکڪن جيان، جهڙي ريت وساريو ويو آهي ته پوءِ هن قسم جا همراهه پاڻي تي ٻوٽي جيان ناهن. حنيف عاطر، شير محمد هاليپوٽو ۽ ٻين کي سوجهرو ڇاپي رهيو آهي نه ته 'ڪٿي راجا ڀوڄ ۽ ڪٿي گنگو تيلي؟ ' سوجهرو جو اعليٰ معيار قائم ڪيو اٿوَ ته ان جو هاڻ ڀرم به رکو.

پرويز جي ڪهاڻي هروڀرو جو لڙ آهي. ڪهاڻي ۾ ڪو به بهتر پيغام ڪو نه هو. افسوس جي ڳالهه آهي ته هيڏو وڏو ڪهاڻيڪار ۽ پنهنجو پاڻ کي سنڌي ٻولي جو پارکو سمجهندڙ کي اها به خبر نه آهي ته ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻ يا ڪنهن جي اڳيان اچڻ کي 'مانڊان' نه پر 'مهندا' چئبو آهي، همراهه مهندا کي 'مانڊان' لکيو آهي. مون سمجهيو ته اها شايد هڪ جاءِ تي پروف جي چڪ هجي پر ٽن چئن هنڌن تي ساڳيو لفظ لکيل آهي، جنهن مان اها خبر پوي ٿي ته اها اداري جي چڪ نه پر ليکڪ جو ناياب مشاهدو ۽ ٻولي تي عبور آهي. واهه واهه !! سنڌي ادب ڪيڏي نه ترقي ڪئي آهي ۽ ايڪهين صدي ۾ اسان نوان نوان لفظ ايجاد ڪري رهيا آهيون. پرچي ۾ جيڪي لکڻيون پسند آيون، تن ۾ ڊاڪٽر رخسانه پريت ۽ هدايت ڏيپر جي شاعري شامل آهي. نثري نظم جي شاعر چندر ڪيسواڻي جو شايع ٿيل غزل فيس بڪ تي ۽ اخبارن ۾ اچي چڪو آهي. اهڙيون لڀيل شيون نه هلايو ته بهتر ٿيندو. حسين جاگيراڻي هاڻي پيار ۾ به سياست ڪٽي آيو آهي ۽ عاشق کي اميدوار بڻائي ڇڏيو اٿس. هٿ شاعري ايئن ٿيندي آهي، اهو آهي نئون گهاڙيٽو، نئون جذبو ۽ نئون مشاهدو. شال اسان پارن کي به خواب ۾ ڪو اهڙو مشاهدو نظر اچي جو اسان به هٽي وڃي هنڌ ڪيون . ۽ ملڪ ۾ ڪو ٻائيتال مچايون. پر لڳي ٿو اسان کان ائين نه ٿيندو. توهان جي نظم ۾ 'ڇهري ڇهري تان اڪيون لٽجي ويون ' ڏاڍي اتساهيندڙ ۽ غنائيت سان ڀرپور تشبيهه آهي، جو دل چوي ٿي ته توهان کي وري وري جَسُ ڏجي. ويچاري پريت گهمرو کي ڪنڌ ۾ اڪين جي اشتهار وانگر هلايو اٿو. اهو سراسر ظلم آهي. اوهان به بادشاهه آهيو ڪڏهن ماين کي وڏو لوڙهو ڏئي ٻاهر ٻيهاريندا آهيو، ڪڏهن وري ڪنڌ ۾ لفافي تي لڳل ٽڪلي وانگر ڪري ڇڏيندا آهيو. ها سائين، ٻروچ آهيو مرضي جا مالڪ آهيو. هڪڙي تجويز آهي ته هر ليکڪ جي هڪ هڪ لکڻي هلائي وڃي ته بهتر ٿيندو ڇو ته ان سان ٻين ليکڪن جي رستا روڪ ٿي رهي آهي. ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي جو سفرنامو ڪشباش دلچسپ آهي ۽ پڙهندي مزو ايندو آهي. 'زن مريد' هاڻي ڊيگهه ڪري ويو آهي. ناول کي قسطوار پڙهندي ڪڏهن به مزو ناهي ايندو. ها، پر شيام ڪمل جون ننڍيون ڪهاڻيون ۽ آتم ڪٿا 'پاتم جهاتي جهان ۾' سوجهري جي سونهن آهي. ٿر تي سيءَ جي موسم ڇانئجي وئي آهي ۽ هاڻي چونئرن مان اتر جي هوا جا خوبصورت آواز نڪري رهيا آهن، مٺي شهر اوهان کي اچا ياد ڪري ۽ ساري پيو. اميد ته هتان به چڪر هڻي ويندا.

*(ادا سائين، ياد ڪرڻ لاءِ مهرباني. منهنجي نظم ۽ ٻئي مواد جي واکاڻ لاءِ ٿورائتو آهيان. حفيظ باغي اهڙي دعويٰ ڪهڙي هنڌ ڪئي آهي، ان جو اوهان ثبوت نه ڏنو آهي. ثبوت کان سواءِ الزام تراشي ٻنهه نه جڳائي- ت.ب)*

## نعيم سولنگي، فقير جو ڳوٺ ڪراچي.

گهڻن ڏينهن بعد اوهان سان مخاطب آهيان. دل کي ڏاڍو ڏڍ آهي ته اوهين، علم ۽ ادب ذريعي، پنهنجي ديس ۽ ٻوليءَ جي خدمت ۾ رُڌل آهيو. ڏٽي اوهان کي صحت سان وڏي ڄمار عطا ڪري. آمين.

ڪجهه ڪمن ڪارين جي مصروفيت ۽ مٿان شهر جي ڏتڙيل معاشي ۽ معاشرتي صورتحال، اصل موڳو ڪري ماريو آهي . ڪافي وٿيءَ ڪانپوءِ نئين سال جو پرچو ڏسي ۽ پڙهي پنهنجا ويچار اوهان سان شيئر ڪري رهيو آهي.

ٿچ مي پليز... پڙهي، اوهانجي لوچ ۽ لوچ سميت اوهانجي خوبصورت نثر ۾، ڪائنات جي دريافت بابت احوال پڙهي اوهان جي منفرد سوچ تي داد نه ڏيڻ ناانصافي ٿيندي. نقادن اوهان کي غزل ۽ نظم جو وڏو شاعر قرار ڏنو آهي. پر مونکي اوهان جي شاعري جيان اوهانجو نثر به شاعراڻو ۽ نون ويچارن ۽ جذبات جي اڇل سان ڀرپور لڳندو آهي. هن پرچي ۾ اوهانجو نظم، 'خواب مقتل گاهه جي زينت بڻيا' ڏاڍو پسند آيو . غزلن ۾ جوش صاحب ۽ هڪ ٻي بزرگ شاعر منير سولنگي جا غزل بيحد وڻيا . ڊاڪٽر پريت، حسين جاگيراڻي، رحمت سومرو، امين پٿو ۽ حفيظ باغي جا غزل وڻندڙ هئا. نظمن ۾ باغي صاحب جي نظم ۾ ڏاڍا تضاد موجود هئا . اداسي جکراڻيءَ جي نظم ۾ هڪ درد لڪل آهي، جنهن جو مشاهدو انهن ماڻهن ۽ علائقن جي ماڻهن کي هوندو، جيڪي شهري ڪاتن ۾ نوڪري نه ملڻ جي ڪري فوج ۾ ڀرتي ٿين ٿا .

سوجهرو جي نثر واري ڀاڱي ڏانهن مون جيڪي محسوس ڪيو آهي ته اوهانجو گهڻو تڻو خيال نثر جي پاسي ڏانهن هوندو آهي . ۽ نثر جي ڏس ۾ سوجهرو هر لحاظ کان مٿانهون رسالو آهي . هن پرچي ۾ ڊاڪٽر سڏايو صاحب ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ اشاريت جي ڳالهه ڪئي آهي. اشاريت جو منظرنامو، ايڏو نصابي ڪٿي آهي؟ ڊاڪٽر صاحب کي گهرجي ته انهيءَ ادبي لاڙي جي حوالي سان لکي پڙهندڙن جي ٻاڙ پوري ڪري سگهي ٿو . سندس هيءَ لکڻي اڻپوري ۽ تاس وڌائيندڙ محسوس ٿي. سومري صاحب، ڀٽائيؒ کي خاص عينڪ سان پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن سان جديد سوچ وارا ماڻهو اتفاق نه ڪندا هجن. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڀٽائي بابت هر سوچ جو رستو نه روڪڻ گهرجي. ۽ اهو ڪم به متڀيد کان مٿانهون ٿي ڪندا رهيا آهيو. شيخ اياز سان فڪري اختلاف رکندي به ان جي پڻپرائي ۾ آيل مواد به ڇاپيندا رهيا آهيو. اها پڙهيل لکيل ايڊيٽر جي سڃاڻ آهي.

فڪشن وارو ڀاڱو هر پرچي جيان هن ڀيري به زبردست ۽ سوچ جا نوان دائرا اڇيندڙ مواد آهي. ڊاڪٽر رسول ميمڻ ۽ سوجهرو هاڻ هڪ شيءِ محسوس ٿي رهيا آهن. ڊاڪٽر صاحب جي ناول، 'قالوبلا' جو پهريون باب ئي سوچ جي نين وسعتن سان همڪنار ڪري رهيو آهي. 'اکين ۾ ٻُڏي ويل دريا' رومانس جي اعتبار کان خوبصورت ۽ ڪردارن جي ڇتڪتائي هوندي به محبت جو عنصر غالب اچيو وڃي ٿو. ۽ سوڍي امڪاني پريشانين جي هوندي به سنگهار جو سهارو بڻجي ٿي. پرويز جي لکت جو لاڙي لهجو، ڪردارن جي واتان ڏاڍو مزو ڏيندو آهي. يونس همدم جي ڪهاڻي ۾ ڏاڍي شدت ۽ سادگي هڪ ٻي سان گڏجي، هڪ واردات جو سادو بيان ظاهر ڪيو آهي . لياقت رضوي صاحب، تجريديت جو شڪار ٿي، سٺي پلاٽ ۽ موزون ڪردارن کي هڪ ٻٽاڪي لهجي سان خراب ڪيو آهي. درست آهي ته بيساختگي ادبي اظهاريت لاءِ لازمي آهي . پر تجريد ايڏي سوڙهي ۽ ڳوڙهي نه هجي جو ٻي ساختگي بي معنويت جو شڪار ٿي وڃي. بهرحال وڏو ڪهاڻيڪار آهي، پر هن ڪهاڻيءَ کي ڪاري وينٺو آهي، انور شيخ صاحب جي ڪهاڻي، 'سُرمائي' جي سرور ۾ اچا گرفتار هئاسين ته مٿان کان، 'شهمير خان' به پهچي ويو.

شيخ صاحب جي تصوير مان هو نوجوان ٿو لڳي. پر ڪهاڻيءَ ۾ هن جو تجربو، ٻولي، ڪردارن جو تاجي پيٺو ۽ ڀرندڙ سماج ۽ انجي ڪردارن جي نفسياتي تجزيو جنهن مهارت ۽ ٻي باڪيءَ سان ڪيو آهي، ان مان اوهان واري اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته سنڌي ڪهاڻي کي اچا وڌيڪ اوج ماڻڻي آهي. ڪهاڻي کي گولي لڳڻ واريون ڳالهيون ٻاراڻي ونجهه وٽي راند جيان آهن. انور شيخ جون ڪهاڻيون امڪاني طور تي ادب جي روشن آئيندي جو اهڃاڻ آهن. ڪٿي ڪٿي نسيم ڪرل ۽ بادل جمالي جون سِڪون لاهي ٿو.

اوهان جي نون ڪتابن جي اشاعت تي واڌايون هجن. ■